# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

خالد آزاد

[جلد ٽيون]



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



## خالد آزاد

### ڇپيل ڪتاب

1. جيجل جي هنج ۾ [ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون] 2001
2. جانورن جو بادشاهه [ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون] 2001
(خير محمد لغاريءَ سان گڏ ترجمو)
3. ڏاها ٻائر [ٻارن لاءِ ڪهاڻيون- ترتيب] 2001
4. سج ايرڻ ڪانپوءِ [ٻارن لاءِ ناول] 2005
5. شاهه لطيف: سنڌي ٻولي ۽ سماج 2007
[ لطيفيات - ترتيب]
6. دفتري لغت [خان محمد جروار سان گڏ] 2010
7. مڪنيءَ جا ڦُلا [ٻارن لاءِ ڪهاڻيون- ترجمو] 2013
8. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ [ جلد-I] 2016
9. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ [ جلد-II] 2016
10. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ [ جلد-III] 2016

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ

[ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن، اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن،
ڊرامن ۽ ريڊيو- ٽي وي پروگرامن جو تحقيقي جائزو]

(جلد ٽيون)

soorihsindhiadab

تحقيق ۽ تصنيف
**خالد آزاد**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ
2016ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (256)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)

[ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن، اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن، ڊرامن ۽ ريڊيو- ٽي وي پروگرامن جو تحقيقي جائزو]


تحقيق ۽ تصنيف: خالد آزاد

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: زبير سومرو ۽ نذير چانڊيو

ٽائيٽل: نعيم ديسوالي

ڇاپو: پهريون: نومبر، 2016ع

تعداد: 1000

قيمت: 300/= رويپا

ناشر: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

**Catalogue Reference**
Azad Khalid
History of Sindhi Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-063-0

**HISTORY OF SINDHI CHILDREN'S LITERATURE (Vol.III)**

| | |
|---|---|
| Research: | Khalid Azad |
| Edition: | 1st 2016 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.300/= |
| Composing: | Zubair Soomro & Nazir Chandio |
| Title: | Naeem Deswali |
| Published by: | Dr. Abdul Ghafoor Memon, Chairman, Sindhi Language Authority National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakeeza Printers, Hyderabad, Sindh |

هيءُ ڪتاب، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپرائي اداري جي آفيس نيشنل هاءِوي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

soorihsindhiadab

## انتساب

- شهيد قربان علي شيخ جي نالي

ڄَر تي ڇَڏيئہ پَيرڙا، ڪري هَنج اُڏار،
سڄڻ! ٿنهنجي سارَ صَديون رهندي ساهہ ۾

(شيخ اياز)

■ خالد آزاد

# فهرست

ناشر پاران

پنهنجي پاران

| تفصيل | صفحو نمبر |
|---|---|

## باب پهريون


ٻارن جون خالص علمي، ادبي

تنظيمون:

[2015- 1923]

■ ٻارن جي خالص ادبي ۽ علمي تنظيمن جو تحقيقي جائزو 17-22

■ ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن جو تعارف 22-54

ٻالڪن جي ٻاري، بزم گلستان، حيدرآباد، بزم گلشن سنگت سنڌ، بزم گلزار نئون سج، ٻارن جي محفل، سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت، سنڌي ٻالڪ سنگت، جوت ٻارڙا سنگت، ٻالڪ منڊل، پرھ ڦٽي تنظيم، پرڀات ٻالڪ سنگت، ٻالڪ ادبي فورم سنڌ، روشن تارا تنظيم، ڪنول گل ٻارڙا سنگت، مرڪنڌڙ چهرا سنگت، سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت، گلشن ٻارڙا سنگت، يوٿ رائيٽرس فورم سنڌ، گلشن ٻالڪ سنگت سنڌ، ادا سائين چلڊرينس اينڊ يوٿ سوسائٽي.


## باب ٻيو


اخبارن جا هفتيوار ٻار اڻا صفحا ۽

انهن سان لاڳاپيل تنظيمون:

[1999- 1958]

■ اخبارن ۽ لاڳاپيل تنظيمن جي هفتيوار ٻاراڻن صفحن جو تحقيقي جائزو 55-58


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■ اخبارن جي هفتيوار صفحن ۾ لڳاپيل تنظيمن جو تعارف 58-75
ٻارڙن جي ٻاري (روزاني عبرت، حيدرآباد)، ڦلواڙي (روزاني خادم وطن، حيدرآباد)، گلن جهڙا ٻارڙا (روزاني هلال پاڪستان)، ٻارڙن جي محفل (روزاني آفتاب، حيدرآباد)، ٻارن جي دنيا (روزاني آفتاب حيدرآباد)

## باب ٽيون

### سنڌي اخبارن جا هفتيوار

### ٻاراڻا ادبي صفحا:

■ سنڌي اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن ادبي صفحن جو تحقيقي جائزو 76-77
■ سنڌي اخبارن جي هفتيوار ادبي صفحن جو تفصيل 78-96
ٻاراڻي محفل (روزاني هلال پاڪستان، حيدرآباد)، معصومن جي مجلس (روزاني مهراڻ، حيدرآباد)، ماهوار 'سائنس' رسالي جا ٻاراڻا صفحا، معصومن جي محفل (روزاني خادم وطن، حيدرآباد)، ٻاراڻي دنيا (روزاني خادم وطن، حيدرآباد)، ٻارڙن جي محفل (روزاني خادم وطن، حيدرآباد)، ٻالڪ رنگ (عبرت مئگزين' جو ٻارن جو صفحو)، ٻارن جو صفحو (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)، ٻارڙن جي ٻاري (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)، گلستان (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)، ٻارڙن جي ٻاري (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)، ٻالڪ رنگ (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)، جوت (روزاني عوامي آواز ڪراچي)، مهراڻ جا موتي (روزاني مهراڻ، حيدرآباد)، جاڳو ٻالڪ (روزاني جاڳو ڪراچي)، ٻارن جي بختور (روزاني بختور، حيدرآباد)، رم جهم (روزاني هلچل، حيدرآباد)، سنڌ سرهاڻ اخبار روزاني تعمير سنڌ جو ٻارڙن جو ڪارنر، مکڙيون (روزاني هلچل،

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيدرآباد)، سرهاڻ (روزاني هلچل، حيدرآباد)، ڪلچرل ڪارنر (روزاني ڪاوش، حيدرآباد)، ٻارن جي دنيا (روزاني سُڪار، حيدرآباد)، شعور (روزاني فيصلو حيدرآباد)، چنڊ تارا (روزاني سنڌ ايڪسپريس)، تارا ڏرتيءَ جا (ڪاوش مڊ ويڪ مئگزين) ٻالڪ رنگ (عوامي آواز سنڌي مئگزين)، ٻارن جي دنيا (روزاني فتح نيوز حيدرآباد)

## باب چوٿون

■ اخبارن جي ٻاراڻن صفحن جا انچارج ۽ تنظيمن جا مشهور اڳواڻ: 97-116

آفتاب گل رند، احمد خان شيخ، امتياز نور ڪنير، ٻائو در محمد برڙو پاروتي / پاربتي تي گدواڻي، پير مظهرالحق، حسام سومرو خدا بخش ابڙو دادا شيوڪ ڀوڄراج، رحمت الله ڪنير، رخسانہ عاقلاڻي، روشن سندر چانڊيو زرار پيرزادو زوار نقوي، سندر سنڌي، غلام مرتضيٰ پٽي، قربان علي شيخ، قربان منگي، محمود يوسفاڻي، ناز نصر الله مهر، ناصر جمال پناڻ، همسفر گاڏهي

## باب پنجون

سياسي پارٽين جي نگراني ۽ هيٺ هلندڙ ٻارن جون تنظيمون:

[2013- 1973]

■ سياسي پارٽين جي ٻارن لاءِ قائم ڪيل ذيلي تنظيمن جو تحقيقي جائزو 117-120

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■ ذيلي تنظيمن جو تفصيل 120-162
چٽنگ سنگت سنڌ، سجاڳ ٻار تحريڪ، ساٿي ٻارڙا سنگت، لطيف سنگت سنڌ، سنڌ ٻارڙا سنگت/ بزم ساٿي، سنڌ ٻالڪ قومي اتحاد، سنڌ دوست ٻالڪ تنظيم، ترقي پسند لطيف سنگت، جيئي سنڌ لطيف سنگت، جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت

## باب ڇهون

■ تنظيمن جا سرگرم ۽ مشهور اڳواڻ: 163-172
اسد جتوئي، اظهار سومرو اعجاز منگي، خدا بخش جويو خير محمد عاشق سولنگي، سرواڻ جوکيو سرور سهتو سلمان وڌو شفيق ڪانڌڙو عثمان ڪنير، ناز سنائي

## باب ستون

ناٽڪ منڊليون، اسٽيج ۽ ريڊيائي ناٽڪ.

نيبلوز ۽ خاڪا:

■ ناٽڪ منڊلين، اسٽيج ۽ ريڊيائي ناٽڪن جو تحقيقي جائزو 173-175
■ ناٽڪ منڊلين، اسٽيج ۽ ريڊيو ڊرامن جو تفصيل 175-183
ڊيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي، نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي، نوديالا هاءِ اسڪول آس جي ٽولي، شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپورخاص، ٻارن لاءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپيل ناٽڪ

## باب اٺون

ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل

ٻارن جا اخباري صفحا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

■ ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل اخباري صفحن جو
جائزو ۽ تفصيل 184-188

ٻال جڳت (روزاني هندو احمد آباد)، ٻال جڳت (روزاني فرض، ڀوپال)، آئيندي جا ابا (نيو سنسار سماچار ممبئي)، ٻال جڳت (روزاني نگرواسي، الهاس نگر)، ٻارن جي ڦلواڙي (هفتيوار هندواسي، ممبئي)، ٻال سيا (هفتيوار سنڌو ڌارا، ممبئي)، ٻال واڙي (هفتيوار چيتي چنڊ، نڙياد)، آئيندي جا ابا (هفتيوار مهراڻ، الهاس نگر)، ڀهڪندڙ ٻارڙا (هفتيوار زندگي، احمد آباد)، هي دنيا ٻارن جي (هفتيوار سنت ڪنور رام، اجمير)، ڦلواڙي (ماهوار سوجهرو الهاس نگر)، ٻال سنسار (ماهوار مارئي، احمد آباد)، ٻاراڻي ٻاري (ماهوار ميار اجمير)، ٻال سنسار (هفتيوار سورج، احمد آباد)، ٻال سيا (هفتيوار سنگيتا، ٻڙودا)، ٻال سنسار (هفتيوار فلمي تصوير، ممبئي)، ٻال جڳت (ماهوار سهڻي، جئپور)، نانيءَ جون آکاڻيون (ماهوار نئين زندگي، جبلپور)، ٻال تصويري پرولي (ٽماهي نذرانو بئنگلور)، ٻاراڻيون ٻوليون (ماهوار ڪونج، ممبئي)، ٻال جڳت (روزاني هندو احمد آباد)

## باب نائون

■ ريڊيو ۽ ٽي وي پروگرام: 189-200

ٻارن جي ٻاري (ريڊيو پاڪستان حيدرآباد) مکڙيون (ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو)، روشن تارا (پي ٽي وي، ڪراچي)، ڪڊز ڪارنر / ڪڊز پلانيٽ (ڪي ٽي اين) سر جا ساٿي، ڪڊس مينيا، سنڌ سلامت ٻارڙن جي دنيا، ٻارن جي دنيا (انڊس نيوز جو ٻارن جو صفحو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخن جي اشاعت جي ڏس ۾ پهريون پيرو اسان 'سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ' ٽن جلدن ۾ ڇپائي پڌري ڪري رهيا آهيون. هن ادبي تاريخ ۾ پوين ڏيڍ سؤ سالن دؤران ٻارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل نثري توڙي شعري ادب جو تحقيقي جائزو ٻارن جي رسالن ۽ ڪتابي سلسلن جو مڪمل تفصيل، سنڌي اخبارن پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي هفتيوار صفحن ۽ انهن سان لاڳاپيل علمي ادبي تنظيمن جو تحقيقي جائزو ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جي پروگرامن جا تفصيل ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ اديبن ۽ شاعرن توڙي ايڊيٽرن جا مڪمل تعارف شامل ڪيا ويا آهن. اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي هي جامع تاريخ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي محققن لاءِ هڪ اهم تحقيقي ۽ حوالاجاتي مواد طور ڪم ايندي.

ٻارن جي ادب جي تاريخ جي هنن ٽنهي جلدن تي ماهراڻي راءِ ۽ ايڊٽنگ جو ڪم ڊاڪٽر ادل سومري، جناب نصير مرزا ۽ جناب مختيار ملڪ ڪيو آهي، ان لاءِ آئون هنن صاحبن جو ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ پنهنجي اشاعتي ٽيم جي محنتن کي پڻ ساراهيان ٿو جن وقت سر هن اهم تحقيقي ڪم کي ڇپرائي پڌرو ڪيو.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمين

نومبر، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ٻارن جي ادب جي تاريخ' جو ٽيون جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي. سچ ته مون کي اڄ بيحد خوشي ٿي رهي آهي، جو منهنجو خواب ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ تعبير ٿي چڪو آهي ۽ هن اهم تحقيقي ڪم جا ٽي جلد ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. گذريل ڏهن سالن کان وٺي مون مسلسل هي ڪم پئي ڪيو آهي - ۽ جيئن ته هن ڪم کي پنهنجي وت ست آهر معياري بنائڻ ۽ تحقيقي گهُرجون پوريون ڪرڻ لاءِ مون کي فيلڊ ورڪ ڪرڻ ۽ لائبريرين ڦلهورڻ جي ضرورت هئي، ان ڪري هن ڪم کي مڪمل ٿيندي ٿيندي ڏهن سالن جو عرصو ٿي ويو.

سنڌي ادب جون تاريخون گهٽي ڀاڱي هڪجهڙي جو ئي 'آئينو ۽ اولڙو' آهن. انهن ۾ شامل مواد، سنڌيءَ جي ٻين آڳاٽين ادبي تاريخن ۾ آسانيءَ سان مُيسر آهي، جن کي آڏو رکي نيون تاريخون لکيون پئي ويون آهن، پر ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ٻارن جي ادب جي تاريخ' تي پهريون ڀيرو ڪم ٿيو آهي، ان ڪري مون کي حوالاجاتي مواد طور سواءِ چند ادبي تاريخن جي، ٻيون ادبي تاريخون ڪا گهٽي مدد نه ڪري سگهيون. نتيجي طور مون کي لائبريريون ڦلهوڙيون پيون، پراڻيون اخبارون ڏسڻيون پيون ۽ مختلف شهرن ۾ وڃي فيلڊ ورڪ ڪرڻو پيو.

هن جلد ۾ شامل مواد لاءِ مون لڳ ڀڳ 60 سالن جون مختلف سنڌي اخبارون ڏٺيون ۽ مهينن جا مهينا لائبريرين ۾ ويهي ڪم ڪيو. اخبارن مان مون کي ٻارن جي هفتيوار اخباري صفحن ۽ انهن سان لاڳاپيل علمي، ادبي تنظيمن جو تفصيل ته ملي ويو پر سياسي پارٽين جي ٻارن جي ذيلي تنظيمن جي تفصيل لاءِ وري به مون کي فيلڊ ورڪ ڪرڻو پيو ۽ مختلف سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري انهن کان مدد حاصل ڪرڻي پئي.

هن جلد ۾ شامل مواد جي سلسلي ۾ جن دوستن منهنجي مدد ڪئي، تن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. منهنجي دوست وفا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مولابخش** جڏهن سنڌي ٻاراڻي ادب جي هڪ مخصوص دؤر تي ايم اي جو مونوگراف پئي لکيو تہ اسان هڪٻئي کي مواد ڏنو ۽ ورتو. ڪن اخباري صفحن بابت تفصيل هُن مون کي ڏنا تہ ڪجهہ مواد مون کيس ڏنو. تحقيقي رهنمائيءَ جي ڏس ۾ هميشہ مون **سائين تاج جويي** ۽ **ڊاڪٽر اسحاق سميجي** کان مدد ورتي، جڏهن تہ سائين **سرور سهتي**، **سُهيل سانگي**، **ادريس جتوئي**، **اظهار سومري**، **عاشق سولنگي**، روشن برهماڻي ۽ هوش محمد ڀٽي سياسي پارٽين پاران قائم ڪيل ٻارن جي تنظيمن بابت معلومات مهيا ڪئي. ان لاءِ آئون انهن سڀني جو احسانمند آهيان.

هن تحقيقي ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ شايد اڃا بہ گهڻي دير ٿئي ها، پر مسلسل ٽن مهينن تائين منهنجي دوست **زبير سومري** مون سان گڏ ويهي هن ڪم کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي، مواد ڪمپوز ڪيو. دوستن سان فون تي رابطو ڪيو ۽ ائين ئي هي ڪم مڪمل ٿيو. ان کان سواءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمين **سرفراز راڄڙ** پنهنجي سائين **امين لغاري** ۽ گڏ ڪم ڪندڙ ٻين دوستن جو نہ رڳو تعاون حاصل رهيو پر انهن هن ڪم جي تڪميل ۽ اشاعت لاءِ پڻ وڏي دلچسپي ورتي، ان لاءِ آئون سڀني ٿورائتو آهيان. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ **سائين ادل سومري** هن جلد تي نہ رڳو ماهراڻي راءِ ڏني، پر مناسب ايڊٽنگ بہ ڪري ڏني. ان لاءِ آئون سائين **ادل سومري** جو احسانمند آهيان.

هن موقعي تي آئون پنهنجي پياري پاءَ ۽ دلبر دوست **قربان عليءَ** کي ياد ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهان، جنهن جي وڏي خواهش هئي تہ منهنجو هي تحقيقي ڪم جلدي ڇپجي منظرعام تي اچي ۽ هُو ڪيترو ئي عرصو مون سان هن ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو رهيو. اڄ هي ڪم مڪمل ٿي اوهان جي هٿن ۾ آهي، پر **قربان** نہ آهي! ڪاش هُو هجي ها تہ اڄ ڪيس ڪيڏي نہ خوشي ٿئي ها.

**خالد آزاد**
30-05-2016

F#105-106 VIP Luxury
Apartments, Qasimabad,
Phase I, Hyderabad,
Sindh.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Cell No:

0344 - 3919786

Sahib Khan “Soorih” Mirani



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب پهريون

# پارن جون خالص

# علمي، ادبي تنظيمون:

[2015- 1923]

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻارن جون خالص
# علمي، ادبي تنظيمون

[2015- 1923]

سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ، انهن جي ذهني اوسر ۽ واڌارڻ، منجهن ڪتابن سان چاهه پيدا ڪرڻ، معاشري ۾ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ ۽ شعوري تربيت ڪرڻ جي ڏس ۾ ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن جو وڏو هٿ آهي. اڄ جي دؤر جا ڪيترائي اديب، عالم، استاد، شاعر، صحافي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ساڃاهه وند، انهن ٺي تنظيمن جي اُتساهه ۽ تربيت جي ڪري ئي سنڌي سماج ۾ پنهنجو مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

سنڌ اندر ٻارن جي يا ٻارن لاءِ قائم ڪيل تنظيمن جا مختلف قسم ۽ دائره ڪار رهيا آهن. هڪڙيون اهڙيون تنظيمون آهن، جيڪي سنڌ جي ساڃاهه وندن ۽ ادب دوستن، ٻارن جي خالص علمي ۽ ادبي اوسر لاءِ قائم ڪيون ته وري ٻيون اهڙيون تنظيمون پڻ رهيون آهن، جن جي پسمنظر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبارون ۽ رسالا هئا. انهن ٺي رسالن يا اخبارن ۾ ڇپجندڙ هفتيوار ٻاراڻن صفحن ٻاران هلندڙ تنظيمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ سنڌ جي ٻارن جي تمام گهڻي علمي ۽ ادبي آبياري ڪئي. اهڙيءَ ريت 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ سنڌ جي قومپرست سياسي پارٽين پنهنجون ٻارن جون ذيلي تنظيمون قائم ڪيون، جن جي ذريعي سنڌي ٻاراڻي ادب کي هٿي ملڻ سان گڏ سنڌ جي ٻارن ۾ ادبي، سياسي ۽ شعوري انقلاب پڻ آندو ويو. '**ٻارن جي ادب جي تاريخ**' جي هن ٽئين جلد ۾ مٿي ڄاڻايل سمورين تنظيمن جي تفصيلن، دائره ڪار ۽ ڪارڪردگيءَ جو تحقيقي جائزو شامل ڪيو ويو آهي، البت ٻارڙن لاءِ قائم ڪيل اهڙيون تنظيمون، جيڪي ڪِن رسالن پاران قائم ڪيون ويون هيون، تن جو تفصيل جلد ٻئي ۾ ڏنل آهي، ڇاڪاڻ تہ جلد ٻيو مڪمل طور تي ٻارڙن لاءِ شايع ٿيل يا شايع ٿيندڙ رسالن تي ٻڌل آهي، ان ڪري اهو مناسب سمجهيو ويو تہ انهن تنظيمن جو تفصيل جلد ٻئي ۾ ئي، رسالن واري ڀاڱي ۾ ڏجي.

سنڌ ۾ ٻارن جي پهرين علمي ادبي تنظيم '**ٻالڪن جي ٻاري**' هئي، جنهن جو قيام **دادا شيوڪ ڀوڄراج** 1923ع ۾ عمل ۾ آندو. هن تنظيم جي شروعات تہ 1923ع ۾ ٿي، پر ان کي باقاعدي تنظيمي شڪل پهرين آڪٽوبر 1926ع تي ڏني وئي. هي تنظيم هڪ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي ۽ پهريون ڀيرو سنڌ جي ٻارن کي هڪ مضبوط علمي ۽ ادبي پليٽ فارم مهيا ٿيو. بعد ۾ هي تنظيم هندستان کان سواءِ دنيا جي ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ پڻ پکڙجي وئي، جڏهن تہ هن وقت '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جي مرڪزي آفيس ويسٽ ممبئيءَ ۾ آهي.

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ، جتي مجموعي طور سنڌي ادب کي ڏک رسيو اتي ٻاراڻي ادب کي تہ ويتر وڏو نقصان پهتو. 1934ع ۾ جيتوڻيڪ **دادا شيوڪ ڀوڄراج** ممبئي لڏي ويو هو تنهن هوندي ۽ هتي سنڌ ۾ '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جون شاخون سرگرم هيون ۽ ٻارن ۾ شعوري بيداريءَ سان گڏ ٻارن جي ڪتابڙن ۽ رسالن جي اشاعت جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سلسلو پڻ هلندڙ هو پر جيئن ئي 1947ع ۾ ننديءَ ڪنڌ جو ورهاڱو ٿيو تہ هي سمورو سلسلو بند ٿي ويو.

ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل انهيءَ خال کي پُرڻ لاءِ پهرين جامع ڪوشش **غلام مرتضيٰ پٺي ۽ مقبول احمد پٺي** ڪئي، جن 1953ع ۾ **دادا شيوڪ پوڄراج** جي ڇڏيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ **'بزم گلستان'** ۽ ماهوار رسالي **'گلستان'** جو بنياد وڌو. **ديناءَ جي پڙ** حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ ٻارن جي ماهوار رسالي **'گلستان'** ۽ ادبي تنظيم **'بزم گلستان'** سنڌ جي ٻارن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي چاهہ پيدا ڪيو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي خالص علمي ادبي تنظيمن ۾ ٻي وڏي تنظيم **'بزم گلشن سنڌ'** هئي، جيڪا ٽنڊي محمد خان ۾ 17 جولاءِ 1960ع تي قائم ٿي. هن تنظيم سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجون شاخون کوليون ۽ تنظيم جي بانيڪار **اياز پاتولي** هن تنظيم کي نہ رڳو سڄي سنڌ تائين ڦهلايو پر **'اداره گلشن ادب سنڌ'** جي سهاري هيٺ هلندڙ هن تنظيم سنڌ جي ٻارن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جا ناميارا اديب ۽ شاعر **تاج جويو اياز گل، ادل سومرو مختيار ملڪ** ۽ ٻيا هن تنظيم جا بنيادي ميمبر رهيا آهن.

1965ع ۾ حيدرآباد جي ديناءَ جي پڙ مان **بشير احمد پٺي 'بزم گلزار'** جي نالي سان پڻ هڪ تنظيم قائم ڪئي، جنهن ۾ **شمس الدين سومرو صبغت الله ميمڻ، نظير پٺي** ۽ ٻيا شامل هئا. دادو هالا، بدين، ٽنڊي محمد خان ۽ ٻين شهرن ۾ تنظيم جا يونٽ هئا. 1970ع ڌاري هيءَ تنظيم بند ٿي وئي.

70ع واري ڏهاڪي جي ٻي اهم تنظيم **'ٻارن جي محفل'** هئي، جيڪا **زوار نقوي** حيدرآباد ۾ قائم ڪئي. **روشن سندر چانڊيو رياض انور ميمڻ، عبدالرزاق قمبراڻي بخشڻ مهراڻوي آغا سعيد، اسحاق انصاري** ۽ ٻيا هن تنظيم جا اڳواڻ هئا. هن تنظيم جا سڄي سنڌ ۾ 50 کان مٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يونٽ هئا، جڏهن تہ تنظيم پاران 'ٻارن جي محفل' نالي سان هڪ رسالو پڻ نڪرندو هو. 1985ع ۾ هيءَ تنظيم غير فعال ٿي وئي. سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ادبي شعور وڌائڻ ۾ هن تنظيم جو وڏو ڪردار آهي.

هن دور جي هڪ ٻي اهم علمي-ادبي تنظيم 'سنڌ ٻالڪ سنگت' آهي، جيڪا 19 فيبروري 1982ع تي خيرپور ميرس ۾ قائم ڪئي وئي. هي تنظيم هڪ وڏي عرصي تائين نہ صرف فعال ۽ سرگرم رهي، پر اڄ تائين بہ هن تنظيم جا خيرپور ميرس ۾ ساليانا پروگرام ۽ ٻالڪ ميلا ٿيندا رهندا آهن. 'سنڌ ٻالڪ سنگت' جو باني قربان منگي آهي، جڏهن تہ ساڻس گڏ ريحانہ گل سومرو، فريد پٽو، اختر درگاهي، مير مظفر ٽالپر، غلام عباس پنهيرو، سعيد منگي، غلام فاطمہ عباسي ۽ ٻيا پڻ گڏ رهيا آهن. هن تنظيم جيڪي ٻارن لاءِ وڏا وڏا پروگرام ۽ ٻالڪ ميلا منعقد ڪيا، تن ۾ سنڌ جي ناميارن اديبن ۽ عالمن استاد بخاري، تنوير عباسي، حميد سنڌي، رشيد ڀٽي، اسحاق انصاري، تاج جويي ۽ ٻين خاص مهمانن طور شرڪت ڪئي. تنظيم پاران ٻارن جي ادب ۾ خدمتن عيوض مختلف اديبن ۽ لکندڙن کي ايوارڊ پڻ ڏنا ويا آهن.

80ع واري ڏهاڪي جي هڪ ٻي اهم تنظيم 'جوت ٻارڙا سنگت' آهي، جيڪا روشن سندر چانڊيي 1983ع ۾ قائم ڪئي. طارق قاضي، سڪندر چانڊيو، زيب نظاماڻي، شهناز ميمڻ ۽ ٻيا هن تنظيم جي اڳواٽن ۾ شامل هئا. تنظيم پاران قمبر ۽ سانگهڙ ۾ بہ وڏا ڪنوينشن ڪوٺايا ويا. ٽي سال سرگرم رهڻ کان پوءِ، هي تنظيم بند ٿي وئي. هن ئي ڏهاڪي ۾، سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ 'ٻالڪ منڊل' جي نالي سان ٻارن جي هڪ تنظيم 1987ع ۾ قائم ڪئي وئي، جنهن جي بانيڪارن ۾ محمد يوسف جويو، عابد ميمڻ، اصغر برفت، نياز برفت، نديم ميمڻ، دودو عطار، انيل ڪمار پاٽيا ۽ ٻيا شامل آهن. هن تنظيم جي مقصدن ۾ اڻ پڙهيل ۽ گهٽين ۾ رلندڙ ٻارن لاءِ شام جا اسڪول کولڻ، شاهہ لطيف جي شاعريءَ

کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ بيت بازي ۽ تقريري مقابلا ڪرائڻ، ڊرامن، گيتن ۽ راندين جا مقابلا ڪرائڻ ۽ بالغن جي تعليم جا ڪلاس هلائڻ شامل هو.
هن تنظيم جيتوڻيڪ ڄامشوري ۾ ٿي ڪم ڪيو پر هن تنظيم جو ڪم تاريخ ۾ غير معمولي ڪم طور ليکيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته هن تنظيم جي شروعات سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ شام جو هڪ وڻ هيٺان ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي هي تنظيم وڏا وڏا پروگرام ۽ ڪنوينشن ڪوٺائڻ لڳي. سانده ٽي سال ڪم ڪرڻ کان پوءِ 1990ع ۾ تنظيم ختم ٿي وئي. 80ع واري ڏهاڪي جي ٻين ننڍين وڏين تنظيمن ۾ 'سنڌي ٻالڪ ادبي سنگ- هالا' پڻ شامل آهي، جيڪا عبدالڪريم ميمڻ هالا ۾ شروع ڪئي.
1990ع تائين جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ٻارن جي خالص علمي ادبي تنظيمن جو شعور ڪافي حد تائين گهٽجي ويو هو پر 1996ع ۾ قائم ٿيندڙ 'ٻالڪ ادبي فورم' سنڌ هن ڏس ۾ وڏو اهم علمي ادبي ڪم ڪيو. هن تنظيم پنهنجي پهچ آهر سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪيترائي پروگرام ٻارن جا تحريري ۽ تقريري مقابلا، اسڪولن اندر غير نصابي سرگرمين جا مقابلا، ٻارن جي اديبن سان شامون ملهائڻ جا پروگرام لاڳاتو ڪري ويل ٻارن جي اديبن جون ورسيون ملهائڻ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان منسوب ٽيل لطيف جا ڏينهن ۽ ٻيا ڪيترائي پروگرام منعقد ڪيا. هن تنظيم جو باني سندر سنڌي هو جڏهن ته منظور ابڙو مظفر حسين، طيب ميمڻ ۽ اعجاز گل عمراڻي فورم جا پهريان آرگنائيزر مقرر ٿيا. ٻالڪ ادبي فورم جي جن مرڪزي صدرن جي دور هن تنظيم وڏا علمي ادبي ڪم ڪيا، تن ۾ سندر سنڌي، آچار عظيم ڪوسو منظور ابڙو عبدالحئي پلي غلام محمد غازي ۽ ٻيا شامل آهن. تنظيم اڃا تائين ٻارن جون مختلف علمي-ادبي سرگرميون ڪرائيندي رهندي آهي. 1991ع کان سال 2000ع تائين سنڌ اندر ٻارن جي جن خالص علمي-ادبي تنظيمن ڪم ڪيو تن ۾ 'پرهه ڦٽي تنظيم'، 'پريات ٻالڪ سنگت' ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيون شامل آهن. سال 2000ع کان وٺي 2014ع تائين سنڌ اندر ٻارن جون ڪيترين ئي خالص علمي-ادبي تنظيمون قائم ٿيون، پر انهن مان **'سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت'**، **'گلشن ٻالڪ سنگت'** ۽ **'ادا سائين چلڊرينس اينڊ يوٿ سوسائٽيءَ'** جو ڪم سڀ کان وڌيڪ نمايان رهيو. **سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت** 2002ع ڏاري **مختيار راهو** موري ۾ قائم ڪئي، جڏهن ته **'گلشن ٻالڪ سنگت'** 2007ع ۾ **امتياز ڪنير** ۽ **'ادا سائين چلڊرينس اينڊ يوٿ سوسائٽي'** 2008ع ۾ **قربان شيخ** قائم ڪئي. **'سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت'** موري ۾ وڏا فنڪشن ڪيا، جڏهن ته **'گلشن ٻالڪ سنگت'** حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ۾ مختلف پروگرام ڪيا. **'ادا سائين'** پاران جيتوڻيڪ صرف حيدرآباد ۾ ئي ٻارن لاءِ علمي-ادبي سرگرميون شروع ڪيون ويون هيون، پر ان سان گڏ نوجوان ليکڪن جا تربيتي ورڪشاپ ۽ ٻارن جا عالمي ڏينهن ملهائڻ سان گڏ پوڙ ستايل ٻارڙن جي مالي ۽ اخلاقي مدد پڻ ڪئي وئي. هن دور جي ٻين تنظمن ۾ **'ڪنول گل ٻارڙا تنظيم'** (مٺي)، **'مرڪندڙ چهرا سنگت'** (اسلام ڪوٽ)، **'گلشن ٻارڙا تنظيم'** (چيلهار) ۽ **'يوٿ رائيٽرس فورم سنڌ'** پڻ شامل آهن.

هيٺ 1923ع کان وٺي 2015ع تائين ٻارن جي سمورين علمي-ادبي تنظيمن جا مڪمل پروفائيل ڏجن ٿا.

## ٻالڪن جي ٻاري:

سنڌ ۾ ٻارڙن جي پهرين علمي ادبي تنظيم **'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** جو ڪم 1923ع ۾ **دادا شيوڪ** **پوچراج** شروع ڪيو. ان ڏس ۾ **دادا شيوڪ** اول ته اخبارن ۾ ٻارن لاءِ ڪالم لکڻ شروع ڪيا، پر پوءِ ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ 1 آڪٽوبر 1926ع تي، دادا شيوڪ پنهنجي جنم ڏينهن تي، **'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** کي باقاعدي تنظيمي شڪل ڏني. **'گل ڦل'** 1961ع جي ٽئين ۽ چوٿين شماري ۾، ان وقت جي ايڊيٽر **غلام رباني آگري**، هندستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان دادا شيوڪ ڪان 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' تي هڪ مضمون لکائي، شايع ڪرايو جنهن ۾ دادا شيوڪ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي باري ۾ هڪ آکاڻيءَ جي پيرايي ۾ لکي ٿو:

"ٻالڪن جي ٻاريءَ جو اصل جنم سنڌ ۾ ٿيو سن 1923ع ۾. تن ڏينهن ڪير ٻار جو نالو ڳنهندو هو! ٻارن لاءِ اخبارن ۾ 'دادا' ليک لکڻ شروع ڪيا. خُوب ٻارن چاهه ورتو ۽ اُتساهه ڏيکاريو. سن 1926ع جي تاريخ پهرين آڪٽوبر تي، 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' هڪ سنستا جو روپ اختيار ڪيو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ٻار اُن جا ميمبر ٿيڻ لڳا ۽ هر ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻاريءَ جون شاخون نڪري ويون. ٻارن جون گڏجاڻيون ٿيون. رانديون روندون ڪرڻ لڳا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن گڏجي شيل شغل تي وڃڻ لڳا. اهڙيءَ ريت، آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ جي ٻارن جا ميڙ ٿيڻ لڳا. ٽي چار ڏينهن ڪٺان ڪٺان جا ٻار ڪهي اچي هڪ شهر ڳوٺ ۾ ڪٺا ٿين- ڀائر ۽ ڀينرون جيئن هڪبئي سان چنيءَ چپاٽيءَ رستي ناتو قائم رکن. اهو ڏسي وڏڙن کي به پڪ ٿيڻ لڳي، ته واهه جو آهي هيءَ 'ٻالڪن جي ٻاري!'"[1]

دادا شيوڪ جي ان لکڻيءَ مان ثابت ٿيو ته 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي شروعات 1923ع ۾ ٿي، جڏهن ته ان کي باقاعدي هڪ تنظيمي شڪل 1926ع ۾ ڏني وئي هئي. هتي اها وضاحت ڪرڻ ان ڪري به ضروري آهي جو ڪِن ڪتابن ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي قائم ٿيڻ جو سال 1926ع لکيل آهي. 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جو مکيه متو 'وندر ۽ سکيا' هو جنهن تحت هي تنظيم سڄيءَ سنڌ ۾ ٻارڙن جي هڪ تحريڪ جي شڪل ۾ اڀري آئي. 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جون شاخون سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ کان سواءِ ڪوٽڙي، حيدرآباد، روهڙي، سکر، نوابشاهه، ميرپورخاص، جيڪب آباد

---

1. ماهوار 'گل ڦل'، سال 1961ع، پرچو ٽيون ۽ چوٿون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪارپور ۽ شهدادپور ۾ بہ قائم ڪيون ويون ۽ آهستي آهستي هندستان جي ٻين شهرن ۾ بہ شروعات ٿي. **شيوڪ ڀوڄراج** کي ٻار مان سيئي ننڍا وڏا **'دادا'** سڏيندا هئا. هر آچر تي هُو ٻارن کي گڏ ڪري ڪين آکاڻيون ٻڌائيندو ۽ رانديون ڪرائيندو هو. تنظيم ٻاران قلمي دوستي ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ رابطي جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو جنهن تحت ٻارڙا تنظيمي سرگرمين جي ڄاڻ ڏيڻ وٺڻ سان گڏ سنڌيت جي هڪ مضبوط جذبي ۾ جڪڙجي ويا. ان کان سواءِ تنظيم ٻاران مختلف شهرن ۾ لائبريريون بہ قائم ڪيون ويون، جڏهن تہ ڊرائينگ، پينٽنگ، ناچ ۽ ڳائڻ جا ڪلاس پڻ هلايا ويا. **'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** طرفان ٻارن جا ميلا بہ لڳندا رهيا ۽ ڪيترائي ٻار هفتيوار گڏجاڻين ۾ پنهنجون ڪچيون ڦڪيون تحريرون بہ لکي ايندا هئا ۽ ذهني مقابلن ۾ بہ حصو وٺندا هئا. جديد سنڌي شاعريءَ جو باني **ڪشنچند بيوس** بہ لاڙڪاڻي ۾ **'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** جو ميمبر رهيو آهي. 'بيوس' لاڙڪاڻي شاخ ۾ اچي هر آچر تي ٻارڙن کي گيت ٻڌائيندو هو. **ڪامريڊ برڪت علي آزاد** بہ پنهنجي ننڍپڻ ۾ ٻارڙن جي هن تنظيم ۾ ميمبر شپ حاصل ڪئي. دادا شيوڪ هن تنظيم لاءِ **'گلواڙي'** ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتابي سلسلا جاري ڪيا، جن ۾ ٻارن جي وندر ۽ اصلاح لاءِ ليک، ڪهاڻيون، لطيفا ۽ گيت شامل هوندا هئا.

**'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** جون شاخون پنهنجي ٻاران تہ وقت بہ وقت مختلف سرگرميون ڪرائيندي رهنديون هيون، پر تنظيم جو سال ۾ هڪ ڀيرو ساليانو ڪنوينشن پڻ ٿيندو هو. **'ٻالڪن جي ٻاريءَ'** جو اهڙو پهريون ڪنوينشن 1932ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو جنهن جي انعقاد ۾ **ڪشنچند بيوس** جو وڏو هٿ هو. اهڙيءَ ريت ٻيو وڏو ڪنوينشن 1933ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. 1934ع ۾ جيئن تہ **دادا شيوڪ ڀوڄراج** ممبئي لڏي ويو ان ڪري پويان **'دادي پاروتي گدواڻي'** ۽ ٻين 1935ع ۾ سکر ۽ 1936ع ۾ حيدرآباد ۾ ٻاريءَ جا وڏا ساليانا ڪنوينشن ڪيا. اهڙيءَ ريت 1937ع ۾ تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄي هندستان جي ٻارن جو ميڙ ممبئيءَ ۾ ٿيو هو. ان ميڙ ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ ٻار بمبئيءَ کان ٻاهران آيل هئا. جڏهن ته سنڌ مان اٽڪل 350 ٻارڙا ان ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيا هئا. ان کان سواءِ ممبئيءَ جا ٻار ته هزارن جي تعداد ۾ شامل ٿيا هئا.

سال 1934ع ۾ دادا شيوڪ پوڄراج ڪي ڪن نامعلوم سببن جي ڪري سنڌ ڇڏي، ممبئي وڃي پيو. ان بابت داد شيوڪ پوڄراج، گل ڦل 1961ع جي ٽئين ۽ چوٿين گڏيل شماري ۾، پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو:

> "اتفاق اهڙو ٿيو جو سن 1934ع ڌاري، دادا کي سنڌ جا وڻ ڇڏي بمبئيءَ وڃڻو پيو. پر، اُتي بہ اُن ساڳي هلچل قائم رکي. ٻالڪن جي ٻاري سڄي هندستان جي ٻالڪن جا ميڙ ٿيڻ لڳا- اتر کان، ڏکڻ کان، اوڀر کان، اولهہ کان- جتان ڪٿان ٻارن جون ٽوليون اچيو هڪ هنڌ مڙن- ساڳي ٻولي ڄاڻن نہ ڄاڻن، ڌرم ۽ مذهب ڀل جدا جدا هجين، پوءِ بہ ڏس تہ هڪٻئي سان گڏجي رلي ملي هڪ ٿي ٿي ويا! اهو ڏسي هر ڪنهن ٿي ڏندين آڱريون ڪيون."[2]

دادا شيوڪ پوڄراج ممبئي لڏي وڃڻ کان پوءِ اتي وڃي 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' کي سرگرم ڪيو ۽ هندستان جي مختلف شهرن سميت دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ ان ڏس ۾ ڪم ڪيو. اتفاق اهو بہ ٿيو تہ سنڌ کان وڌيڪ ممبئي ۽ هندستان جي ٻين شهرن ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي ڪم کي وڌيڪ اتساهہ مليو. ٻئي پاسي هتي سنڌ ۾ دادا شيوڪ پوڄراج جي ممبئي لڏي وڃڻ کان پوءِ دادي پاروتي گدواڻي، 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي ڪم کي سنڀاليو. هن 25 نومبر 1934ع تي ڪراچيءَ ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي سالگرهہ جو هڪ وڏو فنڪشن ڪيو جنهن ۾ ٻاريءَ چوندبون پڻ

---

[2]. ماهوار گل ڦل، سال 1961ع، پرچو ٽيون ۽ چوٿون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرايون ويون. ان موقعي تي دادي پاروتي گدواڻيءَ کي 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' سنڌ جو صدر چونڊيو ويو. سالگرهہ جي ان فنڪشن ۾ تنظيم جي سالياني رپورٽ پڻ پڙهي ڪئي وئي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ هن وقت تائين سنڌ جي چوڏهن شهرن ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جون سرگرم شاخون آهن، جڏهن تہ ڪل ميمبرن جو تعداد 1500 آهي. دادي پاروتي گدواڻي باقاعدي صدر چونڊجڻ کان پوءِ سنڌ ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جا بنياد مضبوط ڪيا ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جو شاخون کلي ويون.

هوڏانهن دادا شيوڪ ڀوڄراج ممبئي وڃي جيئن ئي 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جو ڪم شروع ڪيو تہ ڪيس تمام گهڻي موٽ ملي. هن ٻيري اتفاق اهو ٿيو تہ هاڻي 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' رڳو سنڌي ٻارڙن جي نمائنده تنظيم نہ پر هندستان جي مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ ۽ مختلف مذهبن جي ٻارڙن جي جماعت ٿي ايري. البت نالو اهو ئي 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' ٻاري رهيو پوءِ ڀل تہ اُهي 'مراٺي' يا 'تليگو' ڳالهائيندڙ ٻار هجن يا 'هندي' ۽ 'سنڌي' ڳالهائيندڙ ٻار هجن.

1948ع ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' کي باقاعدي هندستان سرڪار وٽ رجسٽرڊ ڪرايو ويو جنهن کان پوءِ ٻالڪن جي ٻاريءَ جو پهريون صدر 'ٻالا صاحب کير' ٿيو. 1967ع ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' پاران ممبئيءَ ۾ هڪ ريزيڊينشيل اسڪول قائم ڪيو ويو جيڪو اڳتي هلي سيڪنڊري اسڪول ٿيو. ٻارن جي تعليم ۽ تربيت کان سواءِ ٻارن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو پڻ انتظام ٿيل هو. اڳتي هلي هندستان جي سمورين ٻارين کي گڏائي 'آل انڊيا ٻالڪن جي ٻاري' پڻ جوڙي وئي. ان کان سواءِ سنگاپور، انگلينڊ، آمريڪا، ملائيشيا ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جو شاخون قائم ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جو سلسلو ختم ٿي ويو. ان جي جاءِ تي سائين **محمد ابراهيم جويي** ۽ **غلام رباني آگري** جي ڪوشش سان، سنڌي ادبي بورڊ جي ٻارن جي ماهوار رسالي '**گل ڦل**' جي سهاري هيٺ '**ٻارن جي ڦلواڙي**' نالي تنظيم قائم ڪري، '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جي ڪوت پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جڏهن تہ ان سلسلي ۾ **غلام مرتضيٰ پنھي** ۽ **مقبول پنھيءَ** جي '**بزم گلستان**' ۽ **اياز پاتوليءَ** جي '**بزم گلشن سنگت**' سنڌ ۾ وڏو ڪم ڪيو.

هن وقت '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جي مرڪزي آفيس 25- **جوهو روڊ، سانتا ڪروز ويسٽ ممبئيءَ** ۾ آهي، جيڪا هڪ ٽرسٽ جي صورت ۾ هلي رهي آهي. هن اداري جا پنهنجا اسڪول ۽ ٻارن جي وندر ۽ سکيا جا ادارا پڻ آهن. هندستان سرڪار پاران هن اداري کي ساليانو گرانٽ پڻ ڏني ويندي آهي. ان کان سواءِ '**ٻالڪن جي ٻاري انٽرنيشنل**' جي نالي سان **ماڌو ڄڳ موهن** پڻ هڪ تنظيم نيو دهليءَ مان هلائي رهيو آهي. هندستان جا وڏا وڏا عالم، اديب، سياستدان هن تنظيم جا ميمبر رهيا آهن.

**بزم گلستان** (حيدرآباد):

'**بزم گلستان**' نالي ٻارن جي هن علمي ادبي تنظيم جو قيام 1951ع ڌاري، حيدرآباد عمل ۾ آيو. **غلام مرتضيٰ پنھي** ۽ **مقبول پنھي** هن تنظيم جا روح روان هئا. ورهاڱي کان پوءِ هي سنڌي ٻارڙن جي پهرين تنظيم هئي، جنهن جي قيام جو مقصد **دادا شيوڪ ڀوڄراج** جي '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جي ڪوت پوري ڪرڻ هو. ٻارن جي هن علمي ۽ ادبي تنظيم جو قيام اصل ۾ ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب کي سهارو ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو هو. هن تنظيم جا سڄيءَ سنڌ ۾ يونٽ هوندا هئا. 1951ع کان 1960ع تائين هن تنظيم ٻارن ۾ علمي ادبي چاهہ وڌائڻ جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو. هن بزم پاران ماهوار '**گلستان**' جي نالي سان ٻارن جو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رسالو پڻ شايع ڪيو ويو جيڪو 1951ع کان 1953ع تائين مسلسل شايع ٿيندو رهيو. هي رسالو ڪجهه سال بند رهي 1956ع ۾ ٻيهر شايع ٿيو. 1960ع ڌاري رسالو ۽ تنظيم ٻئي بند ٿي ويا. ورهاڱي کان سنڌيءَ ۾ ٻارن جي علم ۽ ادب جي سلسلي ۾ هن بزم ۽ رسالي جو انتهائي اهم ۽ بنيادي ڪم آهي.

**بزم گلشن سنگت، سنڌ** (ٽنڊو محمد خان):

**'اداره گلشن ادب'** ٽنڊي محمد خان جي سهاري هيٺ 17 جولاءِ 1960ع تي ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **'بزم گلشن سنگت، سنڌ'** جو قيام عمل ۾ آندو ويو. **اياز پاٽولي** هن تنظيم جو روح روان ۽ مرڪزي صدر هوندو هو جڏهن ته شاخن ۾ صرف نائب صدر ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويندا هئا.

سنڌ ۾ بزم 'گلشن' جي شاخن جو تعداد 45 هو جن جو الحاق سڌو سنئون **'اداره گلشن ادب'** سان هوندو هو. هن تنظيم جو مرڪز **ٽنڊو محمد خان** هوندو هو. بزم جي باني‌ڪار **اياز پاٽوليءَ** مطابق هن تنظيم جا سڄيءَ سنڌ ۾ 20 هزار ميمبر هوندا هئا. سنگت جي مرڪز پاران 17 جولاءِ 1966، 17 جولاءِ 1967، 14 آگسٽ 1980، 17 جولاءِ 1982، 17 جولاءِ 1987 ۽ 17 جولاءِ 1988ع تي ٻارن جا سنڌ سطح تي شاندار ڪنوينشن ڪوٺايا ويا، جن ۾ سنڌ جي هزارين ٻارڙن، اديبن، شاعرن، فنڪارن حصو ورتو. هنن ڪنوينشنن ۾ ڊراما، فيچر، ٽيبلوز، موسيقيءَ جا مقابلا ۽ ڊبيٽس وغيره ٿينديون هيون. اهڙيءَ ريت سنگت جي شاخن ٽنڊي آدم هالا، نيوسعيد آباد، چڻي مادراٽي حيدرآباد، دادو ۽ ٻين پاران به اهڙا ڪنوينشن ڪوٺايا ويا.

**'بزم گلشن سنگت سنڌ'** جي ميمبرن ۾ تاج جويو اياز گل، ادل سومرو مختيار ملڪ ۽ ٻيا شامل هئا. هن وقت هيءَ تنظيم غيرفعال آهي، پر هن تنظيم سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري جي لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي، تنظيم جو اهو ڪم هميشه ياد رکيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**بزم گلزار (حيدرآباد):**

هن نالي سان ٻارن لاءِ هڪ علمي ادبي تنظيم، 1965ع ڌاري ديْنوءَ جي پٽ حيدرآباد مان بشير احمد پنّھي شروع ڪئي. هن بزم جي اڳواڻن ۾ بشير پنّھيءَ کان سواءِ شمس دين سومرو صبغت الله ميمڻ ۽ نذير پنّھي شامل هئا. تنظيم پاران مولا بخش چانڊيي ممتاز پناڻ ۽ ٻين نوجوانن کي متعارف ڪرايو ويو. دادو هالا، بدين، ٽنڊي محمد خان ۽ ٻين شهرن ۾ هن تنظيم جا يونٽ هئا. هيءَ تنظيم سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻارن جا ڪنوينشن ڪوئائيندي هئي، جن ۾ ٻارن جا تخليقي ۽ تقريري مقابلا ڪرايا ويندا هئا. 1970ع ڌاري هيءَ تنظيم بند ٿي وئي. هن تنظيم روزاني 'عبرت اخبار' جي ٻارن جي هفتيوار صفحي 'ٻارن جي ٻاريءَ' سان گڏ پڻ ڪيترائي پروگرام ڪرايا.

**نئون سج تنظيم:**

ٻارڙن جي هيءَ علمي ادبي تنظيم سال 1967ع ڳوٺ اعتبار خان چانڊيي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ قائم ڪئي وئي. تنظيم جو روح روان احمد علي صابر چانڊيو هو جڏهن ته سيڪريٽري مختار مستوئي هو. سيف الله چانڊيو تنظيم جو خازن ۽ عزيز چانڊيو عهديدار هئا. هيءَ تنظيم ڳوٺ اعتبار خان چانڊيي ۽ آسپاس جي ٻارن جي ذهني ۽ شعوري تربيت لاءِ قائم ڪئي وئي هئي. ڏيڍ سال ڪم ڪرڻ کان پوءِ هي تنظيم پاڻمرادو بند ٿي وئي.

**ٻارن جي محفل (حيدر آباد):**

ناميارې اديب سيد زوار نقوي، 1978ع ڌاري ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم 'ٻارن جي محفل' جو بنياد وڌو ۽ پاڻ ان جو باني ۽ آرگنائيزر ٿيو. سندس ٽيم ۾ رياض انور ميمڻ، عبدالرزاق قمبراڻي، آغا سعيد، روشن سندر چانڊيو قربان منگي، بخشڻ مهراڻوي، اسحاق انصاري، وفا رضا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلوچ، غلام مصطفيٰ ڪورائي، دوست محمد سرائي، جاويد شاھ ۽ ٻيا شامل هئا. هن تنظيم جا سڄيءَ سنڌ ۾ تقريبن 50 يونٽ هئا. تنظيم پاران هر سال حيدرآباد ۾ ساليانو ڪنوينشن پڻ ٿيندو هو جڏهن تہ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پڻ پروگرام ٿيندا رهندا هئا.

تنظيم پاران ڪرائون سائيز ۾ ٻارن جو هڪ رسالو 'ٻارن جي محفل' پڻ جاري ٿيو جنهن جا ڪل چار پرچا شايع ٿي سگهيا. اڳتي هلي تنظيم پاران ٻارن جي ٻين تنظيمن سان گڏ هڪ اتحاد پڻ قائم ڪيو ويو جيڪو گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. هي تنظيم 1985ع تائين سرگرم رهي، بعد ۾ غيرفعال ٿي وئي. سنڌ اندر ٻارن جي ادبي ۽ شعوري تربيت جي ڏس ۾ هن تنظيم جو وڏو ڪردار آهي.

## سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت:

ٻارڙن جي هي علمي ادبي تنظيم 1978-79ع ۾ هالا ۾ **عبدالڪريم ميمڻ** قائم ڪئي. آگسٽ 1982ع ۾ **'سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت'** پاران سڪرنڊ ضلعي نواب شاھ ۾ **'ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو'** ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڪتابن جي نمائش، تحريري ۽ تقريري مقابلا ۽ ٻارن جي دلچسپيءَ جا ٻيا ڪيترائي پروگرام منعقد ڪرايا ويا. تنظيم پاران **'صداءِ وطن پبليڪيشن'** جا نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن جا ڪيترائي ڪتابڙا شايع ٿيا. 1985ع ڌاري هي تنظيم بند ٿي وئي.

## سنڌ ٻالڪ سنگت:

ٻارن جي هي علمي ۽ ادبي تنظيم **قربان منگي** 1982ع ۾ خيرپورميرس ۾ قائم ڪئي، جيڪا گذريل ٽيهن سالن کان وٺي ڪنهن نہ روپ ۾ ۽ ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي اڄ بہ سنڌ جي ٻارن اندر شعوري بيداريءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**قربان منگيءَ** 1977ع ۾ صرف سورهن سالن جي عمر ۾ خيرپورميرس مان ٻارن لاءِ **'پوپٽ'** مئگزين جاري ڪيو. جنهن ۾ ان وقت جي ٻاراڻو ادب لکندڙ نامور ليکڪن/ شاعرن جو مواد شايع ٿيندو رهندو هو. 19 فيبروري 1982ع تي **'پوپٽ'** پاران خيرپورميرس ۾ **'ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو'** منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن جي اسڪولن جي شاگردن حصو ورتو. ڪرنل شاهہ هاسٽل گرائونڊ ۾ منعقد ٿيل ان عظيم الشان ٻالڪ ميلي جي صدارت سينيئر صوبائي وزير **مير رسول بخش خان ٽالپر** ڪئي ۽ سنڌ جي سرموڙ شاعر **استاد بُخاريءَ** سميت ڪيترين ئي شخصيتن خاص شرڪت ڪئي. هن ٻالڪ ميلي ۾ گڏيل صلاح سامهون آئي تہ سنڌ جي ٻارن جي علمي ۽ ذهني اوسر لاءِ هڪ تنظيم جوڙي وڃي، جيڪا مختلف ڏسائن ۾ جاکوڙ ڪري. ائين انهيءَ ٻالڪ ميلي ۾ **'سنڌ ٻالڪ سنگت ـ سنڌ'** جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو صدر **قُربان منگي**، نائب صدر **ريحانہ گل سومرو**، جنرل سيڪريٽري **فريد پُنهون**، جوائنٽ سيڪريٽري **اختر درگاهي** ۽ اطلاعات سيڪريٽري **مير مظفر ٽالپر** کي مقرر ڪيو ويو. جڏهن تہ **غلام عباس پنهيري** کي سرپرست مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي 85-1984ع ڌاري **سنڌ ٻالڪ سنگت** جا عهديدار تبديل ڪيا ويا. جنهن مطابق **قُربان منگي** باني چيئرمين، **غلام عباس پنهيرو** سرپرست (بوائز)، **غلام فاطمہ عباسي** سرپرست (گرلز)، **ظفر سولنگي** صدر، **حيات پُني** نائب صدر، **سعيد منگي** جنرل سيڪريٽري، **مختيار ابڙو** اطلاعات سيڪريٽري، **ايم ملوڪ ناز** خزانچي، **ناهيد سلطانہ** سوشل سيڪريٽري مقرر ڪيا ويا. جڏهن تہ سنگت کي مختلف ضلعن ۾ فعال ڪرڻ لاءِ ضلعي آرگنائيزر پڻ مقرر ڪيا ويا. جن ۾ **جاويد مير** (ڪراچي ڊويزن)، **نديم گل عباسي** (حيدرآباد ڊويزن)، **شرف الدين منگي** (سکر ڊويزن)، **اياز منگي** (جيڪب آباد)، **مير حسن عاجز** (سانگهڙ)، **معشوق صديقي** (دادو)، **مرتضيٰ سيال** (نواب شاهہ)، **قاضي آصف** (لاڙڪاڻو)، **فتاح**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منگي (خيرپور ميرس) شامل هُئا.

سنڌ ٻالڪ سنگت جي قيام وقت، ان جي بنيادي مقصدن ۾ هيٺيان يارهن نڪتا شامل ڪيا ويا:

(1) سنڌ ۾ پرائمريءَ کان ميٽرڪ تائين تعليم مفت ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ
(2) سنڌ اندر ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ وڌ کان وڌ اسڪول کولائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ
(3) سنڌ جي سمورين اسپتالن ۾ ٻارن جي بيمارين جا جدا جدا شعبا کولائڻ ۽ انهن ۾ ٻارن جي بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر مقرر ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
(4) سنڌ جي سمورن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٻارن لاءِ لائبريريون قائم ڪرائڻ
(5) غريب ۽ ذهين ٻارن کي ڪِتابن، ڪپڙن ۽ نقد صورت ۾ امداد ڏيڻ ۽ انهن کي اسڪالرشپ ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ
(6) مختلف پرائمري، مڊل ۽ هاءِ اسڪولن جي شاگردن ۾ تحريري ۽ تقريري مقابلا ڪرائڻ
(7) سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٻارن جي راند لاءِ کين ميدان ۽ ٻيو روند جو سامان مهيا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
(8) ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جا ڪِتاب ۽ رسالا شايع ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ.
(9) ٻارن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ کين سندن حقن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ميلا منعقد ڪرڻ ۽ غير ملڪي ميلن ۾ سنڌ جي ٻارن کي نمائندگي ڏيارڻ ۽ صدارتي ايوارڊ ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.
(10) ٻارن جي راندين لاءِ مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪلبون کولڻ، ڊراما ڪرائڻ ۽ تفريحي فلمون ڏيکارڻ.
(11) ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي سنڌي ٻارن جي پروگرامن جو وقت وڌائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ شامل هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ ٻالڪ سنگت جي ڪمن ڪارين ۽ دائري ڪي جن مکيه حصن ۾ ورهايو ويو تن ۾ (1) تعليمَ (2) ادب (3) ڊرامه (4) مصوري (5) رانديون شامل هئا. 1982ع ۽ 1983ع ۾ جڏهن خيرپور ۾ ضلعي انتظاميا پاران تاريخي "سچل نيشنل سيمينار" منعقد ڪيو ويو ته انهن جي ڪمَ ڪار ۽ انتظام ۾ مک ڪردار سنڌ ٻالڪ سنگت جي ڪارڪن ادا ڪيو. ڊسمبر 1982ع تي نظاماڻي محلي خيرپور ۾ ٻالڪ ميلو منعقد ٿيو جنهن جي صدارت سماجي اڳواڻ غلام شبير ڍوٽ ڪئي. 6 ڊسمبر 1982ع تي جيڪب آباد ۾ ٻالڪ ميلو منعقد ٿيو جنهن جي صدارت نامياري صحافي امداد اوڍي ڪئي. 16 ڊسمبر 1982ع تي پبلڪ لائبرري خيرپور ۾ شاگردن وچ ۾ مذاڪرو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت تعليمدان نثار احمد صديقيءَ ڪئي ـ اهو مذاڪرو شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ياد ۾ ڪيو ويو هو ۽ سندن فرزند ميجر خالد شيخ خاص مهمان هو. 1983ع ۾ جيڪب آباد ۾ هارس اينڊ ڪيٽل شو ۾ ڪِتابن جو اسٽال هنيو ويو. 1983ع ۾ خيرپور ۾ ٽين سنڌ اسڪائوٽ ڪئمپوري جي موقعي تي لوڪل ٽي وي اسٽيشن قائم ڪري ڪئمپوريءَ جي ڪارگذاري ڏيکاري وئي. 1982ع ۾ سنڌ ٻالڪ سنگت جي طويل جدوجهد جي نتيجي ۾ پي ٽي وي سينٽر ڪراچيءَ تان ٻارن جو پروگرام "روشن تارا" پيهر شروع ڪيو ويو. 1987ع ۾ پيو ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلو ڪرنل شاهه هاسٽل گرائونڊ خيرپور تي منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ حميد سنڌي، رشيد ڀٽي، تنوير عباسي ۽ استاد بُخاريءَ جهڙن وڏن اديبن خاص شرڪت ڪئي، هن موقعي تي سنڌ ٻالڪ سنگت کي نئين سر آرگنائيز ڪري ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي ان جو سرپرست اعليٰ مقرر ڪيو ويو. ڪل سنڌ ٻالڪ ميلي ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن کان اسڪول شاگردن تقريري مقابلن، ٽيبلوز مصوري، ڪوئز ۽ ٻين مقابلن ۾ حصو ورتو. وقت به وقت سنڌ ٻالڪ سنگت جي پروگرامن جو سلسلو جاري رهيو. 19 فيبروري 1983ع تي خيرپور ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ ٻالڪ ميلو ٿيو صدارت **بيگم گلزار انڙ** ڪئي خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر **غلام محمد ميمڻ** رهيا. 1984ع ۾ ناز هاءِ اسڪول ۾ ٻالڪ ميلو ٿيو ـ صدارت ڊاڪٽر **تنوير عباسيءَ** ڪئي خاص مهمان **بيگم گلزار انڙ** ۽ **رسول بخش مهيسر** رهيا. 1985ع ۾ خادم سنڌي يادگار ٻالڪ ميلو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال خيرپور ۾ ٿيو صدارت **محمد پريل منگي** (شهيد) ڪئي ۽ خاص مهمان **آغا فداءُ الله پٺاڻ** رهيو 1983ع ۾ ”پوپٽ“ ٻالڪ رسالي جي مهورت تقريب ٿي ـ وفاقي وزير دفاع **مير علي احمد ٽالپر** صدارت ڪئي ـ 1989ع ۾ خادم سنڌي ڪانفرنس منعقد ٿي. سچل لائبريريءَ ۾ منعقد ٿيل هن تقريبَ جي صدارت ڊاڪٽر **تنوير عباسيءَ** ڪئي، خاص مهمان **شاهه محمد لُهراڙي** ۽ **اسحاق انصاري** رهيا. 1991ع ۾ **استاد بُخاريءَ** جي ڪِتاب **”ڪاري ڪڪر هيٺ“** جو مهورت سچل آڊيٽوريم جي پارڪ تي ڪرايو ويو. صدارت **ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ** ڪئي ـ **تاج جويو** ۽ ٻيا خاص مهمانَ رهيا. **استاد بُخاريءَ** بيماريءَ باوجود خاص شرڪت ڪئي ـ هِتي اهو به ٻڌائجي ته **استاد بخاريءَ** هميشه **سنڌ ٻالڪ سنگت** جي سَڌَ کي مانُ ڏيندي، ان جي مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي ۽ نوجوانن کي همٿايو. 1982ع ۽ 1987ع تي منعقد ٿيندڙ ڪل سنڌ ٻالڪ ميلن جي موقعي تي سنڌ جي وڏين اخبارن خاص ايڊيشن شايع ڪيا، جيڪا پڻ هِڪَ اعزاز جي ڳالهه آهي.

**سنڌ ٻالڪ سنگت** جي پليٽ فارم تان ڪيترائي نوجوان پرڏيهي تعليمي دؤرا پڻ ڪري چُڪا آهن ـــ اهڙن نوجوانن ۾ **روزينه گل**، **نير سلطانه سومرو** **سعيد منگي**، **خالده رياض** ۽ **قربان منگي** شامل رهيا آهن. 1991ع ۾ سنڌ ٻالڪ سنگت پاران ٽيلينٽ شو منعقد ٿيو جنهن جي صدارت ناميارِي براڊڪاسٽر **الهه بخش بُخاريءَ** ڪئي ـ هِنَ ئي سال نوجوان آرٽسٽ **عطا قاضيءَ** سان شامَ ملهائي وئي. هن ئي سال معذور ٻارن کي ڪراچيءَ جو مطالعاتي دؤرو ڪرايو ويو. هِنَ ئي سال ناز هاءِ اسڪول


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ٻالڪ ميلو منعقد ٿيل صدارت ظفر اقبال بلال ڪئي خاص مهمان ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عديل فاطمه رهي 1992ع ۾ پي سي اسڪول خيرپور ۾ ۽ نظاماڻي محلي ۾ ٻالڪ ميلو ٿيو. هن ئي سال ضلعي سطح تي يوٿ فيسٽيول منعقد ٿيو. اهڙي قسم جي سرگرمين جو سلسلو ڏهاڪن کان وٺي جاري آهي.

سنڌ ٻالڪ سنگت پنهنجي ذيلي اداري **'پوپٽ پبلشنگ هائوس'** جي پليٽ فارم تان 50 کن علمي، ادبي ڪِتاب شايع ڪرايا آهن. هِنَ وقت بہ تماهي "پوپٽ" ادبي مخزن نامياري شاعِرَ امر اقبال جي ادارت ۾ جاري تي رهيو آهي. سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور جي معروف تعليمي اداري **سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي** جي گڏيل سهڪارَ سان هر سال عظيم الشان ٻالڪ ميلو منعقد ڪرائيندي رهي ٿي. ٻارن جا عالمي ڏهاڙا، ڪانفرنسون، سيمينارَ اشاعتي سلسلا، مذاڪرا، ذهني چتاپيٽيءَ جا مقابلا مطالعاتي دؤرا ۽ اهڙي قسمَ جون ٻيون سرگرميون اجا بہ وڌيڪ جذبي ۽ جنونَ سان جاري آهن.

## جوت ٻارڙا سنگت:

مشهور اديب روشن سندر چانڊيي سال 1983ع ۾ **'جوت ٻارڙا سنگت'** نالي ٻارن جي علمي ادبي تنظيم جو قيام حيدرآباد ۾ عمل ۾ آندو. روشن سندر چانڊيو هن تنظيم جو چيئرمئن هو جڏهن تہ چيف آرگنائيزر طارق قاضي هو. ٽيم جي ٻين ميمبرن ۾ سڪندر چانڊيو آفتاب پٽي، زيب نظاماڻي ۽ ٻيا شامل هئا. ان کان سواءِ **'جوت ٻارڙا سنگت'** جي ڇوڪرين واري ونگ جي، سڄيءَ سنڌ لاءِ آرگنائيزر شهناز ميمڻ هئي. سنگت ٻاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آرگنائيزر پڻ مقرر ڪيا ويا. جن ۾ بخشڻ مهراڻوي سانگهڙ لاءِ، شير چانڊيو لاڙڪاڻي لاءِ، عزيز رند خيرپور ميرس لاءِ ۽ منور سومرو سکر لاءِ آرگنائيزر مقرر ڪيا ويا. تنظيم ٻاران سانگهڙ ضلعي جي شهر پيرونمل، قمبر ۽ حيدرآباد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهراڻ آرٽس ڪائونسل سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻارڙن جي پروگرام ڪيا، جن ۾ ٻارڙن سان گڏ ناميارن اديبن **نصير مرزا، معصوم سانگهڙائي، بخشڻ مهراڻوي، نثار حسيني، عزيز گوپانگ** ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

جوت ٻارڙا سنگت جا ٻه ساليانا ڪنوينشن قمبر ۽ سانگهڙ ۾ پڻ ڪوٺايا ويا، جن ۾ تنظيم ڪارو هنوار تي بحث مباحثي ڪرڻ ڪان علاوه ٻارڙن جا تفريحي پروگرام پڻ پيش ڪيا ويا. تنظيم جي سهاري هيٺ 'جوت پبليڪيشن' جو بنياد پڻ وڌو ويو جنهن هيٺ ٻه ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ويا. هي تنظيم 1986ع تائين هلي ۽ پوءِ پاڻمرادو بند ٿي وئي.

**ٻالڪ منڊل** (ڄامشورو):

**ٻالڪ منڊل** نالي هڪ تنظيم، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري ۾ سال 1987ع ۾ قائم ڪئي وئي. تنظيم جي باني ڪارن ۾ **محمد يوسف جويو، عابد ميمڻ، اصغر برفت، نياز برفت، نديم ميمڻ، نجمه بلوچ، دودو عطار، انيل ڪمار ڀاٽيا** ۽ ٻيا شامل هئا. تنظيم جا بنيادي اهم ڪم / مقصد هيٺينءَ ريت هئا:

(1) علائقي ۽ سنڌ جي ٻارن جي اصلاح ۽ تعليمي معيار وڌائڻ ۽ پڙهڻ جي عادت پيدا ڪرڻ.

(2) اهڙ پڙهيل ۽ ٻي پهچ ٻار جيڪي اسڪول وڃي نه ٿا سگهن، تن لاءِ ننڍڙا سينٽر، اسڪول ۽ شام وارا اسڪول کولڻ.

(3) شاهه لطيف جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ روزانه، هفتيوار ۽ مهينيوار بيت بازيءَ، تقريري ۽ تحريري مقابلا ڪرائڻ.

(4) غير نصابي سرگرميون، جهڙوڪ ڊراما، ٽيبلا، گيت ڳائڻ ۽ راندين جا مقابلا ڪرائڻ.

(5) سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ.

(6) بالغن جي تعليم جا ڪلاس هلائڻ.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’ٻالڪ منڊل‘ تنظيم جي شروعات ڪجهه هن ريت ٿي ته ڄامشوري سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ حسن علي عطار جي گهر روزانو شام جو ڪِن علم ادب دوستن جو گروپ گڏ ٿيندو هو جنهن ۾ اڪثريت نوجوانن ۽ ٻارن جي هُئي. هڪ ڏينهن روشن جسڪاڻي راءِ ڏيندي رضاڪاراڻي طور ٻاڻ کي پيش ڪندي چيو ته اڄ کان آئون شام جو هتي انگريزيءَ جا ڪلاس هلائيندس، جنهن ۾ ٻار کي مفت ۾ انگريزي سکڻي آهي، اهو ٻار سياڻي کان هن وٽ هينيان اچي. ٻئي ڏينهن شام جو ڪيترائي ٻار ان وٽ هينيان اچي ويٺا، ڪي پٿرن تي، ڪي سِرن ۽ بلاڪن تي ويٺا ۽ روشن جسڪاڻي هڪ استاد جي حيثيت سان سامهون انگريزيءَ بابت ڳالهائي رهيو هو ۽ سامهون ڀڳل تختي تي لکيل هو:

How to improve English Language

ڏسندي ڏسندي ان انگريزيءَ واري ڪلاس ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ٻار ۽ شاگرد ٿي ويا. ائين پوءِ آهستي آهستي انهن ئي ٻارن جو شاهه جي رسالي مان بيتن جو مقابلو به ٿيڻ لڳو. هر ٻار کي پڙهڻ جي شوق ۽ مقابلي ۾ حصو وٺڻ ۽ سرسي حاصل ڪرڻ جو شوق هو. ائين ئي ٻارن کي شاهه لطيف جا بيت ياد ڪرايا ويا. اهڙا ڪلاس باقاعدي ڇهن مهينن تائين لڳاتار هلندا رهيا. ڪلاسن سان گڏ جيڪي سرگرميون ’ٻالڪ منڊل‘ شروع ڪيون، تن ۾ شاهه لطيف جي بيتن جا مقابلا، ٻارن ۾ تحريري ۽ تقريري مقابلا، ٻارن جي راندين جا مقابلا، صفائيءَ جا ڏينهن ملهائڻ، گيتن تي ٽيبلا پيش ڪرڻ ۽ ٻارن جا ڊراما پيش ڪرڻ، ٻالغن جا ڪلاس هلائڻ، لطيف سنگت سنڌ جي سهڪار سان ٻالڪ منڊل جون هم نصابي سرگرميون ڪرڻ، ’سُتا اُٿي جاڳ‘ جي سهڪار سان غير نصابي سرگرميون ڪرڻ ’ڳوٺ سڌار سنگت‘ جي مختلف پروگرامن ۾ ٽيبلا پيش ڪرڻ، ٿي. ويءَ جي آرٽسٽ عاشق عارفانيءَ سان شام ملهائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ٻالڪ منڊل جا ساليانا فنڪشن ڪرائڻ شامل هيون.

1987ع ۾ شروع ٿيندڙ هيءَ تنظيم 1990ع جي وچ ڌاري بند ٿي وئي.

## پرهه ڦٽي تنظيم:

هن نالي سان ٻارڙن جي عملي ۽ ادبي تنظيم جو بنياد 1991ع ڌاري ڳوٺ علي محمد نهڙي تعلقي ماتلي، ضلعي بدين ۾ پيو. هن تنظيم جو صدر عبدالڪريم نهڙيو هو جڏهن ته ٻين مرڪزي عهديدارن ۾ شمس نهڙيو الهورايو نهڙيو اميرحسن نهڙيو ۽ ٻيا شامل هئا. هن تنظيم پنهنجا يونٽ ٽنڊي الهيار بدين ۽ ميرپورخاص ۾ کوليا. تنظيم پاران مختلف شهرن ۾ لائبريريون به کوليون ويون ۽ بدين، ماتلي ۽ ڳوٺ علي محمد نهڙي ۾ ٻارن لاءِ تفريحي پروگرام به ڪرايا ويا. بعد ۾ هيءَ تنظيم عملي ادبي سرگرمين بجاءِ مختلف اين جي اوز سان گڏجي سماجي ڪم پڻ ڪرايا. هن وقت تنظيم جي مرڪزي آفيس بدين ۾ آهي، جنهن کي باغي حنيف ڪوسو ۽ امير منڊرو هلائي رهيا آهن.

## پريات ٻالڪ سنگت:

پريات ٻالڪ سنگت نالي سان ٻارن جي هڪ علمي ادبي سنگت 1995ع ڌاري همدرد سنڌي دادوءَ ۾ قائم ڪئي، جنهن جي سٿ ۾ رياض احمد چانڊيو آفتاب قريشي، امتياز آزاد ۽ ٻيا شامل هئا. هي تنظيم خاص طور تي ضلعي دادوءَ ۾ ٻارن جي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ مصروف هئي. تنظيم جي روح روان همدرد سنڌي ٻارن لاءِ هڪ فوٽو اسٽيٽ ٻارن جو رسالو پڻ جاري ڪيو. تنظيم گهڻو وقت نه هلي سگهي جو همدرد سنڌيءَ جي مستقل طور بيمار رهڻ، هن تنظيم ۽ رسالي جي سرگرمين کي جهڪو ڪري ڇڏيو. بعد ۾ همدرد سنڌيءَ جي لاڏاڻي سان هي تنظيم به ڄڻ ته لاڏاڻو ئي ڪري وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻالڪ ادبي فورم، سنڌ:

ٻارن جي علمي ادبي تنظيم 'ٻالڪ ادبي فورم' جو قيام 8 نومبر 1996ع تي ڀٽ شاهہ ۾ عمل ۾ آندو ويو. تنظيم جو آئين، تنظيمي جوڙجڪ ۽ مول متا هيٺين ريت جوڙيا ويا:

1. ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهہ ۽ سنڌن ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ
2. ٻارڙن ۾ ٻاراڻي ادب جي اهميت بابت شعور پيدا ڪري منجهن وڌ ۾ وڌ ادب پڙهڻ جو ذوق پيدا ڪرڻ.
3. ٻارڙن لاءِ لکندڙ اديبن سان شامون ملهائڻ، سنڌن ڪتابن جا مهورت ڪرائڻ ۽ چونڊ ٻاراڻي ڪتابن ۽ مئگزينن تي ايوارڊ ڏيڻ يا ڪنهن ٻئي طريقي سان سنڌن پذيرائي ڪرڻ.
4. ٻاراڻي ادب بابت ليڪچر، مذاڪرا ۽ سيمينار ڪوٺائڻ.
5. ماضيءَ جي اهم ٻارڙن جي تنظيمن وانگر ۽ ڪي ٻيا پروگرام ترتيب ڏيڻ.
6. مختلف شهرن ۾ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ۽ تنظيمن جي سهڪار سان ٻالڪ اديبن جي نالن سان ٻالڪ لائبررين، ٻالڪ پارڪ ۽ راند جا ميدان قائم ڪرڻ.
7. ٻارڙن ۾ موجود احساس ڪمتريءَ وارن لاڙن جي خاتمي لاءِ ڪوشش وٺڻ سان گڏوگڏ سنڌن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ خاڪن، ٽئبلوز موسيقي، تقريري مقابلو ۽ مزاحيہ ڊرامن تي مشتمل فنڪشن ڪوٺائڻ.
8. هر ٽن کان پنجن مهينن تائين جي عرصي ۾ سڄي سنڌ جي ٻاراڻن ليکڪن کي گڏجي ويهڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ تہ جيئن منجهن رابطي ۽ دوستيءَ جي فضا قائم ٿي سگهي.

### تنظيمي ڍانچو:

- **مرڪزي ڪميٽي:** مرڪزي ڪميٽي، صدر نائب صدر جنرل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري، پريس سيڪريٽري، خزانچي ۽ آفيس سيڪريٽري تي مشتمل هوندي.

- **جنرل ڪائونسل:** هر يونٽ جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري جنرل ڪائونسل جا ميمبر هوندا, جيڪي مرڪزي عهديدار چونڊيندا.
- **ضلعي ڪميٽي:** هر يونٽ جو جنرل سيڪريٽري ضلعي ڪميٽي جو ميمبر هوندو ۽ اهي پاڻ مان ڪنهن به هڪ کي ضلعي جو سيڪريٽري چونڊيندا.
- **يونٽ:** صدر, نائب صدر, جنرل سيڪريٽري, جوائنٽ سيڪريٽري, خزانچي, پريس سيڪريٽري ۽ آفيس سيڪريٽري جي عهدي تي مشتمل هوندو, جنهن ۾ عهديدارن کان سواءِ ٻيا ميمبر هوندا.

**ضابطا:**

1. هر ٻن مهينن کان پوءِ مرڪزي اجلاس ٿيندو.
2. هر مهيني صلعي ڪميٽي جو اجلاس ٿيندو.
3. هر 15 ڏينهن يونٽ جو اجلاس ٿيندو.
4. هر ميمبر تي ماهوار 10 روپيا في هوندي.
5. ٻالڪ ادبي فورم سنڌ ڪا سياسي تنظيم ناهي, هن فورم ۾ ڪنهن به تنظيم سان واسطو رکندڙ ميمبر ٿي سگهي ٿو.
6. هن فورم ۾ اهوئي ميمبر ٿي سگهي ٿو جنهن جو ٻاراڻي ادب سان واسطو يا دلچسپي هجي.

تاريخ 8 نومبر 1996ع تي ڀٽ شاهه تي, شاهه جي باغ ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب سان واسطو ۽ دلچسپي رکندڙ گڏ ٿيا ۽ هن فورم جو قيام عمل ۾ آيو جنهن جو نالو 'ٻالڪ ادبي فورم سنڌ' رکيو ويو. شروعاتي طور سندر سنڌي, منظور ابڙو, مظفر حسين, طيب ميمڻ ۽ اعجاز گل عمراڻيءَ کي فورم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. پوءِ اڳتي هلي مرڪزي باڊي وجود ۾ آئي، جنهن ۾ صدر سندر سنڌي نائب صدر آچار عظيم ڪوسو جنرل سيڪريٽري **منظور ابڙو** جوائنٽ سيڪريٽري **عبدالحئي پٽو** خزانچي **عرض محمد جويو** ۽ پريس سيڪريٽري **اعجاز گل عمراڻيءَ** کي مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ **ٻالڪ ادبي فورم** جا يونٽ ڪلڻ شروع ٿيا ۽ يونٽن پنهنجون علمي ۽ ادبي سرگرميون شروع ڪيون.

**ٻالڪ ادبي فورم سنڌ** جي پهرين سالگره 8 نومبر 1997ع ۾ پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ملهائي وئي ته اُن وقت سڄي سنڌ ۾ فورم جا 28 يونٽ قائم ٿي چڪا هئا. اُن پروگرام ۾ ناميارې اديب سائين **محمد ابراهيم جويي، نصير مرزا، اياز لطيف پليجي، معصوم سانگهڙائي** ۽ **سندر سنڌيءَ** سميت سڄي سنڌ مان ٻارڙن قافلن جي صورت ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته سالگرهه تقريب ۾ **منظور ابڙي** جو سنڌي ۾ ٻارن لاءِ لکيل شعرن جي ڪتاب **"پيارا پيارا پوپٽڙا"** جي مهورت ڪئي وئي. **ٻالڪ ادبي فورم سنڌ** پاران 23 آگسٽ 1998ع تي جشن لطيف جي عنوان سان هڪ پروگرام گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماٿيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ ملهايو ويو. جنهن ۾ **سندر سنڌي منظور ابڙي، عبدالحئي پٽي، سيد اسرار احمد شاهه، نور حسن ڪوسي، مظفر علي شاهه** ۽ ٻين ڳالهايو. **ٻالڪ ادبي فورم سنڌ** جي ٽين سالگرهه تاريخ 14 نومبر 1999ع تي سنڌ ميوزيم ممتاز آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ **عزيز ڪنگراڻي، معصوم سانگهڙائي، شاهنواز ٽالپر، سندر سنڌي، واحد پارس هيسباڻي، عبدالحئي پٽي، منظور ابڙي، صابر حسن مهر، يعقوب بروهي** ۽ ٻين تقريرون ڪيون. **ٻالڪ ادبي فورم سنڌ** پاران پرائمري تعليم ۽ سنڌي ٻاراڻو ادب جي موضوع تي هڪ سيمينار تاريخ 8 ڊسمبر 1999ع تي گورنمينٽ پرائمري اسڪول پنهون ويسر ۾ منعقد ڪرايو. جنهن ۾ **مقصود گل، مختيار گهمري، بيخود بلوچ،**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر بشير احمد ويسر نور حسن ڪوسي، عبدالحئي پٽي ۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. تنظيم جي چوٿين سالگرهه تاريخ 20 نومبر 2000ع جي رات گورنمينٽ هاءِ اسڪول عمر ڪوٽ ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر علي نواز شاهاڻي، واحد پارس هيسباڻي، سندر سنڌي، ممتاز ڪنڀر، منظور ابڙي، عبدالحئي پٽي، آچار عظيم ڪوسي، صابر حسين، مهر يعقوب بروهي، بنسي مالهي ۽ ٻين ڳالهايو جڏهن تہ سالگرهه تقريب ۾ عبدالحئي پٽي جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جي ڪتاب "گلابن جي خوشبوءِ" جو مهورت ڪيو ويو. تاريخ 5 جنوري 2001 ع تي ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي پنجين سالگرهه پنگريي شهر ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاري، پير مجيد سرهندي، حافظ اسماعيل ميمڻ، مير الله بخش ٽالپر، ممتاز ڪنڀر، ڊاڪٽر علي نواز شاهاڻي، آچار عظيم ڪوسي، محمد ابراهيم ناهيين ۽ ٻين مهمانن طور پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. تاريخ 14 نومبر 2001ع اڳاري ڏينهن گورنمينٽ پرائمري اسڪول پنهون ويسر ۾ هڪ تعليمي سيمينار منعقد ڪرايو ويو جنهن ۾ عبدالله خان رڪ، عبدالرحمان ڪلوڙ، ثناءُ الله ڪولاچي، عبدالحئي پٽي، انور علي ويسر ۽ فيض محمد ويسر ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

تاريخ 19 مئي 2002ع بروز آچر تي تنظيم جي مرڪزي چونڊ پٽ شاهه ۾ شاهه جي باغ ۾ سندر سنڌي جي نگراني ۾ ٿي، جنهن ۾ بنا مقابلي صدر عبدالحئي پٽو نائب صدر يعقوب بروهي، جنرل سيڪريٽري ممتاز ڪنڀر، جوائنٽ سيڪريٽري بيخود بلوچ، خزانچي فقير صابر حسين مهر ۽ پريس سيڪريٽري آچار عظيم ڪوسو چونڊيا ويا ۽ ڪاروباري ڪاميٽي تي جيڪي ميمبر چونڊيا ويا، تن ۾ معصوم سانگهڙائي، امير بخاري، سندر سنڌي، منظور ابڙو، واحد پارس هيسباڻي، خالد آزاد، غلام محمد پٽي، نوشاد ۽ ڊاڪٽر علي نواز شاهاڻي شامل هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ 20 نومبر 2002ع صبح جو 10 وڳي ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران گورنمينٽ پرائمري اسڪول ارباب ڪلادي ۾ ٻارڙن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ استاد گل محمد ڪلادي، عبدالحئي ڀٽي، عرض محمد ڪلادي، استاد عبدالرزاق ڪلادي ۽ استاد رفيق احمد ڪلادي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تاريخ 20 نومبر 2003ع بروز خميس تي صبح جو 11 وڳي ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران گورنمينٽ پرائمري اسڪول عارب ڪلوڙ ۾ ٻارڙن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ استاد محمد صديق مهر، استاد عبدالرحيم ڪلوڙ عبدالحئي ڀٽي، وزير احمد ڪلوڙ ظهير احمد ڪلوڙ ۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو.

تاريخ 5 سيپٽمبر 2004ع تي ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي نئين باڊيءَ جي چونڊ راڻي باغ حيدرآباد ۾ سندر سنڌيءَ جي نگراني ۾ ٿي، جنهن ۾ بنا مقابلي صدر عبدالحئي ڀٽو نائب صدر غلام محمد "غازي"، جنرل سيڪريٽري ممتاز ڪنير، جوائنٽ سيڪريٽري يعقوب بروهي، خزانچي فقير صابر حسين مهر، پريس سيڪريٽري آچار عظيم کوسو ۽ آفيس سيڪريٽري غلام فاروق موروجو چونڊيو ويو ۽ ڪاروباري ڪميٽيءَ تي سندر سنڌي، منظور ابڙي، واحد پارس هيسباڻي، خالد آزاد، محمد ابراهيم ناهيين، بيخود بلوچ، ملهار سنڌي، علي مردان ملوڪاڻي، ويرم ڪتري ۽ واحد لاشاريءَ کي کنيو ويو.

تاريخ 20 نومبر 2004ع بروز ڇنڇر تي صبح جو 11 وڳي ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماتيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ ٻارڙن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو، جنهن ۾ اصغر مجاهد مهر، عبدالعزيز هڪڙو بشير احمد ملهڻ، نديم جمالي، عبدالحئي ڀٽو الهورايو بوزادر سيد اسرار احمد شاهه، منظور احمد شاهه منظور احمد بوزدار ۽ ٻين تقريرون ڪيون، جڏهن ته مختلف اسڪولن جي ٻارڙن سون جي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ 27 اپريل 2008ع آچر جي ڏينهن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ حيدرآباد جي هال ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي چونڊ سندر سنڌيءَ جي نگراني ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ صدر عبدالحئي پٽو نائب صدر ممتاز ڪنير، جنرل سيڪريٽري آچار عظيم ڪوسو جوائنٽ سيڪريٽري غلام محمد "غازي" خزانچي ملهار سنڌي، پريس سيڪريٽري محمد ابراهيم ناهيون ۽ آفيس سيڪريٽري غلام فاروق موروجو چونڊيا ويا.

تاريخ 20 نومبر 2008ع بروز ڇنڇر تي صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ پرائمري مين سنڌي اسڪول عمر ڍهو ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي 12 هين سالگرهه ملهائي وئي، جنهن ۾ عبدالرزاق، محمد ٻڍل ميمڻ، لياقت علي لولائي، عبدالحئي پٽي، سڪندر اوڳاهي، قيصر داس ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تاريخ 5 فيبروري 2009ع صبح جو 11 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماتيلي مومل جي ماڙي ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران ٻالڪ مشاعرو ٿي گذريو جنهن ۾ غلام محمد "غازي" سيد اسرار احمد شاهه عبدالحئي پٽي، استاد غلام رسول منگي، استاد خدا بخش ٻرڙي، استاد غلام رسول شيخ، علي حسن منگي، استاد غلام محمد شيخ، استاد مولا داد پٽي ۽ استاد نظير احمد منگي ۽ ٻين پنهنجا ٻارن لاءِ لکيل شعر پيش ڪيا. تاريخ 22 مارچ 2009 صبح جو 11 وڳي عبداللطيف نظاماڻي هال لاڙڪاڻي ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران موجوده دور ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي صورتحال جي موضوع تي هڪ سيمينار ٿيو جنهن ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، امام راشدي، مختيار سمي، عبدالحئي پٽي، غلام محمد "غازي" ملهار سنڌي، منٺار سولنگي، پائو درمحمد ٻرڙي، احسان لغاري، بيخود بلوچ، غلام محمد پٽي، سرمد چانڊيو، اعجاز قادر مهر، سميع ساجد جوٽيجي، هوش محمد پٽي، ڪامريڊ ڪريم بلوچ ۽ باغي بلوچ سميت ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن شرڪت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي. آخر ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي ليکڪن شاعرن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. جڏهن تہ **غلام محمد "غازيءَ"** کي لائيف اچيومينٽ اوارڊ ڏنو ويو. تاريخ 3 اپريل 2009ع صبح جو 10 وڳي **ٻالڪ ادبي فورم** سنڌ پاران گورنمينٽ پرائمري اسڪول **سائين ڏني گهوٽي** ۾ انعام تقسيم ڪرڻ ۽ **لطيف جو ڏهاڙو** ملهائڻ جي حوالي سان هڪ تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ **سيد يار محمد شاهہ، استاد محمد صديق مهر، سارنگ ڪلادي، عبدالحئي پُٽي، جمال الدين پٺاڻ، حماد الله ميمڻ** ۽ ٻين شرڪت ڪئي، مختلف اسڪولن جي ٻالڪن لطيف سائين تي تقريرون ڪيون. تاريخ 13 آگسٽ 2009ع صبح جو 11 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول **ماڇيلي مومل جي ماڙيءَ** ۾ تنظيم پاران سنڌي ٻاراڻي ادب جي ليکڪ ۽ گل ڦل جي اڳوڻي ايڊيٽر **اڪبر جسڪاڻيءَ** جي ڏهين ورسي ملهائي وئي، جنهن ۾ **نظير احمد منگي، نصر الله پُٽي، عبدالفتاح ڪڪڙي ۽ عبدالحئي پُٽي** ۽ ٻين **اڪبر جسڪاڻيءَ** جي شخصيت ۽ فن تي ڳالهايو. تاريخ 5 آڪٽوبر 2009ع صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول **رمضان مهر** ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ اديبن، استادن ۽ تعليمي ماهرن **گل حسن چني، محمد ابراهيم رڪ، حاڪم علي مهر، عبدالحئي پُٽي ۽ مولابخش مهر** سميت ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ مختلف اسڪولن جي شاگردن گيت، ٽيبلوز ۽ تقريرون پيش ڪيون.

تاريخ 13 نومبر 2009ع بروز جمعي تي گورنمينٽ پرائمري اسڪول **ماڇيلي مومل جي ماڙيءَ** ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي 13 هين سالگرهہ جي ڪيڪ ڪاٽڻ واري هڪ تقريب ٿي گذري فورم جي 13 هين سالگرهہ جو ڪيڪ **الهورائي بوزدار سڪندر اوڳاهي، حفيظ چني، ممتاز سومري، يوسف منگي، عبدالحئي پُٽي، ممتاز مهر** ۽ ٻين گڏجي ڪاٽيو. تاريخ 20 نومبر 2009ع صبح جو 10 وڳي **ٻالڪ ادبي فورم** سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاران گورنمينٽ اسڪول ماٽيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ سيد اسرار احمد شاهه بخاري، غلام مرتضيٰ شيخ، علي حسن منگي، مير محمد سومري، محمد يونس ڀٽي، مير حسن ڪڪڙي، استاد غلام رسول منگي ۽ عبدالحئي ڀٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جڏهن ته مختلف اسڪولن جي ٻارن، تقريرون، گيت ۽ ڪلام وغيره پيش ڪيا. 5 ڊسمبر 2009ع تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماٽيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ سنڌ جي ثقافت سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪرائي وئي، جنهن ۾ اديبن صحافين، استادن ۽ شاگردن اجرڪ ۽ ٽوپي پائي شريڪ ٿيا. تاريخ 2 مارچ 2010ع شام جو 4 وڳي پريس ڪلب گهوٽڪيءَ ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي 87 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ شفيع محمد ابڙي، عبدالحئي ڀٽي، ڪامريڊ ستار گهوٽي، سُندر داس ۽ رمضان چني شرڪت ڪئي. تاريخ 30 مئي 2010ع صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ پرائمري گرلس اسڪول ماٽيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ غلام محمد غازيءَ جي صدارت ۾ لطيف ڏي ملهايو ويو جنهن ۾ گل حسن ڪڪڙي، عبدالحئي ڀٽي، علي حسن منگي، خدا بخش ٻُرڙي، مير محمد سومري، علي رضا منگي، غلام فريد شيخ، شمن ڀٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ٻالڪ ادبي فورم سنڌ سال 2010_2011 جون چونڊون تاريخ 5 جون 2010ع ڇنڇر ڏينهن صبح جو 11 وڳي راڻي باغ حيدرآباد ۾ سندر سنڌيءَ جي نگراني ۾ ٿيون. جنهن ۾ بنا مقابلي صدر غلام محمد غازي، نائب صدر ملهار سنڌي ۽ جنرل سيڪريٽري گوهر سنڌيءَ کي چونڊيو ويو. تاريخ 5 آڪٽوبر 2010ع صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماٽيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ پروفيسر اصغر مجاهد مهر، سيد اسرار احمد شاهه، غلام محمد غازي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احسان علي جهتيال، عبدالحئي ٻُٽي، غلام محمد شيخ، سوني خان ڪورائي،ڪامران مغل، سراج احمد ڪلوڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

تاريخ 20 نومبر 2010ع بروز ڇنڇر تي صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ پرائمري گرڪس اسڪول ماتيلو مومل جي ماڙي ۾ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ استادن ۽ شاگردن محمد حسن، عبدالحئي ٻُٽي، علي حيدر منگي، زڪريه ٻُٽي، عبدالعزيز شاهه بدرالدين ٻُٽي، اختر علي منگي، شمس الدين ٻُٽي، غلام سرور شيخ، مقصود احمد منگي، عابد حسين شيخ ۽ ٻين تقريرون ڪيون. تاريخ 23 نومبر 2010ع گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ٻالڪ ميلي، ٻارن جا عالمي حق عنوان سان سيمينار، تصويري نمائش ۽ سهڻا ٻالڪ سنڌ جا ۽ جاڳو ٻالڪ ڪتابن جي مهورت جا پروگرام ٿيا. تقريب جي صدارت ناميارې اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر ادل سومري ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان ناميارو شاعر اياز گل هو. تقريب ۾ ٻيخود بلوچ، غلام محمد غازي، عبدالحئي ٻُٽي، گوهر سنڌي، ملهار سنڌي، خليل عارف سومري، سميع ساجد جوٽيجي، ارباب علي عاد چوهاڻ، گل منير ميراڻي، باغي بلوچ، انور علي سولنگي، دلشاد پروين، مرڪ ثنا، مس نوشين، سجاد ميراڻي، وحيد محسن، ممتاز بخاري، هارون چني، وفا منظور چوهاڻ، علي حسن منگي، سڪندر اوڳاهي، خدا بخش ٻرڙي، عبدالوهاب بلوچ، محمد حسين مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي. 01 جنوري 2011ع تي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماتيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ هڪ تعليمي سيمنار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ استادن نصرالله ٻُٽو نظير احمد منگي، عبدالفتاح ڪڪڙي، لطف الله منگي، انور علي ڪڪڙي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

تاريخ 05 جولاءِ 2011ع اڱاري تي شام جو 06 وڳي غازي هائوس عبدوءَ ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي چونڊ انور سولنگيءَ جي نگراني ۾ ٿي، جنهن ۾ بنا مقابلي صدر غلام محمد غازي، نائب صدر سميع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساجد جوٽيجو جنرل سيڪريٽري عبدالحئي ڀٽو جوائنٽ سيڪريٽري گوهر سنڌي، خزانچي ملهار سنڌي، آفيس سيڪريٽري خليل عارف سومرو پريس سيڪريٽري سميع سجاد ميراڻي چونڊيا ويا.

تاريخ 15 آگسٽ 2011ع بروز سومر تي گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي خان ويسر ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ ٻاران سنڌي ٻاراڻي ادب جي ليکڪ اڪبر جسڪاڻيءَ جي 11 هين ورسي استاد فيض محمد وسير جي صدارت ۾ ملهائي وئي. جنهن ۾ عبدالحق شيخ، يونس ڀٽو عزيز الله وسير، عبدالحئي ڀٽي ۽ اسڪولي ٻارن لاتعداد ۾ شرڪت ڪئي.

تاريخ 04 نومبر 2012ع بروز آچر تي تنظيم ٻاران گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماتيلي مومل جي ماڙيءَ جي 35 شاگردن کي سچل سرمست جي درگاهه ڪوٽڏيجي جي قلعي، بلاول پارڪ خيرپورميرس، لب مهراڻ سکر ۽ صدرالدين شاهه جي درگاهه جو دورو ڪرايو ويو.

20 نومبر 2012ع بروز اڱاري تي صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماتيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو مرڪزي صدر غلام محمد غازيءَ جي صدارت ۾ ملهايو ويو. جنهن ۾ تعليمي ماهرن ۽ استادن نظير احمد منگي، انور علي ڪڪڙي کان علاوه مختلف اسڪولن جي ٻارن شرڪت ڪئي.

غازي هائوس عبدو ۾ تاريخ 08 ڊسمبر 2012ع تي هڪ ٻالڪ مشاعرو احسان لغاريءَ جي صدارت ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ غلام محمد غازي، گوهر سنڌي، حاڪم گل مهر، عبدالحئي ڀٽي، جمال الدين پتافي، علي حسن منگي، غني غمدل، سجاد ميراڻي، وحيد محسن، علي نواز پتافي، روشن شيخ، ارشاد مهر، احسان پيپي ۽ ٻين پنهنجي ٻارن لاءِ لکيل شاعري پيش ڪئي. 17 ڊسمبر 2012ع تي صبح جو 11 وڳي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماتيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ ”جشن ٻارڙا“ جي تقريب ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ اسرار بوزدار، عامر چني، عبدالحئي ڀٽي، سائين ڏني عباسي، آزاد مهر، عبدالحئي ساوند، غلام محمد غازي، يونس ڀٽي، احسان علي جهتيال، يوسف منگي، عبدالحميد ڪلادي، مير محمد سومري، اصغر علي وسير، ذوالفقار علي ڪلادي، سڪندر اعظم ڪڪڙي، ڪانڊيرو ڪلادي، علي حسن منگي، خدابخش ٻرڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جڏهن مختلف اسڪولن جي ٻارڙن لوڪ گيت، خاڪا، ٽيبلوز ۽ ڪلام پيش ڪيا.

22 جنوري 2013ع تي صبح جو 10 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماڇيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ "پيارو پيغمبر ٻارن جي نظر ۾" جي موضوع تي هڪ تقريب تعليمي ماهر ۽ استاد حافظ سراج احمد ڪلوڙ جي صدارت ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ عبدالرسول ملڪ، لطف الله منگي، مولاداد ڀٽي، عبدالفتاح ڪڪڙي، عبدالحئي ڀٽي، انور علي ڪڪڙي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. تاريخ 23 اپريل 2013ع تي شام جو 05 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول پير محمد ڀٽي عرف ٻهليءَ ۾ ڪتابن جو عالمي ڏهاڙو نالي واري سماج سڌارڪ محمد يوسف ڀٽي جي صدارت ۾ ملهايو ويو. جنهن ۾ عبدالهادي ڀٽي، محمد عيسيٰ ڀٽي، خالد ڀٽي، محمد دائود ڀٽي، ذوالفقار علي ڀٽي، عبدالحئي ڀٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. 20 آگسٽ 2013ع بروز اڱارو تي صبح جو 11 وڳي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماڇيلي مومل جي ماڙيءَ ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي ليکڪ، ڪهاڻيڪار اڪبر جسڪاڻيءَ جي 13 هين ورسي اسڪول جي هيڊ ماستر نظير احمد منگيءَ جي صدارت ۾ ملهائي وئي. جنهن ۾ عنايت الله ٻرڙي، مولاداد ڀٽي، مير محمد سومري، مولا بخش مهر، عبدالغفور عارباڻي، عبدالفتاح ڪڪڙي، خان محمد سومري، لطف الله منگي، انور علي ڪڪڙي، عبدالحئي ڀٽي، غلام مرتضيٰ شيخ ۽ ٻين اڪبر جسڪاڻيءَ جي زندگي ۽ ڪم تي ڳالهايو.

ٻالڪ ادبي فورم پاران ٻارن لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ڪرايا ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. تن ۾ 'گلابن جي خوشبوءِ' (عبدالحئي پنو)، 'ٻالڪ چنڊ ستارا' (غلام محمد پنو)، 'ڪهاڻي نمبر' ۽ 'سهڻا ٻالڪ سنڌ جا' ۽ ماٺڪ هر هڪ هٿ ۾ (عبدالحئي پنو) ڇپايا آهن.

ٻالڪ ادبي فورم جو هن وقت جيتوڻيڪ سرگرميون ڪنهن قدر جهڪيون آهن، پر هن فورم پنهنجي وت ۽ ست آهر سنڌي ٻاراڻي ادبي جي ترقي، واڌاري، ٻارن ۾ علمي ادبي شعور پيدا ڪرڻ ۽ شخصيت سازيءَ جي ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي.

**روشن تارا سنگت** (ڇيلهار- ٿرپارڪر):

ٻارڙن جي هي علمي ادبي تنظيم سال 2000ع ۾ ڇيلهار ۾ قائم ڪئي وئي جنهن جي عهديدارن ۾ چيئرمئن واسديو ڪمار راسائي، صدر بچومل، نائب صدر شنڪر لعل، جنرل سيڪريٽري پرت ڪمار ۽ خزانچي گهنشام داس چونڊيا ويا. هن تنظيم ٿر جي ڳوٺ ڇيلهار ۽ آسپاس ۾ ٻارن جون علمي ادبي سرگرميون شروع ڪيون. مختصر عرصو ڪم ڪرڻ کان پوءِ هي تنظيم بند ٿي وئي.

**ڪنول گل ٻارڙا سنگت** (مٺي):

ٻارڙن جي هن علمي ادبي تنظيم جو بنياد 2001ع ۾ مٺيءَ ۾ وڌو ويو جنهن جي عهديدارن ۾ صدر نَوَل راءِ، جنرل سيڪريٽري ڪيشو لعل ۽ خزانچي اوم پرڪاش چونڊيا ويا. شهر جي سطح تائين تنظيم ڪي ڪجهه عرصي لاءِ سرگرم ڪيو ويو بعد ۾ هي تنظيم گهڻو وقت هلي نه سگهي ۽ پاڻ مرادو بند ٿي وئي.

**مرڪندڙ ڇهرا سنگت** (اسلام ڪوٽ):

سيپٽمبر 2001ع ۾ ٻارن جي هي علمي، ادبي تنظيم 'مرڪندڙ ڇهرا سنگت' ڳوٺ عارب جي ڍاڻي، اسلام ڪوٽ، مٺيءَ ۾ قائم ٿي، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو صدر دولت رام ديپ، جنرل سيڪريٽري آءِ ڊيسر رائوڙ ۽ خزانچي نندلال رائوڙ چونڊيا ويا. هن تنظيم جو خاص مقصد ٻارن ۾ ذهني شعور آڻڻ ۽ کين علمي، ادبي، تحريري ۽ تقريري لياقتن سان منور ڪرڻ هو. سنگت کي باقاعدي منظم طريقي سان هلائڻ جي لاءِ 16 نقطن جو هڪ اصول ٺاهيو ويو. هن تنظيم طرفان پنهنجي ڳوٺ ۽ آس پاس ۾ ٻارن جون علمي ادبي سرگرميون منعقد ڪيون ويون. هي تنظيم گهڻو وقت هلي نه سگهي ۽ پاڻ مرادو بند ٿي وئي.

## سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت:

ٻارڙن لاءِ علمي ۽ ادبي تنظيم 'سنڌي ٻالڪ ادبي سنگت' جو قيام 2002_03ع ڌاري موري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ عمل ۾ آيو. هن تنظيم جو مرڪزي صدر مختيار علي راهو هو جڏهن ته عاشق مگڻهار ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ ٻيا نوجوان ليکڪ هن تنظيم جا مرڪزي عهديدار هئا. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هن تنظيم جا يونٽ کليا، جيڪي ٻارن لاءِ مختلف علمي، ادبي پروگرام ڪرائيندا هئا. تنظيم پاران جون 2003ع ۾ موري شهر ۾ 'پهرين ٻالڪ ادبي ڪانفرنس' ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت خالد آزاد ڪئي. ٻين مکيه مهمانن ۾ آصف منياٽوي، اسد ميمڻ ۽ ٻيا شامل هئا. هن ڪانفرنس ۾ مقالن جي نشست ڪانپوءِ ٻارڙن ٽيبلو ۽ خاڪا پيش ڪيا. آخر ۾ محفل موسيقي پڻ ٿي. هيءَ تنظيم ٻن سالن تائين جاري رهي، پاڻمرادو بند ٿي وئي.

## گلشن ٻارڙا سنگت:

'گلشن ٻارڙا تنظيم' جو بنياد سال 2003ع ۾ چيلهار ضلعي ٿرپارڪر ۾ پيو. تنظيم جو صدر ولايت راءِ رائوڙ هو جڏهن ته جنرل سيڪريٽري پرڪاش ڪمار، خزانچي چندر ڪمار ۽ لائبريري انچارج پرت ڪمار هئا. شهر جي سطح واري هي تنظيم ڪجهه عرصو هلڻ کان پوءِ بند ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## يوٿ رائيٽرس فورم، سنڌ:

يوٿ رائيٽرس فورم جو قيام 2006ع ۾ حيدرآباد ۾ عمل ۾ آيو. فورم جو چيئرمئن **خالد آزاد** ۽ جنرل سيڪريٽري **شوڪت چاچڙ** چونڊيا ويا. ٻين عهديدارن ۾ **محمد وسيم خان، قربان شيخ، وفا مولا بخش، عمير مهيسر** ۽ ٻيا شامل هئا. هي فورم نوجوان ليکڪن کي مختلف سماجي ۽ ادبي معاملن تي پنهنجو موقف ۽ آواز پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ قائم ڪيو ويو هو. هن فورم ٻارن جي مختلف سرگرمين کان سواءِ حيدرآباد ۽ ڀر پاسي علائقن ۾ مختلف سيمينار ۽ گروپ مباحثا ڪرايا ويا. ان کان سواءِ به مختلف سرگرميون منعقد ڪرايون ويون. بعد ۾ هي فورم بند ٿي ويو.

## گلشن ٻالڪ سنگت، سنڌ:

ٻارن جي هن تنظيم 'گلشن ٻالڪ سنگت، سنڌ' جو بنياد 27 جنوري 2007ع تي، حيدرآباد ۾ پيو جنهن جو باني چيئرمئن **امتياز نور ڪنير** ۽ جنرل سيڪريٽري **شاهنواز ارباب** ٿيو. ٻين مرڪزي عهديدارن ۾ غلام رسول ڪنير، منوج ڪمار هيراڻي، شيام سندر لجپت ساگر ۽ ٻيا شامل هئا. تنظيم جو هڪ صلاحڪار بورڊ پڻ جوڙيو ويو جنهن ۾ **پروفيسر اعجاز قريشي، زيب نظاماڻي، ڊاڪٽر دليپ رتناڻي** ۽ **نور محمد ڪنير** شامل هئا. گلشن ٻالڪ سنگت جا مول متا هيٺينءَ ريت هئا:

1. سنڌي ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ ڪوششون وٺڻ
2. سنڌي ٻارن جي ذهني نشونما لاءِ مختلف علمي، ادبي پروگرام ڪرائڻ
3. ٻارن لاءِ رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ
4. ٻارن ۾ ڪتابن ڏانهن چاهه وڌائڻ لاءِ لائبرريون کولڻ
5. سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ساڻن گڏجاڻيون ڪرڻ
6. تعليمي معيار کي وڌائڻ جي لاءِ هنري ۽ فني سکيا سينٽر قائم ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'گلشن ٻالڪ سنگت' سنڌ ٻارن ٻارن جو هڪ رسالو 'سنڌ جي سونهن' پڻ شايع ڪيو ويو. ان کان سواءِ ٻارن جون جيڪي سرگرميون ڪيون ويون، تن ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پروگرام، ٻالڪ ميلا، ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائڻ جي سلسلي ۾ تربيتي ورڪشاپ، ٻوڏ متاثر ٻارن لاءِ مفت ڪلاسن جو انتظام ڪپري، عمرڪوٽ، چاچري ۾ لائبررين جو قيام، سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ ۽ ڪراچيءَ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ جي سلسلي ۾ تحريڪون هلائڻ شامل آهن. هي تنظيم به سال کن هلي پوءِ پاڻمرادو بند ٿي وئي.

**ادا سائين چلڊرينس اينڊ يوٿ سوسائٽي:**

حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي ٻن رسالن **'نٽ ڪٽ'** (اردو) ۽ **'ادا سائين'** (سنڌي) جي علمي ادبي سرگرمين کي ادارتي شڪل ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ تنظيم 'ادا سائين چلڊرينس اينڊ يوٿ سوسائٽي' 30 ڊسمبر 2008ع تي باقاعدي حڪومت سنڌ کان رجسٽر ڪرائي وئي. تنظيم جو چيئرمئن خالد آزاد، جنرل سيڪريٽري وسيم خان ۽ ماليات سيڪريٽري قربان شيخ چونڊيا ويا. جڏهن ته هڪ ايگزيڪيوٽو بورڊ پڻ جوڙيو ويو جنهن جي ميمبرن ۾ وفا مولا بخش قمبراڻي، عاطف حسين وگهيو، فرزانه سومرو، عدنان هاليپوٽو، روپلو جويو ۽ سرمد دارا شڪوه شامل هئا. هن تنظيم نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن پاران ٿيندڙ نوجوان ليکڪن جي ورڪشاپن ۾ شريڪ اداري طور ڪم ڪيو. ان کان سواءِ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڄامشوري ۾ ٿيل ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلي توڙي سنڌ ميوزيم ۾ مختلف تنظيمن پاران ٿيندڙ ٻارن جي سرگرمين دوران اسٽال لڳايا. 'ادا سائين' پاران نوجوان آرٽسٽ محبوب جوکيي جي تصويرن جون به نمائشون به منعقد ڪرايون، جڏهن ته 2010ع جي ٻوڏ جي نتيجي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻي گهر ٻارن لاءِ سچي ڏينهن جو عيد شو ڪيو. ان دؤران ٻارن کي خرچيون ڏنيون ويون ۽ ٻارن پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو. ’ادا سائين‘ پاران مختلف تنظيمن سان ٻالڪ سرگرمين ۾ سهڪار پڻ ڪيو ويو.

سال 2012ع ۾ ’ادا سائين‘ پاران پهرئين ۽ ٻئي ڪلاس جي سنڌي درسي ڪتابن تي نظرثاني ۽ جائزي جو پراجيڪٽ، ايڪشن ايڊ جي تعاون سان هلايو. پراجيڪٽ ڇهه مهينا جاري رهيو ۽ ڪامياب ويو. 13 ڊسمبر 2013ع تي تنظيم جي ماليات سيڪريٽري ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر قربان شيخ جي سيوهڻ ويجهو روڊ حادثي ۾ وچڙي وڃڻ کان پوءِ تنظيم غير فعال ٿي وئي.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٻيو

# اخبارن جا هفتيوار ٻاراڻا صفحا ۽ انهن سان لاڳاپيل تنظيمون

[1999- 1958]

سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ روزاني اخبارن جو ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ سُڌاري توڙي سنڌي ٻارن ۾ علمي ادبي شعور پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. سنڌي اخبارن پنهنجي هفتيوار ٻاراڻن ادبي صفحن ذريعي نه رڳو سنڌ جي ٻارن کي لکڻ پڙهڻ لاءِ اتساهيو پر ٻارڙن جون تنظيمون قائم ڪري، سنڌ جي ٻارن جي شعوري آبياري پڻ ڪئي ته جيئن ٻارن کي پنهنجي ٻولي، پنهنجن ماڻهن، ثقافت، تاريخ، ادب، تهذيب ۽ روايتن سان سلهاڙي سگهجي.

جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترين ئي اخبارن ٻارن جا هفتيوار ادبي صفحا جاري پئي ڪيا آهن، پر انهن مان ڪن اخبارن، ٻارن جي هفتيوار ادبي صفحن سان گڏ ٻارن جون تنظيمون پڻ قائم ڪيون. تاريخي طور تجزيي ۽ جائزي کي آسان بنائڻ لاءِ، سنڌي اخبارن جي ٻارن جي هفتيوار ادبي صفحن ۽ تنظيمن جي حوالي سان هي باب رکيا ويا آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ باب. يعني هلندڙ باب ۾ صرف انهن اخبارن جي ٻارن جي صفحن کي شامل ڪيو ويو آهي، جن جي سهاري هيٺ ٻارن جون تنظيمون به قائم ڪيون ويون. جڏهن ته ايندڙ باب ۾ انهن اخبارن جي ٻاراڻن صفحن جو تفصيل شامل ڪيو ويو آهي، جن جي سهاري هيٺ ڪا به تنظيم قائم ڪيل نه هئي، ۽ اهي فقط ادبي صفحا هئا.

ٻارن جي هفتيوار صفحن ۽ انهن صفحن پاران قائم ٿيل تنظيمن جي سلسلي ۾ سڀ کان وڏو ڪردار روزاني 'عبرت' اخبار جو آهي، جنهن سڀ کان پهرين 1958ع ۾ ٻارن جو هفتيوار ادبي صفحو 'ٻارن جي ٻاري' جاري ڪيو. روزاني عبرت پاران شايع ٿيل ان صفحي جو پهريون انچارج **شيخ عزيز** مقرر ٿيو جنهن کان پوءِ **پروانو ڀٽي** ۽ **پير مظهر الحق** پڻ هن صفحي جا انچارج ٿيا. 1964ع ڌاري روزاني عبرت جي هن ٻارن جي هفتيوار ادبي صفحي پاران ساڳئي نالي يعني **'ٻارڙن جي ٻاري'** سان هڪ علمي-ادبي تنظيم جو قيام پڻ عمل ۾ آندو جيڪو سنڌ اندر اخبارن پاران ٻارن ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ پهريون ۽ بنيادي قدم هو. هن تنظيم 1965ع، 1966ع ۽ 1967ع ۾ ٻارن جا وڏا وڏا ڪنوينشن منعقد ڪيا، جڏهن ته ٻارن جا چٽاڀيٽيءَ جا پروگرام ۽ ٻيون غير نصابي سرگرميون ان تنظيم جي ڪارڪردگيءَ جو اهم حصو آهن. هن صفحي ۽ تنظيم جا سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ يونٽ قائم هئا.

1964ع ۾ روزاني 'خادم وطن' حيدرآباد پاران **'گلواڙيءَ'** جي نالي سان ٻارن جو هفتيوار ادبي صفحو ۽ ساڳئي نالي سان تنظيم پڻ قائم ڪئي وئي، جنهن جو روح روان 'حسام سومرو' هو. هن تنظيم جا شڪارپور، ٽنڊي آدم، هيراٻاد، ٽنڊي جام، ڳڙهي ياسين ۽ ٻين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ يونٽ قائم هئا. هن صفحي مستقبل جا ڪيترائي نوان اديب پيدا ڪيا ۽ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب کي هٿي وٺرائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1974ع ۾ روزاني **’هلال پاڪستان‘** پاران **’گلن جهڙا ٻارڙا‘** جي نالي سان ٻارن جو هفتيوار ادبي صفحو شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو جنهن ڪان پوءِ جلد ئي ساڳئي نالي سان ٻارڙن جي تنظيم پڻ قائم ڪئي وئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبارن پاران ٻارن جي علم ۽ ادب جي واڌاري جي سلسلي ۾ هن اخبار جي ٻارن جي هفتيوار صفحي جو تمام وڏو ڪردار آهي. **محمود يوسفاڻي، خدا بخش ابڙو ناصر جمال پٺاڻ نذير قاسمي، همايون گل، رفيق ميمڻ، ڊاڪٽر شفقت اقبال، پائو در محمد ٻرڙو ڪوثر ٻرڙو غفران عاقلاڻي** ۽ ٻيا هن تنظيم جي عهديدارن ۾ رهيا آهن. هن تنظيم سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وڏا وڏا پروگرام منعقد ڪيا. جڏهن ته ٻارن جا مطالعاتي دورا، ٻارن جا تحريري ۽ تقريري مقابلا، مفت ٽيوشن سينٽر کولڻ، غريب شاگردن لاءِ ڪتابن ۽ ڪاپين جو بندوبست ڪرڻ لاءِ بڪ بئنڪون قائم ڪرڻ، سنڌ جي قديم آثارن جا دورا ڪرائڻ، ڪرڪيٽ، ٽيبل ٽينس ۽ ايٿليٽڪس جي رانديڪن جا مقابلا ڪرائڻ پڻ هن تنظيم جي وڏي ڪم ۾ شامل ڪيو ويجي ٿو.

حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ روزاني اخبار **’آفتاب‘** جو پڻ ٻارن جي ادب ۽ علمي-ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. هن اخبار پاران **’ٻارن جي محفل‘** نالي ٻارن لاءِ هفتيوار ادبي صفحو قائم ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي 1976 ۾ ساڳئي نالي سان تنظيم به قائم ڪئي وئي. هن تنظيم جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو چيئرمين **نياز پنهور** کي مقرر ڪيو ويو جنهن سنڌ جي مختلف ضلعن جا دورا ڪري اتي آرگنائيزر مقرر ڪيا. انهن ۾ بدين لاءِ **قربان علي جمالي** ۽ نيو سعيد آباد لاءِ **اشتياق حسين ميمڻ** پڻ شامل هئا. هن صفحي ۽ تنظيم پاران ٻارن جي علمي-ادبي سرگرمين سان گڏ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ڪراچي مرڪز تي هلندڙ ٻارن جي واحد پروگرام **’روشن تارا‘** کي بند ڪرڻ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عمل تي بيحد احتجاج ڪيو. 1980ع ۾ روزاني آفتاب جي ٻارن جي هفتيوار صفحي **'ٻارن جي محفل'** جو نالو بدلائي **'ٻارن جي دنيا'** رکيو ويو ۽ تنظيم ڪجهه عرصو سرگرم رهڻ ڪانپوءِ پاڻمرادو بند ٿي وئي. 1985ع ۾ ٻارن جي هن صفحي جي مقبوليت کي سامهون رکندي **'ٻارن جي دنيا سنگت'** نالي تنظيم پڻ قائم ڪئي وئي، جنهن جو انچارج **احمد خان شيخ** مقرر ٿيو. هن تنظيم ٻارن ۾ علمي ۽ ادب جو شعور وڌائڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻارن جا ميڙاڪا ۽ ڪنوينشن ڪرايا، جن ۾ **خيرپور ميرس ۽ نئين ديري** جا ڪنوينشن يادگار آهن. هن تنظيم جي ڪوشش سان نئين ديري جي ميونسپل پارڪ جو نالو **'ٻارن جي دنيا'** پارڪ رکيو ويو. 1991ع ۾ هي تنظيم غير فعال ٿي، پاڻمرادو بند ٿي وئي ۽ 1999ع ۾ روزاني آفتاب جي بند ٿيڻ سان ٻارن جو صفحو به بند ٿي ويو.

هي اُهي سنڌي اخبارون هيون، جن ٻارن جي علمي-ادبي صفحن جي اشاعت سان گڏ ٻارن جون تنظيمون پڻ قائم ڪيون. سنڌي اخبارن جي هنن صفحن ۽ تنظيمن جيڪي ساڃاهه وند، سماج سڌارڪ ۽ صحافي پيدا ڪيا، اهي اڄ به سماج جي مختلف شعبن ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

هيٺ انهن سمورن اخباري صفحن ۽ تنظيمن جو مڪمل تعارف، ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ جو تحقيقي جائزو ۽ مول متا ڏجن ٿا.

**ٻارڙن جي ٻاري** (روزاني عبرت، حيدرآباد):

**روزاني 'عبرت' حيدرآباد**، سنڌي ٻوليءَ جي اها پهرين اخبار آهي، جنهن ورهاڱي کان پوءِ سڀ کان پهرين 1958ع ڌاري **'ٻارن جي ٻاريءَ'** جي نالي سان، ٻارن لاءِ هفتيوار صفحو جاري ڪيو. هن صفحي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهريون انچارج شيخ عزيز هو جڏهن تہ بعد ۾ پروانو پڻي ۽ آخر ۾ پير مظهرالحق هن صفحي جا انچارج مقرر ٿيا. جيڪي 'ماما موجيءَ' جي نالي سان سڃاتا ويندا هئا. انهن مان پير مظهرالحق 'ماما موجيءَ' جي نالي سان وڌيڪ مشهور ان ڪري ٿيو جو هن ٻارن جي صفحي کي ترقي وٺرائڻ سان گڏ 'ٻارن جي ٻاريءَ' نالي سان ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم جو قيام پڻ عمل ۾ آندو. روزاني 'عبرت' اخبار جي. ٻارن لاءِ جاري ٿيندڙ هن صفحي سنڌ جي ٻارڙن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي ذوق پيدا ڪيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب کي بچائڻ ۽ ان کي ترقي وٺرائڻ ۾ وڏي هٿي ۽ ٽيڪ ڏني. هن ئي صفحي مستقبل جا ڪيترا اديب پيدا ڪيا. جن اڳتي هلي هر شعبي ۾، سنڌ جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪيو. ٻارن جو هي صفحو پهرين خميس، پوءِ آڳاري ۽ بعد ۾ آچر واري ڏينهن شايع ٿيندو هو. هن صفحي ۾ معلوماتي مضمون، شعر ۽ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. جڏهن تہ خطن واري سلسلي ۾ ٻار خط لکي پنهنجي تجويزن ۽ راين کان آگاهہ ڪندا هئا.

روزاني 'عبرت' اخبار ٻاران 1964ع ڌاري ساڳئي نالي يعني 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' سان ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو ويو. هن تنظيم سنڌ ۾ ٻارن ۾ علمي ادبي ذوق پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. تنظيم جو روح روان پير مظهرالحق هو جيڪو 'ماما موجيءَ' جي نالي سان مشهور هو. ٻارڙن جي ٻاريءَ جا مول متا ۽ مقصد هيٺيان هئا:

- ٻارن ۾ پنهنجي پياري زبان سنڌي ۽ ان جي ادب سان چاهہ پيدا ڪرڻ.
- ٻارن کي سنڌن ٻچپل وقت اجاين ڳالهين ۾ وڃائڻ بدران ٻاريون ٺاهي، انهن جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ذريعي، تعليم سان شوق رکڻ جي ترغيب ڏيڻ.
- سنڌ جي سمورن نامور فرزندن جي صحيح سوانح حيات کان انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي آگاهہ ڪرڻ ۽ منجهن انهن بزرگن جي پڌايل اصولن کي هلڻ جي عادت پيدا ڪرڻ.

* ٻارڙن کي سنڌ جي قديم شهرن ۽ تاريخي جاين جو سير ڪرائي، انهن بابت معلومات پهچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
* ٻارڙن طرفان ڪتاب ڇپرائڻ ۽ لائبريريون کولي مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ.
* هر ڳوٺ ۽ شهر جي ٻارن کي ٻاريءَ جي شاخ قائم ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ، تہ جيئن هو پنهنجي ڳوٺ جي ٻين ٻارن ۾ بہ تعليمي توڙي ادبي چاھہ پيدا ڪن.
* هر سال سڄي سنڌ جي ٻارن جو ڪنوينشن ڪوٺائي تحريري تقريري، تصويري توڙي ٻين مختلف قسم جي چٽاڀيٽين ذريعي انهن ۾ مقابلي جو رجحان پيدا ڪرڻ.

هن سلسلي ۾ 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' پاران سنڌ ۾ ٻارن جا ميڙاڪا (ڪنوينشن) ڪوٺائڻ جو سلسلو 1965ع کان شروع ڪيو ويو. 2 مئي 1965ع تي، حيدرآباد هوٽل اوريئنٽ ۾ ٻارن جو 'پهريون ڪل سنڌ ٻار ڪنوينشن' ڪوٺايو ويو. ڪنوينشن ۾ سڄي سنڌ جي ٻارن کي دعوت هئي. گهڻن ئي شهرن ۽ ڳوٺن مان ٻار آيا. صبح جو ادبي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت 'گل ڦل' رسالي جي ڏاهوڪي ايڊيٽر غلام رباني آگري ڪئي. آگري صاحب اهڙن پروگرامن جي تعريف ڪندي، انهن جي اهميت تي زور ڏنو. ان ميڙ ۾ ٻارن افسانا، مضمون، آکاڻيون ۽ نظم پڙهيا. 'عبرت' طرفان اعلان ڪيو ويو تہ سڄي سنڌ ۾ 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' جون شاخون کوليون وڃن.

ان ڏينهن ٽيهري ڏاري مذاڪري (بحث مباحثي) جو اجلاس ٿيو جنهن جي صدارت مولانا غلام محمد گرامي ڪئي. مذاڪري جو موضوع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ’امن جي قيام واسطي جنگ ضروري آهي؟‘ جيتوڻيڪ موضوع ڏکيو هو پر ٻارن تمام سٺو ڳالهايو ۽ گرامي صاحب به ٻارن جي شوق جي تعريف ڪئي.

ٽيون يعني شام وارو اجلاس ’تفريحي پروگرام‘ هو جيڪو بسنت هال ۾ ٿيو. هن اجلاس جو خاص مهمان ’عبرت‘ گروپ جو تڏهوڪو مئنيجنگ ڊائريڪٽر **قاضي سعيد اڪبر** هو. تفريحي پروگرام ۾ ٻارن موسيقي، ڊراما ۽ فينسي ڊريس شو پيش ڪيا. قاضي سعيد صاحب انعام ورهايا ۽ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ٻارڙن جي ان شوق کي ڏسندي ’عبرت‘ طرفان هر سال ٻارڙن جو اهڙو ميڙ ڪوٺائبو. هن ٻارن جي پيش ڪيل پروگرام کي پڻ ساراهيو.

پهرئين ڪنوينشن ۾ ’عبرت‘ طرفان سنڌ جي ٻين حصن جي ٻارن کي پڻ اهڙن ميڙن ڪوٺائڻ لاءِ چيو ويو هو. نتيجي ۾ ڪجهه وقت کان پوءِ دادوءَ ۾ ٻاريءَ جي شاخ قائم ٿي، جنهن جو صدر **اعجاز قريشي** ٿيو. (اڳتي هلي اعجاز قريشي **’ٻارن جي ٻاريءَ‘** جو مرڪزي صدر به ٿيو) اهڙيءَ ريت دادوءَ ۾ به ٻارن جو ڪنوينشن ڪوٺايو ويو. جيڪو تمام ڪامياب ويو. ٻئي پاسي سيوهڻ ۾ ٻارن جي ٻاريءَ به ڪامياب ڪنوينشن ڪوٺايو جيڪو ٻاري جي سيوهڻ جي سرپرست **فتح الله صديقيءَ** جي ڪوشش سان منعقد ٿيو.

’ٻارڙن جي ٻاريءَ‘ پاران حيدرآباد ۾ ’ٻيو ڪل سنڌ ٻار ڪنوينشن‘ آچر 14 آگسٽ 1966ع تي بسنت هال ۾ ٿيو. ڪنوينشن جو افتتاح ۽ ادبي ڪانفرنس جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي ان وقت جي وائيس چانسلر **حسن علي عبدالرحمان** ڪئي. ڪنوينشن جي پهرين نشست صبح ڏهين وڳي ٿي، جنهن ۾ عبرت اخبار جي صفحي **’ٻارڙن جي ٻاريءَ‘** جي انچارج **پير مظهرالحق (ماما موجي)** استقباليا خطبو پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو. ان ڪان پوءِ ٻارن پنهنجون لکيون پڙهيون. ان پيري به سچي سنڌ مان ڪيترائي ٻار ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حيدرآباد آيا هئا.

ادبي ڪانفرنس کان پوءِ معلوماتي سوالن جو پروگرام عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيو. آخر ۾ حسن علي صاحب پنهنجي صدارتي تقرير ۾ ٻارن جي لکڻين کي پسند ڪندي چيو ته مون کي جهڙو مزو ٻارن جي هن محفل ۾ آيو آهي، تهڙو ٻي ڪنهن به محفل ۾ نه آيو هوندو. هن ٻارن جي ادبي ذوق کي ساراهيو.

منجهند جي ماني کان پوءِ ٽيهري ڏاري 'مذاڪري' جي نشست ٿي، جنهن جي صدارت هن پيري مولانا غلام محمد گرامي ڪئي. مذاڪري جو موضوع هو 'تعليم جو ذريعو مادري زبان هئڻ گهرجي'. مذاڪري ۾ مختلف ٻارڙن تقريرون ڪيون. نشست جي پڄاڻيءَ تي مولانا گرامي صاحب ٻارڙن کي ڪيترائي ڪارگر مشورا ڏنا.

شام جو تصويرن ۽ ڪتابن جي نمائش ٿي، جنهن جو افتتاح مشهور چترڪار ظفر ڪاظمي ڪيو. ڪاظمي صاحب ٻارن جي تصويرن کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ انهن جي تعريف ڪئي.

رات جو تفريحي پروگرام جو انتظام ٿيل هو. ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر سيد عملدار رضا جي بيگم خاص مهمان هئي. هن اجلاس ۾ ٻارن مختلف ڊراما، راڳ رنگ، فئنسي ڊريس شو پيش ڪيا. هڪ دلچسپ تمثيلي مشاعرو مصطفيٰ قريشي پيش ڪيو جنهن جو عنوان 'گلن جو مشاعرو' هو جيڪو ٻارن توڙي وڏن ۾ بيحد مشهور ٿيو.

مسخرن جو مور محمد مسخرو به دادوءَ مان ڪهي آيو هو. جڏهن ته ان دوران پلپلي به اچي ديرو ڄمايو. ٻنهي گڏجي ٻارن کي ڏاڍو وندرايو.

آخر ۾ بيگم رضا انعام ورهايا ۽ تقرير ڪندي چيو ته جيتوڻيڪ مان سنڌي ايتري نه ٿي ڄاڻان، تنهن هوندي به ٻارن جي پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيل پروگرام مان ڏاڍي خوش ٿي آهيان. اهڙيءَ طرح هن ڪنوينشن جي پڄاڻي ٿي.

ٻئي ڪنوينشن کان پوءِ وري سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٻاريءَ جي شاخن ۽ ٻارن جي ٻين ادارن اهڙا ميڙ ڪوٺايا. جيڪي پنهنجي مقصد جي لحاظ کان نهايت ڪامياب ثابت ٿيا. خاص طور تي دادو هالا پراڻا. بدين ۽ ڳوٺ دريا خان مريءَ جي شاخن جا سڏايل ميڙاڪا تمام گهڻا مشهور ٿيا.

آچر 1 آڪٽوبر 1967ع تي 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' پاران ٽيون ڪنوينشن حيدرآباد جي هوٽل اورينٽ جي **نوري لائونج** ۾ منعقد ڪرايو ويو. صبح جو ادبي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت مشهور اديب ۽ **'نئين زندگي'** رسالي جي تڏهوڪي ايڊيٽر **مولوي عبدالواحد سنڌي** ڪئي. ڪيترن ئي ٻارن مضمون، افسانا، لوڪ ڪهاڻيون ۽ نظم پڙهيا. **مولوي عبدالواحد سنڌي** صاحب پنهنجي صدارتي تقرير ۾ **'عبرت'** جي انهن ڪوشش کي ساراهيندي ٻارن کي اهڙين سٺين لکڻين پڙهڻ تي مبارڪباد ڏني. ادبي ڪانفرنس جي پڄاڻي بعد ٻاهران آيل ٻارن کي بس ۾ حيدرآباد شهر گهمايو ويو جڏهن ته **ممتاز مرزا** حيدرآباد جا تاريخي، صنعتي ۽ تفريحي هنڌ گهمايا.

شام جو 'ٻارڙن جي ٻاري' جي شاخن جي نمائندن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪن وڏن اديبن به شرڪت ڪئي ۽ ٻارن کي مفيد صلاحون ڏنيون. نمائندن ڪن اهم مسئلن تي پڻ ڳالهايو.

شام جو تفريحي پروگرام ٿيو جنهن جو خاص مهمان ڪئپٽن **عثمان علي عيساڻي**، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد هو. پروگرام شروع ٿيڻ وقت سڄو لائونج ڀرجي ويو ۽ محسوس ڪيو ويو ته اڃا به وڏي هنڌ جي ضرورت ٿيندي. ٻارن مزاحيا گيت، لوڪ گيت، فئنسي ڊريس شو ۽ جمالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش ڪيو. خاص مهمان عيسائي صاحب پنهي نشستن ۾ انعام کٽندڙ ٻارن کي انعام ورهايا ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ تي ٻارن جي ٻاري دادوءَ جي صدر اعجاز قريشي، سيوهڻ، هالا ۽ بدين جي شاخن ۽ حيدرآباد جي ٻاري جي جنرل سيڪريٽري آفتاب احمد چنا کي تمغا ڏنا. عيسائي صاحب پنهنجي تقرير ۾ 'عبرت' کي اهڙين ڪنوينشنن ڪوٺائڻ تي مبارڪ ڏني ۽ ٻارن کي تلقين ڪئي تہ هو پنهنجي تعليم ۾ گهڻي دلچسپي وٺن، جيئن پنهنجي مستقبل کي سنواري سگهن. اهڙيءَ طرح ٽئين ڪنوينشن جي پڄاڻي ٿي.

'عبرت' پاران انهن ٽنهي ڪنوينشنن جو اثر اهو ٿيو جو سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ نہ فقط ٻارن جي ٻاريءَ جي شاخن طرفان پر ٻارن جي بين بہ ڪيترين ئي تنظيمن اهڙا ميڙ ڪوٺايا. جهڙوڪ: بزم گلشن ٽنڊو محمد خان، بزم گلزار حيدرآباد، اداره گلزار ادب ٽنڊو محمد خان، بزم گلزار شاخ هالا پراڻا، بزم گلشن شاخ دادو، اداره منچر ادب دادو ۽ اداره نواءِ ادب ٽنڊو آدم وغيره. ان کان سواءِ دادو، سيوهڻ، آراضي، هالا نوان، هالا پراڻا وغيره جي ٻارڙن جي ٻاريءَ جي شاخن بہ ڪنوينشن ڪرايا.

هتي اداره 'منچر ادب، سنڌ' پاران ڪوٺايل ٻارن جي ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس جو احوال ڏيڻ ضروري آهي، جيڪا 26 ۽ 27 آڪٽوبر 1966ع تي، دادوءَ ۾ منعقد ڪئي وئي. هن ڪانفرنس جو عنوان 'ڪل سنڌ ٻار ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس' هو. ڪانفرنس جو افتتاح پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن ڪيو. 26 آڪٽوبر 1966ع تي، طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادوءَ جي ميدان تي هن ڪانفرنس جو پهريون اجلاس 'ادبي ڪچهريءَ' جي عنوان سان ٿيو. هن اجلاس جي صدارت غلام مصطفيٰ شاهہ ڪئي، جڏهن تہ 'ٻارن جي ٻاري دادوءَ' جي صدر اعجاز قريشي استقباليا خطبو پيش ڪيو. هن اجلاس ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻارڙن مضمون، افسانا، شعر، فيچر ۽ ڪهاڻيون پيش ڪيون. هن اجلاس ۾ ٻارن کان سواءِ جن عالمن ۽ اديبن شرڪت ڪئي، تن ۾ رحيم بخش ميمڻ، احمد علي قريشي، پروفيسر اڪرم انصاري، پروفيسر محبوب علي چنا، بقا محمد قريشي، تاج صحرائي، حافظ احسن چنا، احمد خان آصف مصراڻي، وفا ناٿن شاهي، نفيس احمد ناشاد ۽ ٻيا شامل هئا.

27 آڪٽوبر 1966ع تي هن ڪانفرنس جو ٽيون اجلاس 'ثقافتي نمائش' جي عنوان سان شروع ٿيو. هن نمائش جو افتتاح نور محمد سيال، تڏهوڪي اي ڊي پي ڊي ڪيو. هن نمائش ۾ ٻارڙن پنهنجا تيار ڪيل اسم دستڪاري، هنر، ڊرائنگ ۽ ڪتاب رکيا. اهڙيءَ ريت هيءَ ڪانفرنس پنهنجي پڄاڻي تي پهتي.

هن سلسلي کي قائم رکندي سڄيءَ سنڌ ۾ جن ٻالڪ ادب دوستن پنهنجن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٻارن جي اهڙن ميڙاڪن سڏائڻ جو انتظام ڪيو، تن ۾ دادوءَ مان اعجاز احمد قريشي، غلام سرور پنهور، صلاح الدين پنهور، شجاع احمد جوڻيجو، مظهر الدين چارڻ ۽ غلام حسين لغاري، سيوهڻ مان فتح الله صديقي، الاهي بخش بروهي، علي رضا شاهه، نثار پيرزادو، آراضيءَ مان علي گوهر شاهه ۽ خان محمد پنهور، ٻان سعيدآباد مان مولا بخش لغاري، محمد صديق ميمڻ ۽ ربڏنو پنهور، هالا مان عبدالرشيد قريشي، غلام حسين ميمڻ ۽ پرويز احمد انصاري، ٽنڊي آدم مان منصور ترمذي، محبوب ترمذي ۽ موج سنڌي، حيدرآباد مان عبدالجبار عباسي، بشير پٽي، نذير پٽي، شمس الدين سومرو، صبغت الله ميمڻ، ٽنڊي محمد خان مان اياز پاتولي، غلام فاروق، فيض محمد ۽ زمان شاهه، شڪارپور مان بيدل مسرور بدوي، ٽنڊي ڄام مان محمد صديق ميمڻ ۽ سندس دوست، بدين مان عبدالمجيد زرگر، عبداللطيف زرگر ۽ سندس دوست، ڳوٺ دريا خان مريءَ مان علي اڪبر ميمڻ ۽ علي اڪبر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاصخيلي، ڏيپلي مان لياقت علي يوسفاڻي ۽ سندس ساٿي ۽ سکر مان ضياءُ الدين شاھ ۽ سندس دوست شامل هئا.

عبرت اخبار جو هي صفحو ۽ ان سان لاڳاپيل تنظيم 'ٻارن جي ٻاري'، سنڌ ۾ ٻارن جي هڪ وڏي علمي ادبي ۽ شعوري تحريڪ ٿي اڀري سڄيءَ سنڌ ۾ هن تنظيم جون ڏيڍ سو کان وڌيڪ شاخون هيون. جن جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿي، ڪالھ جا ٻار اڄ جي سنڌ جا ساڃاھ وند فرد آهن. علمي ادبي سرگرمين کان سواءِ هن تنظيم سماجي ڪم بہ ڪيا. جن ۾ ٻوڏن دوران ڪئمپون لڳائڻ شامل آهي. هي صفحو ۽ تنظيم بعد ۾ 1980ع ڌاري بند ٿي وئي. 1980ع کان پوءِ 'ٻارن جي ٻاري' ۽ ٻين مختلف نالن سان روزاني عبرت ۾ ٻارن لاءِ هفتيوار صفحا جاري ٿيندا پئي رهيا آهن. پر جيڪو ڪم 'ٻارن جي ٻاريءَ' ڪيو اهو بهرحال اڄ تائين نہ ٿي سگهيو آهي. هن وقت بہ 'ٻارن جي ٻاري' جي نالي سان روزاني عبرت ۾ ٻارن جو هفتيوار صفحو اربع واري ڏينهن شايع ٿي رهيو آهي، جنهن جي انچارج سلما سومرو آهي. ان کان اڳ ڪنول بلوچ ۽ صدف بلوچ بہ هن صفحي جون انچارج رهيو آهن.

**ڦلواڙي** (روزاني خادم وطن، حيدرآباد):

پهريون ڀيرو 1964ع ڌاريءَ روزاني 'خادم وطن'، حيدرآباد ٻاران هر آچر تي ٻارڙن لاءِ علمي ادبي هفتيوار صفحو 'ڦلواڙي' جاري ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن لاءِ علمي ادبي مضمون، ڪهاڻيون، شعر ۽ اخلاقي نُڪتا شايع ٿيندا هئا. صفحي جو انچارج حسام سومرو هو. هيءَ صفحو ٻارن ۾ نهايت مقبول ٿيو. بعد ۾ ساڳئي نالي سان، 'خادم وطن' جي هن صفحي جي سهاري هيٺ سنڌ ۾ ٻارن جي علمي، ادبي تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو ويو جنهن جو روح روان پڻ حسام سومرو هو. تنظيم جون شاخون سنڌ



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪيترن ئي شهرن ۾ قائم ڪيون ويون. جيڪي جدا جدا وقتن تي ادبي گڏجاڻيون ڪوٺائي، ٻارن ۾ ادبي ذوق پيدا ڪنديون هيون. **'ڦلواڙيءَ'** جون جيڪي شاخون وڏيڪ سرگرم هيون، تن ۾ **شڪارپور، ٽنڊو آدم، پيراني ۽ ٽنڊو ڄام** شامل هيون. هيءَ تنظيم ڪجھ وقت هلي پوءِ بند ٿي ويئي. روزاني **'خادم وطن'** جي هن صفحي بہ مستقبل جا ڪيترا نوان اديب پيدا ڪيا ۽ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب کي هٿي وٺرائي.

**گلن جهڙا ٻارڙا** (روزاني هلال پاڪستان):

روزاني **'هلال پاڪستان'** ٻارن جو علمي ادبي صفحو **'گلن جهڙا ٻارڙا'** 1974ع ڌاري جاري ڪيو جنهن جو پهريون انچارج **محمود يوسفاڻي** هو بعد ۾ **حسام سومرو** پڻ هن صفحي جو انچارج ٿيو. هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، مضمون، لطيفا، معلومات ۽ ٻيو ڪيترو ئي دلچسپ مواد شايع ٿيندو هو. ٿوري ئي وقت ۾ هلال پاڪستان جو هي صفحو ٻارن ۾ تمام گهڻو مشهور ٿي ويو. 19 جولاءِ 1974ع تي **'گلن جهڙا ٻارڙا'** نالي سان ئي ٻارن جي علمي ادبي تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو ويو جنهن جو سرپرست **محمود يوسفاڻي**، پهريون مرڪزي آرگنائيزر **خدا بخش ابڙو** چيئرمئن **ناصر جمال پٺاڻ**، وائيس چيئرمئن **نذير قاسمي**، سيڪريٽري جنرل **همايون گل** ۽ ڊپٽي سيڪريٽري **رفيق ميمڻ** مقرر ڪيا ويا. بعد ۾ سيڪريٽري جنرل جون ذميواريون **غفران عاقلاڻي** سنڀاليون، جڏهن تہ **ڊاڪٽر شفقت اقبال** پڻ مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ شامل هو. ٻارڙن جي هن علمي ادبي صفحي ۽ ان سان لاڳاپيل تنظيم، سنڌ جي ٻارڙن ۾ وڏو علمي ادبي چاهہ پيدا ڪيو. هن تنظيم سنڌ جي تقريبن سمورن ضلعن ۾ پنهنجا ضلعي آرگنائيزر مقرر ڪيا، جن ۾ **اياز گل** سکر، **مختيار ملڪ** خيرپور ميرس ۽ **اخلاق انصاري** لاڙڪاڻي جا ضلعي آرگنائيزر مقرر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا ويا. بعد ۾ جڏهن اياز گل کي تنظيم جي مرڪزي صلاحڪاري ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو ته سندس جاءِ تي منظور بيدار کي ضلعي آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو. ادل سومرو ضلعي سکر ۾ تنظيم جو سرپرست هو. 1977ع ۾ قربان منگي 'گلن جهڙا ٻارڙا' خيرپور ميرس تعلقي جو آرگنائيزر مقرر ٿيو. 'گلن جهڙا ٻارڙا' جون سڄيءَ سنڌ ۾ شاخون قائم ٿيون جن جو تعداد اٽڪل ڏيڍ سؤ کان به مٿي هو. پهرين شاخ ٺٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي شهدادڪوٽ تعلقي ۾ قائم ٿي.

تاريخ 9 مارچ 1975ع تي مرڪز، ضلعي ۽ تعلقي آرگنائيزرن جي گڏجاڻي حيدرآباد جي هوٽل جبيس ۾ سڏائي وئي، جنهن جي صدارت 'گلن جهڙا ٻارڙا' جي انچارج محمود يوسفاڻي ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ 'گلن جهڙا ٻارڙا' جي تنظيمي ڪم کي زور وٺائڻ ۽ ٻارن جي علمي ادبي آبياريءَ لاءِ مختلف فيصلا ڪيا ويا. گڏجاڻيءَ ۾ ٻارن کي مختلف دستاويزي فلمون ڏيکارڻ ۽ سنڌ جي قديم ماڳن جا دورا ڪرائڻ جا پڻ فيصلا ڪيا ويا. هن اجلاس ۾ لاڙڪاڻي مان اخلاق انصاري، ٺٽي مان گل محمد خشڪ ۽ نعمت الله، ڪراچيءَ مان عبدالحليم جوکيو، ميرپورخاص مان نياز سومرو ۽ نثار احمد بلوچ، جهڏي مان الهجڙيو شاد ۽ محمد عالم جروار، ڇُوهڙ جماليءَ مان چانڊومل ۽ حميد ڪٽي، ڳوٺ ڏيتا مان محبوب علي ڏيٿو سجاول مان گهنشام داس، رامچند ننڊا، ڏرمداس، ماتليءَ مان مقبول احمد ميمڻ (ڊاڪٽر مقبول مارو)، ٽنڊي محمد خان مان اعجاز احمد ميمڻ، ڳوٺ ملهڻ مان حاجي خان نظاماڻي ۽ رفيق شيخ ۽ حيدرآباد مان رياض احمد ميمڻ ۽ محمد اشرف ۽ مرڪزي عهديدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سڀني ضلعي ۽ تعلقي آرگنائيزرن پنهنجون رپورٽون ۽ مستقبل جا پروگرام پيش ڪيا. گڏجاڻيءَ جي ڪاروائي جنرل سيڪريٽري غفران عاقلاڻي هلائي. مرڪزي آرگنائيزر خدا بخش ابڙي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيئرمئن ناصر جمال پناڻ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا.

1976ع ۾ ٻارڙن جي هن صفحي 'گلن جهڙا ٻارڙا' جو انچارج اسلم آزاد ٿيو. ان دوران تنظيم جي ضلعي ۽ تعلقي جي آرگنائيزرن جو ٻيو اجلاس 19 ڊسمبر 1976ع تي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال، حيدرآباد ۾ ٿيو. هن اجلاس ۾ ضلعي لاڙڪاڻي مان اخلاق انصاري، سکر مان منظور بيدار خيرپورميرس مان مختيار ملڪ، نواب شاهه مان علي جان رند، بدين مان محمد ايوب لوهار، ٿرپارڪر مان الهجڙيو شاد، حيدرآباد مان اشرف نديم قبولائي، ٽمبر تعلقي مان دُر محمد ٻرڙي، پنو عاقل مان نعيم احمد ناز گمبٽ مان ممتاز علي، نواب شاهه مان غلام نبي، شهدادڪوٽ مان نعمت الله، فيض گنج ۽ خيرپور تعلقن مان رميش ناگراڻي، ڪوٽ ڏيجيءَ مان ڪوثر ٻرڙي، ٿرپارڪر جي تعلقي آرگنائيزر پلجي رام، بدين تعلقي مان غلام مصطفيٰ ۽ گولاڙچي ۽ ڏگهڙي تعلقي جي آرگنائيزرن به شرڪت ڪئي.

اجلاس جي ڪمپيئرنگ اياز گل ڪئي. هن اجلاس جي پهرين نشست جي صدارت چيف آرگنائيزر خدا بخش ابڙي ڪئي. هن نشست ۾ سيني ضلعي ۽ تعلقي آرگنائيزرن پنهنجون رپورٽون پيش ڪيون. نشست جي اختتام تي مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي سيڪريٽريءَ پاران چانهه پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو ويو. ٻي نشست جي صدارت ضلعي لاڙڪاڻي جي آرگنائيزر اخلاق انصاري ڪئي. ان نشست ۾ 'گلن جهڙا ٻارڙا' کي درپيش تنظيمي مسئلن تي غور ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ منجهند جي ماني‌ءَ جو بندوبست ڪيو ويو جنهن جو اهتمام ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ڪيو. شام جو ٽين نشست جي صدارت خيرپور ميرس ضلعي جي آرگنائيزر مختيار ملڪ ڪئي، جنهن ۾ هيٺيان فيصلا ڪيا ويا:

1. مرڪزي حيثيت حيدرآباد جي ٿي هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

2. تنظيم کي اسڪولي بنيادن تي هلايو ويندو پر جتي اسڪول نه هوندو اتي ڳوٺاڻي سطح تي هلايو ويندو.
3. نواب شاهه ضلعي جي آرگنائيزر علي جان رند جي آڇ تي اتي ڪنوينشن ڪوٺايو ويندو.
4. هر ضلعي مان آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ مان ميمبر ڪنيا ويندا.
5. آئين ۾ ضروري تنظيمون ڪرايون وينديون.

گڏجاڻيءَ ۾ جيڪي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، تن ۾ سنڌي ٻارڙن کي صدارتي ايوارڊ ڏيڻ، پي ٽي ويءَ جو ٻارڙن جو پروگرام 'روشن تارا' جلد کان جلد جاري ڪرڻ، ٻارن لاءِ ڌار لائبرريون قائم ڪرڻ، ٻارن لاءِ ڌار چلڊرين پارڪ قائم ڪرڻ، سنڌي درسي ڪتابن مان غلطيون درست ڪرڻ ۽ انهن جي مناسب قيمت رکڻ، ٽي وي ۽ ريڊيو تي ٻارڙن کي مناسب نمائيندگي ڏيڻ، تعليم عام ڪرڻ جي لاءِ ڀهراڙين ۾ وڏ ۾ وڏ اسڪول قائم ڪرڻ، مضمون نويسيءَ جي مقابلن ۾ ٻين ٻوليتين ۾ اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ کي به شامل ڪرڻ ۽ ٻاراڻي ادب جي کوٽ پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پيپلز پبليڪيشنس ۽ نيشنل بوڪ فائونڊيشن کي ڪوششون وٺڻ جا مطالبا ڪيا ويا.

گڏجاڻي پوري ٿيڻ کان پوءِ سڀيئي دوست بس ۾ چڙهي علامه آءِ آءِ قاضي، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ جي مزارن تي ويا، جتي چادرون چاڙهي فاتحه خواني ڪئي وئي. 'گلن جهڙا ٻارڙا' جي سيڪريٽري جنرل غفران عاقلاڻي، آخر ۾ مهڪار ڪندڙن سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي پرووائيس چانسلر غلام رباني آگري، حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم ميمڻ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي تڏهوڪي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا، چيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد **جاويد جوڻيجي**، سيڪريٽري مهراڻ آرٽس ڪائونسل **عبدالرزاق چانڊيي** جا تورا مڃيا.

تنظيم ۾ ننڍيون ننڍيون سرگرميون هر شاخ، هر هفتي يا پندرهين ڏينهن منعقد ڪندي هئي، جن ۾ ڪهاڻين، مضمونن، عام معلومات ۽ تقريرن جا مقابلا شامل هوندا هئا. پر ان سان گڏ ضلعي سطح يا سنڌ سطح تي جن شاخن تمام بهترين ۽ ڪامياب فنڪشن ڪيا، تن ۾ **ٽنڊو محمد خان، ماتلي، ٽنڊوالهيار هالا، دادو شڪارپور شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو ۽ سکر** شامل هيون. ٻيو جيڪو اهم ۽ ڪامياب ڪم ٿيو اهو تعليمي پرچار هو جيڪو **ٽنڊي الهيار** شاخ ڪيو ۽ ڳوٺ ڳوٺ وڃي، ٻارن جي ماٽن کي، پنهنجن ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ کين تعليم جي اهميت کان آگاهه ڪيو. ان کان پوءِ مرڪز پاران غريب ٻارن ۾ ڪتابن ورهائڻ جي مهم شروع ٿي، جتي ڪٿي **'بڪ بينڪون'** قائم ٿيڻ لڳيون. جتان غريب شاگردن جي ڪتابن ۽ ڪاپين جي مسئلن کي حل ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ٻارن کي مفت ٽيوشنون پڻ ڏنيون وينديون. ان لاءِ سڀ کان پهرين اعلان **شهدادڪوٽ** شاخ ڪيو جنهن **نائيٽ ڪوچنگ سينٽر** هلائڻ شروع ڪيو. **ڊاڪٽر محبت برڙي** پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ ٻارن ۾ علمي، ادبي ۽ سائنسي جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ قنبر شهر ۾ **'گلن جهڙا ٻارڙا'** تنظيم جو بنياد وڌو ۽ ان جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ پاڻ ڄامشوري مان سيڙجي اچي شرڪت ڪندو هو.

**'گلن جهڙا ٻارڙا'** تعليم سان گڏ تفريحي پروگرامن ۾ به حصو وٺڻ لڳا، جن ۾ سير ۽ جسماني ورزش شامل آهن. ٻارن قديم آثارن جا پڻ سير ڪيا، موهن جو دڙو ۽ حيدرآباد جي تاريخي جاين تي وڃي سير کان سواءِ معلوماتي مطالعا پڻ ڪيا. جسماني ورزش لاءِ ڪرڪيٽ، ٽيبل ٽينس ۽ ايٿليٽڪ جي راندين جون ٽورناميٽ ڪرايون ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روزاني هلال پاڪستان جي هن صفحي ٻارڙن جي علمي ادبي سرگرمين کي هٿي ڏني ۽ مستقبل جا ڪيترائي اديب پيدا ڪيا، جيڪي اڄ مختلف شعبن ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن. اڳتي هلي محمود يوسفاڻيءَ جي ادارت هيٺ ساڳئي نالي سان ماهوار رسالو بہ جاري ڪيو ويو جيڪو پنهنجي دور جو ڏاڍو مقبول رسالو ثابت ٿيو ٻارڙن ان ۾ چڱي دلچسپي ورتي. محمود يوسفاڻيءَ هلال پاڪستان ڇڏڻ کان پوءِ حيدرآباد مان ساڳئي نالي سان ڪتابي سلسلو جاري ڪيو پر اهو هلي نہ سگهيو ۽ ٻن ٽن ڪتابن شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. هلال پاڪستان جي هن صفحي سنڌ کي ادل سومرو، اياز گل، نياز پنهور، مختيار ملڪ، خدا بخش ابڙو، اختر درگاهي، اخلاق انصاريءَ، منظور بيدار ۽ پائو در محمد پرڙي جهڙا اديب ۽ شاعر ڏنا.

**ٻارڙن جي محفل** (روزاني آفتاب، حيدرآباد):

روزاني آفتاب پاران پهريون ڀيرو ٻارڙن جو هفتيوار ادبي صفحو **’ٻارڙن جي محفل‘** تاريخ 20 جون 1975ع تي، **جمعي** ڏينهن شروع ڪيو ويو. ان وقت آفتاب جو ايڊيٽر **شيخ علي محمد** هو جڏهن تہ ٻاراڻي صفحي جو انچارج **زاهد سمون** ۽ ٻانهن ٻيلي **احمد خان شيخ** هو. ٻارن جي هن ادبي صفحي ۾ ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون، شاعري، لطيفا ۽ عام معلومات جو مواد شامل ڪيو ويندو هو. اڳتي هلي **’چرپٽ جون ڏنگايون‘** جي عنوان سان هڪ مستقل سلسلو پڻ شايع ڪيو ويو جنهن ۾ **’چاچو چرپٽ‘** هرواري ٻارن کي پنهنجون ڏنگايون ٻڌائيندو هو. جنوري 1976ع کان ٻارن لاءِ ٻہ صفحا مختص ڪيا ويا. ان دوران ٻارن پنهنجن خطن ذريعي انچارج کان گهر ڪرڻ شروع ڪئي تہ **’ٻارن جي محفل‘** نالي تنظيم بہ قائم ڪئي وڃي. ان دوران **اڪبر جسڪاڻي** ۽ ٻيا بہ هن صفحي ۾ لکڻ لڳا ۽ هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صفحو ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيڻ لڳو. صفحي جي انتظاميا 'ٻارڙن جي محفل' تنظيم جو ڪوپن شايع ڪيو تہ ٻارن ان ۾ وڌ ۾ وڌ حصو ورتو. اڳتي هلي هي صفحو جمعي بجاءِ ڇنڇر تي شايع ٿيڻ لڳو.

جولاءِ 1976ع کان هي صفحو نئين رنگ ڍنگ ۽ انداز سان شايع ٿيڻ لڳو ۽ تنظيم جو بہ باقاعده قيام عمل ۾ اچڻ لڳو. سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ 'ٻارڙن جي محفل' تنظيم جون شاخون کلڻ لڳيون. ڇنڇر 2 جولاءِ 1976ع واري شماري ۾ تنظيم بابت وضاحتون ۽ معلومات فراهم ڪئي وئي، جنهن موجب هڪ مرڪزي ڪميٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن ۾ في الحال حيدرآباد جا ٻار شامل ڪيا ويندا. مرڪزي ڪميٽيءَ جي رهنمائيءَ لاءِ اٺ (8) ٻار ڪنيا ويندا. طريقو اهو هو تہ هر ضلعي مان ٻن ٻارن کي صلاحڪار ڪميٽيءَ ۾ کنيو ويندو. صلاحڪار ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي هر ٻئي مهيني حيدرآباد ۾ ڪوٺائي ويندي، جيڪا تنظيم جي ترقي ۽ ٻين معاملن جا فيصلا ڪندي. انهن فيصلن تي مرڪزي ڪميٽي عمل ڪرائيندي. ان دوران 'ٻارن جي محفل' جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو چيئرمئن 'نياز پنهور' کي مقرر ڪيو ويو جنهن سنڌ جي مختلف ضلعن جا دورا ڪري اتي آرگنائيزر مقرر ڪيا.

شروعاتي طور نور احمد جوکيي کي ڪراچي، **مختيار ملڪ** کي خيرپور ميرس، **امتياز حسين ميمڻ** کي نيو سعيدآباد، **امتياز علي ميمڻ** کي ڪپري، سکر لاءِ **مهيش ڪمار** دادوءَ لاءِ **قربان جهتيال**، شهدادڪوٽ لاءِ **محمد علي شيخ** ۽ بدين لاءِ **قربان علي جمالي** مقرر ڪيا ويا. جولاءِ 1976ع ۾ تنظيم پاران ٽنڊي جام ۾ هڪ زبردست فنڪشن ڪرايو ويو جنهن جو خاص مهمان ان وقت جو ڊي سي حيدرآباد **محمد هاشم ميمڻ** هو جڏهن تہ صدارت صفحي جي انچارج **زاهد سمي** ڪئي. آگسٽ-سيپٽمبر 1976ع ۾ سنڌ ۾ برساتن ۽ ٻوڏن ڪري هن تنظيم جو ڪم ڇڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ ڪجھ وقت لاءِ ختم ٿي ويو ۽ صفحو بہ بند ٿي ويو. سيپٽمبر ۾ ٻارڙن جو ڪل سنڌ ڪنوينشن ٿيڻو هو سو پڻ برساتن ڪري ملتوي ڪيو ويو. بعد ۾ آڪٽوبر 1976ع کان ٻيهر صفحي کي شروع ڪري تنظيم کي فعال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان دوران **'ٻارڙن جو نيلام گھر'** نالي سان هڪ سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو جيڪو چڱو مقبول ٿيو. هن سلسلي ۾ ٻارڙن کان سوال پڇيا ويندا هئا. صحيح جوابن مان ڪڻن وسيلي نالو ڪڍيو ويندو هو تنهن کي انعام پڻ ڏنو ويندو هو. ان دوران صفحو تہ مستقل شايع ٿيندو رهيو پر تنظيم غير فعال ٿي وئي.

1979ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا جي پاڪستان ٽيليويزن پاران ٻارڙن جي واحد پروگرام **'روشن تارا'** کي بند ڪيو ويو تہ هن صفحي ۾ ٻارڙن جا مطالبن تي ٻڌل ليکڪ ۽ ڪارٽون ڇپيا. **احمد خان شيخ** تہ باقاعده ايڊيٽوريل لکي، حڪومت کان گھر ڪئي تہ **'روشن تارا'** کي چالو ڪيو وڃي. 1980ع ۾ هي صفحو آچر واري ڏينهن شايع ٿيڻ لڳو. مئي 1980ع کان **زاهد سمي** جو نالو ختم ٿي ويو ۽ انچارج **احمد خان شيخ** ٿيو ۽ ٻانهن ٻيلي **رياض انور ميمڻ** ٿيو. ان کان پوءِ صفحي جو نالو بدلائي **'ٻارن جي دنيا'** رکيو ويو.

**ٻارن جي دنيا** (روزاني آفتاب، حيدرآباد):

1980ع واري ڏهاڪي ۾ روزاني **'آفتاب'** اخبار پاران ٻارن لاءِ عملي ادبي صفحو **'ٻارن جي دنيا'** جاري ٿيو جيڪو اڳ ۾ **'ٻارن جي محفل'** جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو هو. ٻارن لاءِ هيءُ ادبي صفحو آچر ۽ ڪڏهن سومر تي ڏينهن شايع ٿيندو هو. صفحي جو پهريون انچارج **احمد خان شيخ** هو. **آفتاب اخبار** جو هيءُ صفحو ٻارن ۾ نهايت مقبول ٿيو. هن صفحي جي خاص ليکڪن ۾ **ادل سومرو اياز گل، نياز**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهور، قربان منگي، منثار سولنگي، زوار نقوي، منير احمد چنا، غلام مصطفيٰ سولنگي، اسحاق سميجو مشتاق اڄڻ، بچل ميمڻ، آزاد انور ڪانڊڙو غلام فاطمه شيخ، حسرت ملاح، وفا مولا بخش قمبراڻي، گهايل محمد علي ڏماچ، سنڌو شڪيل جوڻيجو ۽ شامل هئا.

1985ع ۾ صفحي جي وڌندڙ مقبوليت کي سامهون رکندي اداري ٻاران ٻارن لاءِ ٻه صفحا رکيا ويا ۽ ان ئي سال صفحي جي نالي جي مناسبت سان 'ٻارن جي دنيا سنگت' نالي تنظيم پڻ قائم ڪئي وئي، جنهن جو سرپرست صفحي جو انچارج احمد خان شيخ هو جڏهن ته مختلف ضلعن ۾ آرگنائيزر مقرر ٿيل هوندا هئا. جن ۾ اسماعيل آزاد ٽيپو قربان منگي، منثار سولنگي، زوار نقوي ۽ ٻيا شامل هئا. هن تنظيم ٻارن ۾ علمي ادبي جاڳرتا لاءِ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ميڙاڪا ۽ ڪنوينشن ڪوٺايا. جن مان خاص طور تي خيرپور ميرس ۽ نئين ديري جا ڪنوينشن يادگار آهن. هن تنظيم جي ڪوشش سان نئين ديري ۾ ميونسپل پارڪ جو نالو 'ٻارن جي دنيا پارڪ' رکيو ويو. 1991ع ۾ عهديدارن جي مصروفتن سبب هيءَ تنظيم غيرفعال ٿي پاڻ مرادو بند ٿي وئي، پر صفحو هلندو رهيو. 1999 ڌاري آفتاب اخبار بند ٿيڻ سان هيءَ صفحو پڻ بند ٿي ويو.

هي اهي سنڌي اخبارون ۽ انهن جا هفتيوار ٻاراڻا صفحا هُئا. جن جي سهاري هيٺ ٻارن جو ادبي تنظيمون، تحريڪن شڪل ۾ اڀري آيو ۽ ٻارن جي علمي ۽ ادبي اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيون

# سنڌي اخبارن جا هفتيوار
# ٻاراڻا ادبي صفحا

جيئن تہ اسان اڳ ئي 'سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ' جي باب ٻئي ۾ انهن سنڌي اخبارن جي هفتيوار ٻاراڻن ادبي صفحن جو تحقيقي جائزو پيش ڪري آيا آهيون، جن جي سهاري هيٺ سنڌ اندر ٻارن جون علمي ۽ ادبي تنظيمون قائم ڪيون ويون هيون، جڏهن تہ هن باب ۾ سنڌي اخبارن جي انهن هفتيوار ٻاراڻن ادبي صفحن جو مڪمل تفصيل پيش ڪجي ٿو جيڪي ڪنهن بہ لاڳاپيل تنظيم کان سواءِ، فقط ادبي صفحا هئا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبارون گهڻو ڪري ٻارن جا هفتيوار ادبي صفحا آچر واري ڏينهن شايع ڪنديون هيون. اهو ئي سبب آهي جو موڪل واري ڏينهن گهر اندر اخبار پهچڻ سان سنڌ جي ٻارن انهن ٻاراڻن ادبي صفحن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ انهن ۾ پنهنجون ڪچيون ڦڪيون لکڻيون شايع ڪرائي، پنهنجي ادبي ۽ صحافتي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪيترن ئي ادب دوست مائٽن نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رڳو پنهنجن ٻارن کي اهي هفتيوار ادبي صفحا مهيا ڪري ڏنا. پر ان ۾ لکڻ جي لاءِ اتساهيو. انهن صفحن سنڌ جا ڪيترائي اديب، صحافي، سماجي اڳواڻ ۽ ساڃاهه وند پيدا ڪيا، جيڪي اڄ معاشري ۾ مختلف شعبن اندر پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

سنڌ جي جن اخبارن هن ڏس ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو تن ۾ **روزاني عبرت** (حيدرآباد)، **روزاني هلال پاڪستان** (حيدرآباد ۽ ڪراچي)، **روزاني مهراڻ** (حيدرآباد)، **روزاني خادم وطن** (حيدرآباد)، **روزاني سنڌ نيوز** (حيدرآباد) **روزاني عوامي آواز** (ڪراچي)، **روزاني جاڳو** (ڪراچي)، **روزاني بختور** (حيدرآباد)، **روزاني سنڌ** (حيدرآباد) ۽ **روزاني هلچل** (حيدرآباد) جو ڪم تمام اهم ۽ شانائتو آهي. جڏهن تہ روزاني **سُڪار** روزاني **فيصلو** روزاني **سنڌ ايڪسپريس**، روزاني **ڪاوش**، روزاني **تعمير سنڌ** ۽ ٻين اخبارن جا ٻاراڻا هفتيوار صفحا پڻ، سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارڙن لاءِ اهو پهريون ۽ بنيادي پليٽ فارم رهيا، جن ذريعي انهن کي پنهنجن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو مليو. ان کان سواءِ پندرهن وار عبرت مئگزين، ماهوار **'سائنس'** رسالي ۽ ماهوار **'سوجهري'** رسالي ۾ شايع ٿيندڙ ٻارن جي صفحن پڻ ٻارن جي ادبي آبياريءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. 1998ع ۾ ٻارن جي مڪمل اخبار **'سنڌ سرهاڻ'** نيو سعيدآباد مان شايع ڪئي وئي، جڏهن تہ سنڌ جي مختلف شهرن مان شايع ٿيندڙ هفتيوار ۽ پندرهن روزه اخبارن ۾ پڻ ٻارن جا صفحا شايع ٿيندا رهيا آهن. **'سنڌ سرهاڻ'** دراصل پهرين سنڌي اخبار هئي، جيڪا مڪمل طور تي ٻارڙن لاءِ هئي. هي اخبار **حزب الله سمي**، نيوسعيدآباد مان جاري ڪئي.

هيٺ اخبارن جي انهن سمورن ٻارن جي صفحن جا مڪمل تفصيل پيش ڪجن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ٻاراڻي محفل** (روزاني هلال پاڪستان، حيدرآباد):

روزاني هلال پاڪستان پاران 1960ع ڌاري ٻھريون ڀيرو ٻارڙن جو هفتيوار ادبي صفحو '**ٻاراڻي محفل**' خميس واري ڏينهن شروع ڪيو ويو. ان وقت ۾ **هلال پاڪستان**، حيدرآباد مان شايع ٿيندي هئي، جنهن جو ايڊيٽر **محمد علي جوهر** هو. ٻاراڻي ادبي صفحي تي ڪنهن بہ انچارج جو نالو درج ٿيل نہ هو البت '**ڪيڙ ڪوهستانيءَ**' جي نالي ڪو همراهہ هي صفحو سنڀاليندو هو. هن صفحي ۾ '**بزم هلال**' نالي ٻارڙن جي ميمبرشپ جو سلسلو هلندو هو. جنهن ۾ ٻار ڪوپن ڀري ميمبر ٿيندا هئا. 1962ع ۾ هي صفحو خميس بجاءِ هر آچر تي شايع ٿيڻ شروع ٿيو. 1963ع ۾ هي صفحو پاڻمرادو بند ٿي ويو. بعد ۾ هلال پاڪستان پاران 1974ع ۾ '**گلن جهڙا ٻارڙا**' جي نالي سان سلسلو شروع ڪيو ويو.

**معصومن جي مجلس** (روزاني مهراڻ، حيدرآباد):

روزاني '**مهراڻ**' اخبار حيدرآباد پاران، ٻارڙن جو علمي ۽ ادبي صفحو '**معصومن جي مجلس**' 26 مارچ 1963ع تي **اڱاري** ڏينهن شروع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج '**ماما معصومي**' نالي هڪ شخص هو. جيڪو اصل ۾ **غلام مرتضيٰ پٽي** هو. هُن پنهنجي پهرئين پيغام ۾ صفحي ۾ لکيو تہ: 'اسان پنهنجي اخبار ۾ اڄ کان '**معصومن جي مجلس**' نالي ٻارن جو صفحو جاري ڪري رهيا آهيون. جيڪو هر هفتي اڱاري جي ڏينهن شايع ٿيندو رهندو. انهيءَ صفحي ۾ ٻارن جا مضمون، پروليون، ڳجهارتون، چرچا ۽ ٻيون ڳالهيون شايع ڪيون وينديون.' پهرئين صفحي ۾ مختلف معلوماتي مضمون ۽ ڳالهيون، بنا ڪنهن نالي شايع ڪيا ويا. جڏهن تہ ٻئي هفتي مختلف ٻارڙن، جن ۾ بدين کان **الهجڙيو ميمڻ**، جيڪب آباد کان **بولچند اگهيجا**، ٺٽي کان **محمد حنيف** ۽ ٻيا شامل هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تن پنهنجون لکڻيون شايع ڪرايون. ان دؤر ۾ هن صفحي ۾ 'اچو تہ پائو هٿ ملايون' جي نالي سان قلمي دوستيءَ جو سلسلو 'ادا معصوم! تنهنجو خط پهتو' نالي سان خطن جو سلسلو 'پيچ پرولي' جي نالي سان ڳجهارتن جو سلسلو ۽ سوالن جوابن جا سلسلا شروع ڪيا ويا. 25 جون 1963ع تي 'جعفراڻي شمس سجاوليءَ' جي نالي سان شمس جعفراڻيءَ جون لکڻيون شايع ٿيڻ لڳيون. بعد ۾ 1 جنوري 1969ع تي جڏهن شمس جعفراڻي، سب ايڊيٽر طور روزاني 'مهراڻ' ۾ ڪم ڪرڻ لڳو تہ هُن 'ماما معصوميءَ' جي نالي سان هن صفحي کي سنڀاليو ۽ 1973ع تائين، اخبار جي بند ٿيڻ تائين ان صفحي جو انچارج رهيو. ان دؤر ۾ روزاني 'عبرت' ۾ پير مظهر ٻارڙن جي ادبي صفحي 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' جو انچارج هوندو هو ۽ 'ماما موجيءَ' جي نالي سان مشهور هو. 'ماما معصومي' بہ اصل ۾ ان ئي سلسلي جي ڪڙي هئي. 9 جولاءِ 1963ع تي هن ٻارن جي ادبي صفحي ٻارن باقاعدي 'معصومن جي مجلس' جا ميمبر ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ ٻارڙن کي اپيل ڪئي وئي تہ اهي صفحي ۾ ڇاپيل ڪوپن ڀري موڪلين. ميمبر ٻارن کي نمبر جاري ڪيا ويا. پهريون ميمبر نظام الدين ڏنوڙ ولد محمد يوسف، عمر 15 سال، ڪلاس ڏهون، ڳوٺ پير جو ڳوٺ، خيرپور هو. ان وقت جي ٻارڙن ۾ موجوده دؤر جي مشهور شخصيتن ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي سينيئر پروڊيوسر اعجاز عليم عقيليءَ جي ميمبرشپ 11 سالن جي عمر ۾ 'اعجاز احمد شمس عقيلي' ولد عبدالعليم عقيلي ۽ شمس جعفراڻيءَ جي ميمبرشپ 14 سالن جي عمر ۾ 'جعفراڻيءَ شمس سجاوليءَ' جي نالي سان ڪئي وئي.

سيپٽمبر 1965ع تائين لڳاتار هي صفحو هلنديءَ پاڻمرادو بند ٿي ويو. ٻيهر هي صفحو 18 سيپٽمبر 1966ع تي شروع ڪيو ويو. جيڪو هاڻي اڳاري بجاءِ آچر ڏينهن شروع ٿيو. ان دؤران ناميارو اديب تاج جويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’تاج محمد تاج جويو‘ نالي هن صفحي ۾ شاعري ۽ منظوم پروليون موڪليندو هو جيڪي اهتمام سان شايع ڪيا ويندا هئا.

سال 1969ع کان شمس جعفراڻي هن صفحي جو انچارج ٿيو ۽ صفحي ۾ ڪي تبديليون آنديون ويون. جن ۾ سوالن جوابن ۽ انعامن جا سلسلا شروع ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت 1973ع ۾ اخبار بند ٿيڻ سان هي سلسلو بہ ختم ٿي ويو. وري جڏهن 1977ع ۾ اخبار جاري ٿي تہ هن صفحي کي شروع نہ ڪيو ويو.

## ماهوار ’سائنس‘ رسالي جا ٻار اڻا صفحا:

سنڌ سائنس سوسائٽيءَ پاران 1971ع ۾ ڄام شوري مان شايع ٿيندڙ رسالي ماهوار ’سائنس‘ ۾ ابتدا کان ئي **ٻارن لاءِ صفحا** مخصوص ڪيا ويا. جن جو تعداد اڳتي هلي ويهن (20) کان مٿي ويو. سنڌيءَ جي ڪنهن بہ ماهوار رسالي ۾ ٻارن لاءِ مخصوص ٿيل صفحن جو هي تعداد سڀ کان وڌيڪ هو. ٻارن جي هنن صفحن ۾ **ڪائنات جي اسرارن، سائنس جي ڪرشمن، نامور سائنسدانن جي ڪم ۽ انهن جي ايجادن، جانورن جي دنيا، پکين جي دنيا، مڇين، جيت جڻين، انساني بدن ۽ صحت** ۽ ٻين اهم موضوعن تي معلوماتي مضمونن سان گڏ سائنسي خبرن کي پڻ شايع ڪيو ويندو هو. سنڌ جي ٻارڙن کي سائنس جي دنيا کان باخبر رکڻ لاءِ هي ڀرپور ۽ منظم ڪوشش هئي، جيڪا باقاعدي ڪامياب وئي. ٻار نهايت دلچسپيءَ سان نہ صرف هنن صفحن کي پڙهندا هئا، پر انهن ۾ لکندا پڻ هئا. ان کان سواءِ ’ننڍڙا سائنسدان‘ جي عنوان سان ٻارن جا فوٽو البم پڻ شايع ڪيا ويندا هئا. ٻارن جي صفحن ۾ ذهني آزمائش جو سلسلو پڻ هلندو هو جنهن ۾ ٻارن کان مختلف سائنسي سوالن جا جواب پڇيا ويندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماهوار سائنس رسالي جو ان وقت چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر **ممتاز علي قاضي**، ايڊيٽرس **سيد وڏل شاهه ۽ محمد شريف ميمڻ**، اسسٽنٽ ايڊيٽر **غلام مرتضيٰ پٽي ۽** آرٽسٽ **دارا عالم ابڙو** هئا. اڳتي هلي ٻارن جي مخصوص صفحن جو انچارج ايڊيٽر **غلام حسين پنهور** کي بڻايو ويو. ٻارن جي هنن صفحن ۾ جن ٻارن ۽ وڏن لکيو تن ۾ **علي مرتضيٰ ڏاريجو محبوب علي جوکيو سيد مبارڪ علي شاهه منير احمد پٽي غلام مرتضيٰ پٽي عبدالرزاق شيخ**، ساجده شيخ، **محمد سعيد اعوان** ۽ ٻيا شامل هئا. سائنس رسالي جي بند ٿيڻ تائين ٻارن جا هي صفحا هلندا رهيا.

**معصومن جي محفل** (روزاني خادم وطن، حيدرآباد):

روزاني خادم وطن حيدرآباد پاران ٻيو ڀيرو ٻارن جو هفتيوار ادبي صفحو 'معصومن جي مجلس' 15 آگسٽ 1973ع تي، خميس ڏينهن شروع ڪيو ويو. صفحي جو انچارج **عبدالرحيم پانڌياڻي** هو جڏهن تہ روزاني خادم وطن جو ان وقت ايڊيٽر **سردار لطف علي دل** هو. هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ آکاڻيون، معلوماتي مضمون، '**ڪل تہ سهي**' جي عنوان سان لطيفا، '**ذهني آزمائش**' جي عنوان سان سوالن جوابن جو سلسلو ڳجهارتون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون پڙهڻ جوڳيون هيون. سٽت ئي پوءِ هي صفحو خميس بجاءِ سومر تي شايع ٿيڻ لڳو. ڊسمبر 1973ع تي هن صفحي جي چارج **رحيم قريشيءَ** کي ملي، جنهن صفحي ۾ معمولي تبديليون آڻي، ان کي جاري رکيو.

**ٻاراڻي دنيا** (روزاني خادم وطن، حيدرآباد):

14 جنوري 1973ع کان '**خادم وطن**' جي ٻاراڻي ادبي صفحي '**معصومن جي محفل**' جو نالو بدلائي '**ٻاراڻي دنيا**' رکيو ويو جڏهن تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انچارج ساڳيو رهيو. 25 فيبروري 1973ع تي هن صفحي جو ٻانهن ٻيلي ناصر جمال ٿيو جيڪو بعد ۾ هن صفحي جو انچارج پڻ ٿيو. ان دؤر ۾ **شڪيل احمد مغل** ۽ **مقبول احمد پاتولي** هن صفحي جا مستقل ۽ مقبول ليکڪ هئا. 19 آگسٽ 1974ع کان **نيڪ محمد ڀٽي** ۽ **ڪامران احمد ڪامي** هن صفحي جا ٻانهن ٻيلي ٿيا. 1975ع جي جنوريءَ کان روزاني 'خادم وطن' جا صفحا گهٽ ٿيڻ ڪري هي صفحو بند ٿي ويو.

**ٻارڙن جي محفل** (روزاني خادم وطن، حيدرآباد):

روزاني خادم وطن پاران 18 نومبر 1975ع کان ٻارڙن جي صفحي جو نالو هڪ ڀيرو ٻيهر بدلائي **'ٻارڙن جي محفل'** رکيو ويو جيڪو اڳاري ڏينهن جاري ڪيو ۽ ان جو انچارج **ناصر جمال پنهور** هو جڏهن تہ ٻانهن ٻيلي **محمد رفيق شيخ** ۽ **عبدالغني سومرو** هئا. ناصر جمال پنهور هڪ نئين رنگ ۽ انداز سان هن صفحي کي جاري ڪيو. جيڪو ٻارڙن ۾ تيزيءَ سان مقبول ٿيڻ لڳو. ان دوران خيرپور ميرس مان **ڪوثر ٻرڙو** ۽ **مختيار ملڪ** پڻ هن صفحي ۾ متواتر لکڻ لڳا. 5 مارچ 1976ع کان هن صفحي جو انچارج **محمد عثمان مسڪين** ۽ ٻانهن ٻيلي **محمد رحيم ڀٽي** ٿيو. اپريل – مئي 1976ع ڌاري هي صفحو پاڻمرادو بند ٿي ويو.

اهڙيءَ ريت **'روزاني خادم وطن'** پاران شايع ٿيندڙ ٻارڙن جي علمي ادبي صفحن، سنڌ جي ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي آبياريءَ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. جنهن جو ڪريڊٽ **حسام سومري** ۽ **ناصر جمال پنهور** ڏانهن وڃي ٿو.

**ٻالڪ رنگ** (عبرت مئگزين جو ٻارن جو صفحو):

**عبرت گروپ آف پبليڪيشن** پاران شايع ٿيندڙ پندرهن روزه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عبرت مئگزين ۾ ٻارن جو صفحو **'ٻالڪ رنگ'** مئگزين جي شايع ٿيڻ واري سال يعني 1980ع کان شايع ٿيندو پيو اچي. صفحي ۾ ڪهاڻيون، عام معلومات، مضمون ۽ شاعري وغيره شايع ٿيندي آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن، هن صفحي ۾ لکڻ سان پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي آهي. ٻارڙن جا رنگين فوٽو شايع ڪرڻ جي روايت بہ هن صفحي کان ٿي. هي صفحو هن وقت رنگين ۽ ٻن صفحن تي ٻڌل آهي. **مرتضيٰ سيال** جو هن ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي، جڏهن تہ **واحد پارس هيسباڻي** پڻ عبرت مئگزين ۾ ڪم ڪرڻ دوران پڻ هن صفحي تي گهڻو ڌيان ڏنو. ٻارن جو هي صفحو جيتوڻيڪ **ٻارن جي ٻاري، ٻارڙا، ٻار گلن جا هار گلن جهڙا ٻارڙا** ۽ ٻين نالن سان پڻ شايع ٿيندو رهيو آهي، پر **ٻالڪ رنگ** جي نالي سان هي صفحو گهڻو وقت شايع ٿيندو رهيو. جيئن تہ عبرت مئگزين سنڌيءَ جو فيلمي مئگزين آهي، ان ڪري گهرن اندر پهچڻ جي ڪري هن صفحي کي پڻ ڪيترائي ٻارڙا دلچسپيءَ سان پڙهندا رهندا آهن.

**ٻارن جو صفحو** (روزاني 'سنڌ نيوز'، حيدرآباد):

حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني سنڌي اخبار **'سنڌ نيوز'** پهريون ڀيرو ٻارن لاءِ هڪ صفحو 19 آڪٽوبر 1984ع جي ڏينهن تي شايع ڪيو. ان وقت اخبار جو ايڊيٽر ناميارو صحافي **مدد علي سنڌي** هو. هن صفحي جو ڪو خاص نالو نہ بلڪ **'ٻارن جو صفحو'** ئي نالو رکيو ويو جنهن جو انچارج **ايم. اقبال ڀيوس خاصخيلي** هو. پهرئين صفحي ۾ معلوماتي مضمون، لطيفا، سائنسي معلومات، ٻارن جون تصويرون ۽ ٻي معلومات شايع ٿيل هئي. انچارج پاران لکيل نوٽ ۾ ٻارن کي لکڻ لاءِ دعوت ڏنل هئي. پهرئين ئي پرچي کان **'سنڌ نيوز فيچر'** سروس نالي هڪ سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ۾ ٻار هر مهيني **'ٻارڙن کي ڇا پڙهڻ گهرجي'** جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عنوان سان پيا ڪالم لکندا هئا. ان کان سواءِ ايم اقبال خاصخيليءَ جو مستقل ناول پڻ هلندو رهيو. 8 ڊسمبر 1984ع تي صفحي جو نالو بدلايو ويو.

**ٻارڙن جي ٻاري** (روزاني 'سنڌ نيوز'، حيدرآباد):

روزاني سنڌ نيوز پاران هر جمعي تي شايع ٿيندڙ صفحي جو نالو بدلائي 8 ڊسمبر 1984ع کان **'ٻارڙن جي ٻاري'** رکيو ويو جڏهن ته هاڻي صفحي جو نگران **ايم اقبال ٻيوس**، نگران **طاهر قريشي** ۽ ٻانهن ٻيلي **امتياز ميمڻ** ٿيا. اڳتي هلي **ايم اقبال ٻيوس خاصخيليءَ** جو نالو صفحي مان خارج ڪيو ويو. هاڻي هي صفحو جمعي بجاءِ ڇنڇر تي شايع ٿيڻ لڳو. مهينو کن پوءِ هي سلسلو هليو پوءِ وري صفحي کي جمعي ڏينهن شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو ۽ **ايم اقبال ٻيوس خاصخيليءَ** کي ئي ذميواري سونپي وئي. هاڻي صفحي کي ٻيهر چار چنڊ لڳي ويا ۽ سنڌ جا ٻارڙا خوب لکڻ لڳا. ان دؤران **ايم اقبال ٻيوس خاصخيلي**، هر هفتي صفحي ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻارڙن جي پروگرام **'ٻارڙن جي ٻاري'** ۽ ٻين بابت جائزو لکندو هو. خاصخيلي صاحب اها ٻه روايت وڌي ته صفحي تي وڏي سائيز ۾ هر پيري ڪنهن ٻار جي تصوير هوندي هئي. 15 مارچ 1985ع کان **حسين بخش حاجاڻو** صفحي جو انچارج ٿيو. 19 اپريل 1985ع کان اسرار شام جو ناٽڪ **'نتيجو'** قسطوار صورت ۾ هلايو ويو جيڪو ٻارن بيحد پسند ڪيو. ان دؤران نور محمد سنڌي، خليق ٻگهيو گچيرائي ۽ ٻيا صفحي جا مستقل ليکڪ رهيا. اپريل 1985ع ۾ هي صفحو پاڻمرادو بند ٿي ويو. اهڙيءَ ريت 19 جولاءِ 1985ع تي، **'گلستان'** جي نئين نالي سان صفحو ٻيهر شروع ڪيو ويو جنهن جو انچارج **نظير احمد لغاري** ٿيو.

**گلستان** (روزاني 'سنڌ نيوز'، حيدرآباد):

روزاني سنڌ نيوز اخبار جي ٻارن جي هفتيوار صفحي **'ٻارڙن جي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻارڙن' کي اپريل 1985ع تي، بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي بند ڪيو ويو جيڪو پوءِ 19 جولاءِ 1985ع تي ٻيهر 'گلستان' جي نالي سان شروع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج **نظير احمد لغاري** ٿيو. نظير لغاري صفحي جو گيٽ اپ به پراڻي طريقي جو رکيو ۽ ساڳيا سلسلا جاري رکيا. ڪجهه وقت کان پوءِ هي صفحو جمعي بجاءِ ڇنڇر تي شايع ٿيڻ لڳو. نظير احمد لغاري صفحي ۾ نواڻ اها آندي جو هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي 'ٻارن جي ٻاري' واري پروگرام ۾ شريڪ ٿيندڙ ٻارن جا انٽرويو وٺڻ شروع ڪيا. ان دؤران **عبدالستار درس** جو مستقل ڪالم 'هِتان هُتان' پڻ شايع ٿيندو هو. ان کان سواءِ **سميع پنهور** هر ٻيري ڪهاڻي لکندو هو ۽ 'بيوقوف ٻگهڙ ۽ چالاڪ گڏهه' جي نالي سان ايم اقبال بيوس خاصخيلي جي مستقل ڪهاڻي پڻ صفحي ۾ هلندي هئي. **آصف منياڻيءَ** جا نظم به تقريباً هر ٻيري شايع ٿيندا هئا. 4 نومبر 1985ع کان هن صفحي جو انچارج **گل ملاح** ٿيو. هن به صفحي جو گيٽ اپ ساڳيو رکيو پر 'نانا نوري جو ڪالم' جي عنوان سان هڪ مستقل سلسلو پڻ هلايو. 4 نومبر 1985ع واري شماري ۾ **ماڻڪ ملاح** جو انٽرويو ڇپيو جيڪو **عاجز جمالي** ورتو. ان دؤران **ايوب عمراڻي** صفحي جو مستقل ڪهاڻيڪار رهيو ۽ سندس قسطوار ڪهاڻي 'فوٽ پاٿي' هلندي رهي. نومبر 1985ع کان **احمد علي مگهار** هن صفحي جو ٻانهن ٻيلي ٿيو. ان دؤران تقريباً هر پرچي ۾ **احمد علي مگهار** جا اسڪيچ ۽ ڪهاڻيون به شايع ٿينديون رهيون. **خليل عارف سومرو** پڻ هن صفحي ۾ مستقل شاعري موڪليندو رهندو هو. مارچ 1986ع کان پوءِ **احمد علي مگهار** جو نالو ختم ٿي ويو. مئي 1986ع کان **عبدالناصر بلو** هن صفحي جو ٻانهن ٻيلي ٿيو. ان ئي مهيني کان صفحي ۾ قلمي دوستيءَ پڻ ڪوپن شايع ڪيو ويو. مئي 1986ع کان **شبانه شيخ** نالي سان هڪ ليکڪ صفحي ۾ مستقل طور تي ڪهاڻيون لکڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شروع ڪيون. جيڪي مقبول ٿيون ۽ ٻار شوق سان پڙهڻ لڳا. ان کان سواءِ اياز گل، عزيز ڪنگراڻي ۽ خليل عارف سومري جون ڪوتائون مستقل طور شايع ٿيڻ لڳيون. 12 نومبر 1986ع واري پرچي ۾ شمشير الحيدري جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻي 'چنڊ جي ڪهاڻي' پڻ شايع ٿي.

21 ڊسمبر 1986ع کان صفحي کي ڇنڇر بجاءِ آچر تي شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان کان سواءِ صفحي جي انچارج گل ملاح هڪ زبردست قدم اهو کنيو جو هن 'سنڌ جا اديب ٻارڙن لاءِ ڇا ٿا سوچين' جي عنوان سان هڪ سلسلو شروع ڪيو جنهن ۾ سڀ کان پهرين سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي ان وقت جي سيڪريٽري تاج جويي جو انٽرويو ڇاپيو ويو. اهڙيءَ ريت هن سلسلي ۾ اسير ملاح ۽ ڪجهه ٻين اديبن جا انٽرويوز ۽ رايا مس شايع ڪيا ويا ته صفحو بند ٿي ويو. ٻيهر هي صفحو 9 مئي 1987ع کان نئين نالي يعني 'ٻارڙن جي ٻاري' (جيڪو پراڻو نالو پڻ هو) سان شروع ڪيو ويو. هن ڀيري عبدالستار درس هن صفحي جو انچارج مقرر ٿيو. اڳ کان نومبر 1985ع کان مئي 1987ع تائين گل ملاح هن صفحي کي ٻارن ۾ بيحد مقبول ڪيو.

**ٻارڙن جي ٻاري** (روزاني 'سنڌ نيوز'، حيدرآباد):

9 مئي 1987ع کان روزاني سنڌ نيوز جي هفتيوار صفحي **'گلستان'** جو هڪ ڀيرو ٻيهر نالو بدلائي، پراڻو نالو يعني **'ٻارڙن جي ٻاري'** رکيو ويو. هن ڀيري صفحي جو انچارج **عبدالستار درس** مقرر ٿيو. **عبدالستار درس** به وڏن اديبن جا انٽرويو شايع ڪرڻ شروع ڪيا، جن ۾ **رشيد ڀٽي، ماهتاب محبوب** ۽ ڪي ٻيا شامل هئا، پر سُتت ئي صفحو بند ٿي ويو. بعد ۾ 2 نومبر 1987ع تي صفحو ساڳئي نالي سان جاري ڪيو ويو. هن ڀيري صفحي جي انچارج طور **نور ناز خاصخيليءَ** جو نالو سامهون آيو ۽ صفحو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سومر ڏينهن شايع ٿيڻ لڳو. بعد ۾ جنوري 1988ع کان **نور ناز خاصخيليءَ** سان گڏ **مجيد درس** ۽ **اقبال سيوهاڻيءَ** جو نالا پڻ ٻانهن ٻيليءَ طور هلڻ لڳا. **نور ناز** هن صفحي ۾ ڪي تبديليون پڻ آنديون، جن ۾ ذهين ٻارڙن جا انٽرويوز سوالن جوابن جا سلسلا شامل هئا.

مارچ 1988ع کان ٻارڙن جي هفتيوار صفحي کي رنگين ڪري، ٻن صفحن تي جاري ڪيو ويو. تقريباً ٽي مهينا، ٻن رنگين صفحن تي ٻڌل هي سلسلو جاري رهيو جنهن کان پوءِ جون 1988ع ۾ صفحي جو نالو بدلايو ويو.

**ٻالڪ رنگ**(روزاني 'سنڌ نيوز'، حيدرآباد):

6 جون 1988ع تي روزاني سنڌ نيوز پاران هڪ ٻيهر وري ٻارن جي صفحي جو نالو بدلائي **'ٻالڪ رنگ'** رکيو ويو. هن ٻيري صفحي جو انچارج **نور علي بوزدار** ٿيو. هي صفحو هر سومر تي شايع ٿيڻ لڳو. ان ئي مهيني **نثار جوکيي** کي مددگار طور صفحي ۾ شامل ڪيو ويو. ان دؤران **ظفر عباسيءَ** جي مستقل ڪهاڻي **'حليم حرڪتي'** پڻ صفحي ۾ شايع ٿيڻ لڳي، جڏهن تہ **نثار بزمي** ۽ **ادل سومري** جي شاعري مستقل شايع ٿيڻ لڳي. هي صفحو بہ چار مهينا هلڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. ان کان پوءِ سنڌ نيوز ٻيهر ٻارن جو صفحو شايع نہ ڪيو.

**جوت**(روزاني عوامي آواز ڪراچي):

روزاني **'عوامي آواز'**، ڪراچيءَ پاران **'جوت'** جي نالي سان ٻارڙن جو هڪ علمي ادبي صفحو 7 جولاءِ 1989ع تي جاري ڪيو ويو. شروع ۾ هي صفحو **جمعي** جي ڏينهن شايع ٿيندو هو ۽ ان تي انچارج جو نالو بہ ڇاپيل نہ هوندو هو ۽ فقط هڪ فرضي نالي **'چاچي عواميءَ'** جي نالي سان نامعلوم


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شخص صفحي جو ايڊيٽوريل لکندو هو. 23 سيپٽمبر 1990ع ۾ ٻارڙن جي بيحد اصرار تي 'چاچي عوامي' پنهنجو اصل نالو ظاهر ڪيو جيڪو 'همسفر گاڏهي' هو. ان کان پوءِ سندس نالو باقاعدي هر هفتي شايع ٿيندو هو. هن صفحي کي بهتر بنائڻ ۽ ٻارن ۾ مقبول ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. 9 جنوري 1992ع تي کيس هٽائي 31 جنوري 1992ع تي 'ڪنياتي' نالي شخص کي صفحي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. جيڪو پڻ فرضي نالو هو. جلدي ئي 'ڪنياتي' نالي شخص کي هٽائي 21 فيبروري 1992 ع تي عاجز جماليءَ کي صفحي جو انچارج ڪيو ويو. بعد ۾ عبدالرحمان نقاش ۽ شڪيل انجم ميمڻ کي مختلف وقتن تي صفحي جا انچارج رهيا. 1995ع ۾ زرار پيرزادي کي صفحي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. هي ان صفحي جو گهڻي وقت تائين انچارج رهندڙ شخص آهي، جيڪو 1995 کان 2004ع تائين صفحي جو انچارج رهيو. هن صفحي جي خاص ليکڪن ۾ علي مرتضيٰ، ڏاريجو امر لغاري، محمد علي ماجد، پارس راجڪپور، غلام محمد پٽي، محمد علي پٺاڻ، مختيار مگهڻ، اسحاق سميجو، گلزار چنو، بختاور چام، عزيز ڪنگراڻي، مقصود گل، اسرار شام، شوق شهدادپوري، معشوق ڏاريجو، عابد مظهر، واجد، مشتاق پرگڙي، ذوالفقار گاڏهي، عبدالله شجاع سنڌي، امام راشدي، عبدالحئي پٽو، ارباب علي عادل چوهاڻ، قربان جهتيال، وفا مولا بخش ۽ ٻيا شامل هئا. هيءَ صفحو مختلف وقتن تي بند ٿيڻ باوجود اجا تائين شايع ٿيندو پيو رهي، جيڪو بهرحال ٻين صفحن جي ڀيٽ ۾ اجا تائين ٻارن ۾ مقبول آهي.

**مهراڻ جا موتي** (روزاني مهراڻ، حيدرآباد):

روزاني مهراڻ اخبار پاران ٻارڙن جو هفتيوار علمي ادبي صفحو 'مهراڻ جا موتي' 8 آگسٽ 1991ع تي شروع ڪيو ويو. هي صفحو هر هفتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خميس ۽ پوءِ وري جمعي جي ڏينهن تي شايع ٿيندو هو. هن صفحي جو پهريون انچارج نور محمد نور خاصخيلي ۽ پانهن پيلي ايم ابراهيم ڪاتيار هو. بعد ۾ 3 اپريل 1992ع تي ابراهيم ڪاتيار هن صفحي جو انچارج بڻيو ۽ حاجي الطاف ميمڻ صفحي جو پانهن پيلي بڻيو. هن صفحي ۾ ٻارڙن لاءِ شاعري، ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون، قلمي دوستي ۽ تصويرون شايع ڪيون وينديون هيون. هن صفحي ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ چڱو پاڻ پتوڙيو ۽ ڪيترائي نوان ليکڪ پيدا ڪيا. هن صفحي جي خاص ليکڪن ۾ سلطان لغاري، نبي بخش ناز، نور محمد خاصخيلي، ساقي ٻڙدي، رشيد ارشد، وفا ايم ايوب جوڻيجو، مختيار قاسماڻي، عبدالجبار لاکو، وفا نٿو رام، رحيم گل قمبراڻي، نازيه نور، غلام محمد پٽي ۽ ٻيا شامل آهن. هي صفحو ڪجهه سال جاري رهڻ بعد 96-1995ع ڌاري بند ٿي ويو.

**جاڳو ٻالڪ** (روزاني جاڳو ڪراچي):

روزاني 'جاڳو' اخبار ڪراچي پاران 11 سيپٽمبر 1992ع ۾ ٻارن لاءِ هڪ علمي ادبي صفحو 'جاڳو ٻالڪ' هر جمعي ڏينهن شروع ڪيو ويو جنهن جو پهريون سهيڙيندڙ همسفر گاڏهي هو. هن صفحي جا خاص ليکڪ علي مرتضيٰ ڏاريجو، خليل عارف سومرو، غلام محمد پٽي، عبدالحئي پٽو، شاهد خالد (ڏاتار وارو)، الهورايو بوزدار، عثمان ڪٽي، منير سومرو، نسيم پارس گاد، امام راشدي، مقصود گل، واحد پارس، اعجاز اسد پليجو، آفتاب مهر، احسان راهوجو، عاجز آيت الله لغاري، عيسيٰ ميمڻ، محبوب اي بلوچ، عبدالجبار عبد، راجا عبدالمجيد بوزدار، وفا مولا بخش، ياسر قاضي، احسان هاليپوٽو ۽ ٻيا هئا. 9 سيپٽمبر 1993ع تي همسفر گاڏهيءَ جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هن صفحي جو انچارج چنل وگڻ ۽ پانهن پيلي نصرت لاشاريءَ کي مقرر ڪيو ويو ۽ صفحو اربع تي شايع ٿيندو هو. هنن ٻنهي صفحي کي ٻارن ۾ مقبول ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. 11


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيپٽمبر 1992ع کان ٻارن لاءِ جاري ٿيندڙ صفحي 'جاڳو ٻالڪ' جو نالو تبديل ڪري فيبروري 1996ع ۾ 'جاڳو ٻارڙا' ڪيو ويو ۽ رفيع لغاريءَ کي هن صفحي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. رفيع لغاريءَ پنهنجي دور ۾ هن صفحي کي ٻارن ۾ نهايت مقبول ڪيو ۽ اهو دور صفحي جو انتهائي اهم دور ليکيو وڃي ٿو. رفيع لغاري، صفحي جي مواد توڙي سٽاءَ ۾ ڪيتريون ئي تبديليون آنديون، جنهن سان ٻارن ۾ وڏيڪ دلچسپي پيدا ٿي. هن ڪيترائي نوان سلسلا شروع ڪيا. جن ۾ 'جاڳو ڊبيٽ' نهايت ئي اهم آهي. هن پنهنجي دور ۾ 'جاڳو ٻارڙا ادبي ڪچهرين' جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ۽ ڪيترن ئي شهرن ۾ هن پليٽ فارم تان ٻارڙن جي اديبن جا ميڙاڪا منعقد ڪيا. بعد ۾ زرار پيرزادو هن صفحي جو انچارج ٿيو. 1999ع ۾ اخبار جي بند ٿيڻ سان هي صفحو پڻ بند ٿي ويو.

**ٻارن جي بختور** (روزاني بختور حيدرآباد):

1996 ۾ **'ٻارن جي بختور'** نالي سان ٻارن لاءِ علمي ادبي صفحو روزاني **'بختور'** ٻاران هر آچر تي شروع ڪيو ويو. سال 1996ع کان شايع ٿيندڙ هي صفحو 1999ع تائين، ساندهه پنج سال جاري رهيو. هن صفحي جو پهريون انچارج سندر سنڌي هو جيڪو بعد ۾ ٻارن جي تنظيم **'ٻالڪ ادبي فورم'** جو صدر پڻ رهيو. آفتاب اخبار جي ٻارن جي صفحي **'ٻارن جي دنيا'** کان پوءِ هي ٻيو صفحو آهي، جيڪو ٻن صفحن تي ٻڌل هوندو هو. هي پهريون ٻارن جو صفحو هو جيڪو ٽه رنگو شايع ٿيندو هو. **سندر سنڌيءَ** کانپوءِ هن صفحي جو انچارج **احسان ميمڻ** ٿيو جيڪو صفحي جي بند ٿيڻ يعني 1999ع تائين رهيو. هن صفحي جي خاص ليکڪن ۾ **نورالدين چنا سيتائي، مقبول احمد پريمي ميمڻ، غلام محمد ڪنير، اعجاز گل عمراڻي، عبدالحئي پٽو شاهنواز پنهور، الطاف لغاري، رمضان سيلرو** ۽ ٻيا شامل هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**رم جهم** (روزاني هلچل، حيدرآباد):

حيدرآباد مان شايع ٽيندڙ روزاني سنڌي اخبار '**هلچل**' ٻاران ٻارڙن جو هفتيوار ادبي صفحو '**رم جهم**' سال 1997ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج **غلام مصطفيٰ سولنگي** ۽ اخبار جو ايڊيٽر **مهيش ڪمار** هو. هي صفحو تقريبًا ٻه سال هليو. هن صفحي ۾ نوجوان توڙي سينئر ليکڪ هر هفتي پنهنجون لکڻيون موڪليندا رهندا هئا. آچر تي شايع ٿيندڙ هن صفحي ۾ '**منهنجو ننڍپڻ**' جي عنوان سان هڪ مستقل سلسلو پڻ هلندو هو جنهن ۾ ناميارا اديب پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ لکندا هئا.

**سنڌ سرهاڻ اخبار** (ٻارن جي مڪمل اخبار):

سنڌيءَ ۾ ٻارڙن جي پهرين مڪمل ادبي اخبار '**سنڌ سرهاڻ**' 1998ع ۾، نيو سعيدآباد، تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد (هاڻوڪي مٽياري) مان نڪرڻ شروع ٿي. اخبار جو ايڊيٽر ۽ پبلشر **حزب الله ساگر سمون** هو جڏهن ته چيف ايڊيٽر **امداد الله رند** ۽ ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر **ڊاڪٽر احسان الله** هو بعد ۾ **خالد آزاد** ۽ **محمد دين بلوچ** به ٽيم ۾ شامل هئا.

هي اخبار شروع ۾ پندرهن روزه هئي، جنهن کي بعد ۾ سلسليوار ڪيو ويو. چئن صفحن تي ٻڌل هيءَ اخبار ملڪ ٻارن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين اخبار هئي. پهرئين ۽ آخري صفحي تي ٻالڪ سرگرمين جون خبرون ۽ ٻارن بابت ملڪي ۽ عالمي خبرون شايع ٿينديون هيون. جڏهن ته ايڊيٽوريل صفحي تي ٻارن جي ڪتابن تي تبصرا، مضمون، ڪالم ۽ ٽئين صفحي تي ٻارن جي وندر لاءِ سلسلا، ڪهاڻيون ۽ شعر هوندا هئا. اخبار جا ڪجهه پرچا ڇهن صفحن تي به نڪتا، جڏهن ته سنڌ جي مختلف شهرن، جهڙوڪ لياري (ڪراچي)، ٺٽي، بدين، حيدرآباد، دادو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**خيرپور ميرس، نوابشاهہ پنوعاقل، جهول، راڌيپور، گمبٽ، گهوٽڪي، ٽنڊي آدم، ٽنڊي الهيار، جهڏي، نئين ڪوٽ، عمرڪوٽ، سڪرنڊ، اسلام ڪوٽ** ۽ ٻين شهرن ۾ ڪل 68 نمائندا مقرر ڪيل هئا. هي نمائندا پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ٻالڪ سرگرمين جون خبرون موڪليندا هئا. هي اخبار هڪ سال کن هلي پوءِ بند ٿي وئي.

## روزاني تعمير سنڌ جو ٻارڙن جو ڪارنر:

روزاني تعمير سنڌ پنهنجي اشاعت واري وقت کان وٺي ئي هڪ صفحو تفريحي مواد لاءِ رکيو. ان صفحي جي آخر ۾ هڪ ڪارنر ٻارن لاءِ بہ مختص ڪيو ويو. ان ڪارنر ۾ ٻارن لاءِ ڪارٽون، ڪهاڻيون ۽ شعر وغيره شايع ٿيندا هئا. هن ڪارنر ۾ **خالد آزاد** جو ناول **'سچ اپڻ ڪان پوءِ'** بہ قسطن ۾ شايع ٿيو. اخبار بند ٿيڻ سان صفحو بہ بند ٿي ويو.

**مکڙيون** (روزاني هلچل، حيدرآباد):

حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني سنڌي اخبار **'سنڌ'** پاران ٻارڙن جو هفتيوار ادبي صفحو **'مکڙيون'** سال 2000ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج **غلام مصطفيٰ سولنگي** ۽ ان وقت **'سنڌ'** اخبار جو ايڊيٽر **سهيل سانگي** هو. هي صفحو تقريباً ڏيڍ سال هليو. صفحي جي مستقل لکندڙن ۾ **عبدالجبار عبد، ثريا منير سولنگي، ارباب علي عادل چوهاڻ، امام راشدي، مقصود گل** ۽ ٻيا شامل هئا. هي صفحو هر هفتي آچر واري ڏينهن شايع ٿيندو هو.

**سرهاڻ** (روزاني هلچل، حيدرآباد):

ڊسمبر 2001ع ۾ روزاني **'هلچل'** اخبار پاران ٻارن جو علمي ادبي صفحو **'سرهاڻ'** جاري ڪيو ويو. هي صفحو هر هفتي آچر جي ڏينهن



soorhsindhjadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شايع ٿيندو هو جيڪو اخبار جي اڌ صفحي تي مشتمل هوندو هو. هن صفحي جو انچارج **وفا مولا بخش قمبراڻي** هو. هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ هر اصلاحي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو جيڪو ڪهاڻين ۽ مضمونن ۽ شاعريءَ جي صورت ۾ هوندو هو. هن صفحي جي ليکڪن ۾ **شير محمد چاورڙو سنجڻ ڪمار ساگر، مشتاق بخاري، شوڪت جوڻيجو هوش محمد ڀٽي، مبشر ڪوڪر، قلب سومرو غلام محمد ڀٽي** ۽ ٻيا شامل آهن. هي صفحو ڪجهه وقت ڇپجڻ کان پوءِ 2002ع ۾ بند ٿي ويو.

**ڪڊز ڪارنر** (روزاني ڪاوش، حيدرآباد):

روزاني **'ڪاوش'** اخبار ۾ ٻارڙن جو هفتيوار رنگين صفحو **'ڪڊز ڪارنر'** جنوري 2005ع کان آچر واري ڏينهن ڏيڻ شروع ڪيو ويو جڏهن اخبار آچر ۽ جمعي تي باقاعده 12 صفحن تي ۽ روزانه اٺ صفحا ڇپجڻ لڳي. هيءُ صفحو ابتدا ۾ اڌ صفحي طور ڇپجندو هو بعد ۾ ٻارن لاءِ مڪمل صفحو مختص ڪيو ويو. هن صفحي جي انچارج **نيلم شيخ** هئي. هن صفحي ۾ هڪ ڪهاڻيون، هڪ معلوماتي مضمون، لطيفا ۽ شعر وغيره شايع ڪيا ويندا هئا. سُتت ئي پوءِ هن صفحي ۾ مختلف اديبن، شاعرن ۽ سماج سڌارڪن جي ٻارن جا پروفائيل ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جا تفصيلي خاڪا لکيا ويا، جيڪي بيحد مقبول ٿيا. هن سلسلي ۾ جن اديبن ۽ ساڃاهه وندن جي ٻارن جا پروفائيل لکيا ويا، تن ۾: **ولي رام ولڀ، عبدالغفار تبسم، رزاق مهر، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، اياز گل، ذوالفقار سيال** ۽ ٻيا شامل هئا. ڪافي وقت پورو صفحو ٻارن لاءِ مخصوص هوندي پوءِ آهستي آهستي هن صفحي کي گهٽايو ويو. آخرڪار صفحو بند ڪري روزاني جي بنياد تي ٻارڙن لاءِ هڪ ڪارنر رکيو ويو جنهن ۾ عام معلومات، ٻه چار لطيفا ۽ رنگ ڀريو جا سلسلا شامل آهن. هي سلسلو اڃا تائين هلندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ٻارن جي دنيا** (روزاني 'سُڪار'، حيدرآباد):

روزاني سڪار حيدرآباد پاران **'ٻارن جي دنيا'** نالي سان ٻارن ۾ هفتيوار صفحو 27 فيبروري 2011ع کان شروع ڪيو ويو جيڪو پهرين هر آچر ۽ پوءِ سومر تي شايع ٿيڻ لڳو. هي صفحو مڪمل رنگين ۽ باتصوير هو جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين مسلسل شايع ٿيندو رهيو. صفحي جو انچارج **آفتاب گل رند** هو جيڪو پڻ هڪ وڏي عرصي سنڌي ٻاراڻي ادب سان لاڳاپيل رهيو هو. هن صفحي ۾ ڪهاڻيون، شاعري ۽ معلومات کان علاوه پيغامن ۽ رستن ڳولڻ توڙي رنگ ڀرڻ جا سلسلا مقبول آهن.

**شعور** (روزاني 'فيصلو' حيدرآباد):

روزاني فيصلو اخبار ۾ ٻارڙن جو صفحو هر جمعي تي **'شعور'** جي نالي سان ڊسمبر 2011ع ۾ شروع ٿيو جنهن جو انچارج **ستار جانوري** هو. هي صفحو مڪمل رنگين ۽ با تصوير هو جنهن ۾ جديد سائنسي مواد شايع ڪيو ويندو هو. ان کان سواءِ **خالد آزاد** جو ٻارن لاءِ لکيل مشهور ناول **'سچ اپرڻ کان پوءِ'** هن صفحي ۾ قسطوار ڇپجندو هو. هي صفحو مارچ 2012ع تائين باقاعده ڇپيو بعد ۾ اخبار جي بند ٿيڻ سان هي صفحو به بند ٿي ويو.

**چنڊ تارا** (روزاني سنڌ ايڪسپريس):

روزاني 'سنڌ ايڪسپريس' ۾ ٻارڙن جو هفتيوار صفحو **'چنڊ تارا'** اخبار جي شايع ٿيڻ سان ئي، يعني جون 2011ع کان ڇنڇر واري ڏينهن شايع ٿيڻ لڳو. هي صفحو سانده ٽي سال ڪراچيءَ مان شايع ٿيندو رهيو جڏهن ته 2015ع ۾ روزاني سنڌ ايڪسپريس جا سمورا ايڊيشن ۽ صفحا حيدرآباد شفٽ ٿيا ته هن صفحي جي انچارج **روزينا جُوڻيجو** مقرر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي آهي، جڏهن ته اڳ صفحي جو انچارج اسرار شيخ هو. روزينا جوڻيجو اچڻ سان ئي صفحي ۾ چڱيون تبديليون آنديون ۽ هن صفحي کي ٻارن ۾ مشهور ڪرڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو.

هن صفحي ۾ ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون، لطيفا ۽ ٻيون ڪيترين ئي دلچسپ شيون شايع ٿينديون آهن. مڪمل رنگين ۽ باتصوير هئڻ ڪري هي صفحو ٻارن ۾ چڱو مقبول آهي.

**تارا ڌرتيءَ جا** (ڪاوش مڊ ويڪ مئگزين):

روزاني ڪاوش پاران هر آچر تي شايع ٿيندڙ رسالي **'ڪاوش دنيا'** کان پوءِ جنوري 2013ع کان هر اربع تي **'ڪاوش مڊويڪ مئگزين'** شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. هن رسالي جو آخري صفحو ٻارن لاءِ مخصوص ڪري **'تارا ڌرتيءَ جا'** نالو ڏنو ويو. ٻارڙن جي رنگين تصويرن سميت هن صفحي تي هر اربع ڏينهن ٻار ڪهاڻيون، مضمون ۽ عام معلومات موڪليندا رهن ٿا. ڪاوش جي هنن رسالن جو ايڊيٽر ڪراچيءَ جو ناميارو اديب **انور ابڙو** آهي، جنهن پاڻ ٻارن لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. **'تارا ڌرتيءَ جا'** صفحي ۾ حاڪم مهر جو **'ٻالڪن جي ٻوليءَ'** تي پڻ هڪ تحقيقي مضمون شايع ٿيو. هي صفحو ٻارن ۾ گهڻو مقبول آهي ۽ اڃا تائين شايع ٿيندو پيو رهي.

**ٻالڪ رنگ** (عوامي آواز سنڌي مئگزين)

روزاني **عوامي آواز**، **ڪراچيءَ** جي آچر ڏينهن شايع ٿيندڙ سنڌي مئگزين ۾ **'ٻالڪ رنگ'** جي نالي سان سال 2014ع کان هڪ صفحو مخصوص ڪيو ويو جيڪو مستقل طور شايع ٿيندو پيو رهي. هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، شعر، معلوماتي مضمون، لطيفا ۽ ٻيو مزيدار مواد شايع ٿيندو آهي. سنڌ جا ٻار دلچسپيءَ سان هن صفحي کي پڙهندا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن ۽ ان ۾ پنهنجون لکڻيون شايع ڪرائيندا آهن. هن مئگزين جا انچارج ۽ سنياليندڙ **ڊاڪٽر قاسم راڄپر ۽ رڪيل مورائي** آهن.

**ٻارن جي دنيا** (روزاني فتح نيوز حيدرآباد)

حيدرآباد جي مشهور صنعتي اداري **فتح گروپ آف انڊسٽريز** پاران سال 2014ع ۾ حيدرآباد مان ٿي روزاني اخبار **'فتح نيوز'** جي نالي سان شايع ڪرڻ شروع ڪئي وئي. اخبار جي شايع ٿيڻ جي چند ئي مهينن کان پوءِ جڏهن **احسان ميمڻ** اسسٽنٽ ايڊيٽر جي حيثيت سان هي اخبار جوائن ڪئي ته هن **'ٻارن جي دنيا'** جي نالي سان ٻارن جو هفتيوار صفحو شايع ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪو هر هفتي آچر واري ڏينهن شايع ٿيندو هو. هي صفحو لڳ ڀڳ هڪ سال تائين شايع ٿيندو رهيو. بعد ۾ **احسان ميمڻ** جي اخبار ڇڏڻ جي ڪري صفحو بند ٿي ويو. ان کان اڳ **احسان ميمڻ** روزاني **بختور** ۾ پڻ ٻارن جو هفتيوار صفحو **ٻارن جي بختور** سنياليو هو.

ٻارن جي هن هفتيوار صفحي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، شعر، عام معلومات ٻيا مستقل سلسلا هوندا هئا. اخبار جيئن ته سنڌ اندر گهڻي مقبول نه ٿي سگهي، ان ڪري هي صفحو به ٻارن ۾ گهڻي دلچسپي پيدا نه ڪري سگهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب چوٿون

# اخبارن جي ٻاراڻن صفحن جا انچارج ۽ تنظيمن جا مشهور اڳواڻ:

'سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ' جي هن ٽئين جلد جي چوٿين باب ۾ گهڻو ڪري انهن شخصيتن جا تعارف شامل ڪيا ويا آهن، جن ٻارن جي تنظيمن جي سرگرم اڳواڻ طور يا ادبي صفحن جي سرگرم انچارج جي حيثيت ۾ فعال ڪردار ادا ڪيو. ان ڏس ۾ جيتوڻيڪ ڪم ۽ ڪردار ته ڪيترن ئي ماڻهن جو رهيو آهي، پر هتي صرف غير معمولي ڪم ڪندڙن کي مڃتا ڏيڻ لاءِ سندن تعارف شامل ڪيا پيا وڃن. ان ڏس ۾ چند سرگرم اڳواڻن ۽ صفحن جي انچارجن جا تعارف ان ڪري به رهجي ويا آهن، جو وڏي ڪوشش جي باوجود اهي معلومات ڪٿان به ميسر نه ٿي سگهي. البت انهن صفحن ۽ تنظيمن جو تحقيقي جائزو اڳ ئي ورتو ويو آهي، جنهن ۾ پڻ هتي رهجي ويل اڳواڻن ۽ صفحن جي سربراهن جو ذڪر وڏي اهتمام سان ڪيو ويو آهي. هيٺ اخبارن جي ٻاراڻن جي صفحن جي سربراهن ۽ تنظيمن جي سرگرم اڳواڻن جا تعارف شامل ڪجن ٿا، ته جيئن هن تاريخ ۾ سندن ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ کي مڃتا ڏيئي سگهجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**آفتاب گل رند:**

**آفتاب گل رند** ٻارن لاءِ لکندڙ نوجوان ليکڪ آهي. هن ٻارن جي رسالي **’روشن دنيا‘** ۾ سب ايڊيٽر رهڻ کان پوءِ سال 2006ع ۾ **’ٻارن جي دعا‘** نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو. سال 2011ع ۾ حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ روزاني سنڌي اخبار **’سڪار‘** ۾ **’ٻارن جي دنيا‘** جي نالي سان صفحو پڻ ايڊٽ ڪيائين، جيڪو ساڍا ٻه سال هلندو رهيو. هن ٻارن جي رسالن ماهوار ’گلڙا‘، ’گل ڦل‘، ’ارڙڪ مرڙڪ‘، ’ساٿي‘، ’روشن راهه‘ ۽ ٻين ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون ۽ مضمون پڻ لکيا آهن.

**آفتاب گل رند** 10 فيبروري 1984ع تي، حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد نمبر 4 ۾ ڄائو. هن حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن مان بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي آهي، جڏهن ته اليڪٽروموهيوپيٿڪ ۾ ڊپلوما پڻ ڪئي اٿس. هن وقت صحت کاتي ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

**احمد خان شيخ:**

مشهور صحافي **احمد خان شيخ** جي هڪ وڏي سجاڳ روزاني ’آفتاب‘ اخبار جي ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ هفتيوار صفحي **’ٻارن جي دنيا‘** جي انچارج ۽ ان ئي صفحي جي سهاري هيٺ ڪم ڪندڙ ٻارن جي تنظيم **’ٻارن جي دنيا سنگت‘** جي سرپرست طور پڻ آهي. **احمد خان شيخ** 1974ع ۾ آفتاب اخبار جي شايع ٿيڻ سان ئي اخبار جو سرڪيوليشن مئنيجر ۽ ٻارن جي صفحي ۾ ٻانهن ٻيلي طور مقرر ٿيو. 1980ع ۾ هو آفتاب اخبار جي ٻارن جي هفتيوار صفحي **’ٻارن جي دنيا‘** جو باقاعدي انچارج مقرر ٿيو ۽ 1998ع ۾ اخبار جي بند ٿيڻ تائين ان صفحي جو انچارج رهيو. جيتوڻيڪ هو ان اخبار جو ايڊيٽر پڻ هو. **احمد خان شيخ** جي سرپرستيءَ ۾ جاري ٿيندڙ ٻارن جو هي صفحو نه صرف سنڌ جي ٻارن ۾ گهڻو مقبول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيو پر هن صفحي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تمام وڏي خدمت ڪئي. ٻارن جي هن صفحي کان سواءِ احمد خان شيخ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻارن لاءِ پروگرام 'ٻارن جي ٻاريءَ' ۾ مصطفيٰ قريشيءَ واري دور ۾ ڪهاڻيون به پڙهيون.

**احمد خان شيخ** 6 سيپٽمبر 1952ع تي حيدرآباد تعلقي جي ڳوٺ موري منگر ۾ ڄائو. 1972ع ۾ **محمد عثمان ڏيپلائيءَ** جي رهنمائيءَ ڪرڻ تي صحافت ۾ پير پاتائين ۽ سُتت ئي پوءِ روزاني **'آفتاب'** اخبار ۾ ڪم ڪيائين. هو **'آفتاب'** اخبار جي سرڪيوليشن مئنيجر کان وٺي ايڊيٽر جي ذميوارين تي رهيو آهي. پر سندس وڏي سڃاڻپ اخبار جي ٻارن جي صفحي 'ٻارن جي دنيا' جي حوالي سان آهي. سندس خدمتن عيوض 1987ع ۾ **'سنڌ ٻالڪ سنگت، سنڌ'** پاران **'پوئٽ ايوارڊ'** سان نوازيو ويو. ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن پاران ايوارڊ پڻ مليل اٿس. هو موري منگر، تعلقي حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي.

## امتياز نُور ڪنير:

**امتياز نور ڪنير،** 27 جنوري 2007ع تي ٻارن جي هڪ علمي ادبي تنظيم **'گلشن ٻالڪ سنگت'** قائم ڪئي، جيڪا سانده ٻه سال هلي. ٻن سالن جي عرصي ۾ امتياز نور ڪنير، **'گلشن ٻالڪ سنگت سنڌ'** جي پليٽ فارم تان ڪيترائي پروگرام ڪيا. هو ٻارن جي رسالي **'سنڌ جي سونهن'** جو چيف ايڊيٽر به رهيو.

**امتياز نور ڪنير** 27 جنوري 1989ع تي، تر جي ڳوٺ ارنرو لاڪا ويجهو جمعون ڪنير ۾ ڄائو. هن ايم. فِل تائين تعليم حاصل ڪئي آهي. هُو اسٽرينٿننگ يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام ۽ آل سنڌ ڪنير يوٿ اتحاد جو صدر به رهيو آهي. ان کان سواءِ سندس واسطو ٻين ڪيترن ئي غير سرڪاري تنظيمن سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## 'ڀائو' دُر محمد ڀرڙو:

ناميارِي سماج سڌارڪ ڀائو دُر محمد ڀُرڙي جو سنڌ ۾ ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن ذريعي سنڌي ٻارن جي ادبي، سياسي ۽ شعوري آبياري ڪرڻ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. هو 'گلن جهڙا ٻارڙا' ۽ 'سجاڳ ٻار تحريڪ' جو قنبر تعلقي جو صدر رهيو آهي. ان دوران هن پنهنجي شهر ۾ ٻارڙن جي علمي، ادبي ۽ سياسي اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. مارچ 2007ع ۾ ڀائو درمحمد ڀرڙي، سنڌي ادبي بورڊ جي ٻارن جي ماهوار رسالي 'گل ڦل' جي سهاري هيٺ، ٻارن جي علمي ادبي تنظيم 'گل ڦل ٻارڙا سنگت' قائم ڪئي ۽ ان جو چيئرمئن بنيو. ان دوران ڀائو سڄي سنڌ ۾ ٻارن جي هن تنظيم کي متحرڪ ڪيو پر بدقسمتيءَ سان هي تنظيم هڪ سال مس هلي سگهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي انتظامي تبديلين جي پيش نظر هي تنظيم بند ٿي وئي.

'ڀائو' جي لقب سان سڃاتپ رکندڙ دُر محمد ولد خير محمد ڀرڙو 11 جنوري 1956ع تي قنبر ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم قنبر مان حاصل ڪئي، سندس تعليم، سنڌي اديب ۽ انٽر آرٽس آهي. 1975ع کان قمبر ۾ قائم ڪيل مختلف ادبي، سماجي ۽ سياسي تنظيمن جو سرگرم عهديدار ۽ باني رهيو. جن ۾ 'گلن جهڙا ٻارڙا'، 'سجاڳ ٻار تحريڪ'، 'سنڌي شاگرد تحريڪ'، 'سنڌي مزدور تحريڪ'، 'ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي قمبر'، 'ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي'، 'ڀائو در محمد ٽرسٽ' ۽ 'سنڌي ادبي سنگت'، شاخ قمبر شامل آهن.

هن 2005ع ۾ قمبر شهر ۾ 'ڀائو در محمد ڀرڙو پبلڪ لائبريري' قائم ڪئي، جيڪا قنبر ۽ آسپاس جي شاگردن جي مقابلي وارن توڙي عام امتحانن جي تياريءَ جي سلسلي ۾ وڏي فائيديمند ثابت ٿي آهي. سندس مستقل رهائش قنبر ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پاروتي/پارپتي ٽي. گدواڻي:

دادي پاروتي گدواڻي، جنهن کي 'پارپتي' بہ چيو ويندو آهي، سنڌ ۾ ٻارن جي پهرين تنظيم 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي بنياد وجهندڙن مان هئي ۽ ان لاءِ هن دادا شيوڪ ڀوڄراج سان گڏجي تمام گهڻو ڪم ڪيو. 1934ع ۾ دادا شيوڪ جي بمبئيءَ لڏي وڃڻ کان پوءِ دادي پاروتي گدواڻي، 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' کي سنڀاليو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ ڦهلايو. هوءَ 25 نومبر 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جي سالياني فنڪشن ۾ تنظيم جي صدرچونڊي وئي. ان وقت ٻالڪن جي ٻاريءَ جا 1500 ميمبر هئا. هن ٻارن جي ڀلائيءَ ۽ فلاح بهبود لاءِ جاکوڙيو. سندس اڻٿڪ ڪوشش سان 'ٻالڪن جي ٻاريءَ' جون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شاخون قائم ٿيون ۽ ان مقصد لاءِ هن سنڌ جا تمام گهڻا ڳوٺ گهميا.

سنڌ جي هيءَ سماجي ۽ تعليمي خدمتگار نياڻي، 1 جنوري 1906ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي. سندس پورو نالو پاروتي ٽيڪچند گدواڻي هو. هن جو مشهور گدواڻي خاندان سان واسطو هو جنهن خاندان انگريزن خلاف آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو هو. پارپتي 'پاڳناڙي ڪنيا ودياشالا ڪراچيءَ' جي هيڊماستريائي هئي. هن جي اڻٿڪ ڪوشش سان ڪراچيءَ جي اولڊ ٽائون جي ڪيترن ڪميونٽي هالن ۾ 'چرخا ڪلاس' ۽ 'کاڌي ناهڻ جا مرڪز' قائم ٿيا. هوءَ انگريزن خلاف جدوجهد جي پاداش ۾ 1931ع ۽ 1942ع ۾ ترتيبوار هڪ سال ۽ ٽن سالن لاءِ جيل ۾ رهي. ورهاڱي وقت هندستان لڏي وئي.

## پير مظهر الحق:

نامياري سياستدان ۽ قانوندان پير مظهرالحق جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري جي ڏس ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هن 1960ع واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڍاڪي ۾ روزاني عبرت اخبار جو ٻارڙن جو هفتيور ادبي صفحو 'ٻارڙن جي ٻاري' سنڀاليو ۽ ان جو انچارج ٿيو. پير صاحب، 'ٻارڙن جي ٻاريءَ' جي سهاري هيٺ، ساڳئي نالي سان سڄيءَ سنڌ ۾ ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو جنهن هيٺ ٻارڙن جي سرگرمين کي هڪ تحريڪ جي شڪل ڏني. هو 'ماما موجيءَ' جي نالي سان ٻارن ۾ مشهور هو. ان کان سواءِ پير مظهرالحق، حيدرآباد ۾ چار شوري مان شايع ٿيندڙ رسالن 'نئين زندگي' ۽ 'مهراڻ' ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي حوالي سان تحقيقي مضمون پڻ لکيا. هن سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمئن جي حيثيت سان ڄام شوري ۾ 'گل ڦل' جي سهاري هيٺ ٻارن جو هڪ زبردست ميلو پڻ منعقد ڪرايو.

**پير مظهرالحق** 14 سيپٽمبر 1949ع تي حيدرآباد ۾ پير **شاهنواز** جي گهر ۾ جنم ورتو. پير صاحب اڳوڻي وزيراعليٰ **پير الاهي بخش** جو پوٽو ۽ نامور سياستدان **قاضي محمد اڪبر** جو ڏوهٽو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي سينئر ميمبرن ۾ شمار ٿيندڙ **پير مظهرالحق** بي. اي ۽ ايم. اي (سياسيات) جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون.

**پير مظهر الحق** پهريون ڀيرو 1988ع ۾ صوبائي اسيمبلي سنڌ جو ميمبر چونڊيو. ان دوران هو سنڌ حڪومت ۾ هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ جو وزير ۽ پارلياماني معاملن ۽ قانون جو وزير به رهيو. ان کان پوءِ 1990ع، 1993ع ۽ 1997ع ٽائين مسلسل صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊبو آيو. 2008ع جي چونڊن ۾ جڏهن پيپلز پارٽي پوري پاڪستان مان اڪثريت سان کٽيو ته پير **مظهر الحق** به سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي پارلياماني پارٽيءَ جو ليڊر منتخب ٿيو. ان دوران هو سنڌ جو سينئر وزير هو ۽ وٽس تعليم ۽ خواندگيءَ جي وزارت جو قلمدان به هو. ان کان سواءِ پير صاحب ڪجهه عرصي لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمئن به رهيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### حسام سومرو:

روزاني خادم وطن جي ٻارڙن جي صفحي 'ڦلواڙي' ۽ روزاني هلال پاڪستان جي ٻارڙن جي صفحي 'گلن جهڙا ٻارڙا' جي انچارج طور مشهوري ماڻيندڙ حسام سومري جون سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ تمام گهڻيون خدمتون آهن. هن نه صرف روزاني 'خادم وطن' ۽ 'هلال پاڪستان' ۾ ٻارڙن جا صفحا سنڀاليا، پر انهن جي سهاري هيٺ تنظيمون قائم ڪري، سنڌ جي ٻارن جي علمي ادبي آبياريءَ پڻ ڪئي.

حسام سومري جو اصل نالو محمد حسين ولد محمد ابراهيم سومرو آهي، جيڪو 2 فيبروري 1944ع تي، حيدرآباد جي ڳوٺ بچل سومري ۾ ڄائو. سندس نانا ڏاڏا چاڪاڻ تہ ٺٽي ضلعي ۾ رهندا هئا، ان ڪري سندس ٻاروتڻ، گهڻو ڪري اُتي ئي گذريو. 1954ع ۾، جڏهن هو ميرپور بٺوري ۾ سنڌي چوٿون درجو پڙهندو هو تہ کيس 'نواءِ سنڌ' اخبار پڙهڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ هفتيوار ٻارن جو صفحو هوندو هو. ائين ئي منجهس ٻاراڻي ادب لاءِ چاهہ پيدا ٿيو. جنهن بعد سندس ادبي رهنمائي مرحوم غلام احمد 'ساقي' سجاولي ڪئي، جيڪو سندس استاد پڻ هو.

1960ع ۾ حسام سومري جو ٻارن لاءِ لکيل پهريون ڪتاب 'موج تبسم' شايع ٿيو جيڪو 'ايوان ادب، ٺٽي' پاران ڇپايو ويو. 1960ع ۾ ئي حسام سومرو حيدرآباد موٽي آيو ۽ حيدرآباد جي اشاعتي اداري آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس جي مدينہ پرنٽنگ پريس ۾ پروف ريڊر طور مقرر ٿيو. ساڳئي سال سندس ٽي ڪتاب، امين ڪتاب گهر حيدرآباد جي تعاون سان ٻارن لاءِ شايع ٿيا، جن ۾ 'گل صنوبر'، 'ناني پوڙهي' ۽ 'عبرتناڪ آکاڻيون' شامل هئا. هنن ڪتابن جا چار چار ايڊيشن شايع ٿيا:

1964ع ۾ حسام سومري کي روزاني 'خادم وطن' ۾ ٻارن جو صفحو 'ڦلواڙي' ترتيب ڏيڻ جو موقعو مليو. حسام سومري وڏي محنت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جفاڪشيءَ سان نہ صرف هن صفحي کي ٻارن ۾ مقبول بڻايو پر 'ڦلواڙي' جي نالي سان ٻارن جي علمي ادبي تنظيم جو قيام بہ عمل ۾ آندو. هن تنظيم جا يونٽ، سنڌ جي مختلف شهرن ۾ کلڻ لڳا. جن ۾ شڪارپور، پيراٽي، ٽنڊوآدم ۽ ٽنڊو ڄام قابلِ ذڪر آهن. 1978ع کان 1984ع تائين حسام سومرو روزاني هلال پاڪستان جي صفحي 'گلن جهڙا ٻارڙا' جو انچارج ٿيو ۽ هن صفحي کي ٻارن ۾ مقبول ڪيائين. بعد ۾ هلال پاڪستان اخبار جي خانگائڻ کان پوءِ ريٽائر ٿيو. سنڌي ٻاراڻي ادب جو هي خدمتگار حسام سومرو 4 جنوري 2012ع تي قاسم آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

**خدابخش ابڙو:**

نامور چترڪار خدا بخش ابڙو ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم 'گلن جهڙا ٻارڙا' جو پهريون مرڪزي آرگنائيزر هو جنهن 19 جولاءِ 1974ع ۾ قائم ٿيندڙ هن تنظيم جي بنيادي ڍانچي جي جوڙجڪ ۽ تنظيم کي سنڌ سطح تي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن **محمود يوسفاڻيءَ** جي سرپرستيءَ ۾ ۽ پنهنجن دوستن **ناصر جمال پٺاڻ**، **همايون گل**، **نذير قاسمي** ۽ ٻين سان گڏ هن تنظيم کي اوج تي پهچايو.

سنڌ جو هي ناميارو آرٽسٽ/مصور 12 اپريل 1957ع تي ڄائو. هن 'گلن جهڙا ٻارڙا' ذريعي سنڌ جي ٻارڙن ۾ علمي ادبي چاهہ پيدا ڪرڻ سان گڏ انساني جذبن، احساسن ۽ تصورن جو اظهار پنهنجي فن وسيلي ڪيو. سندس تصويرون ملڪ جي سيني نمائشن ۾ شامل ٿينديون ۽ ڪاميابي حاصل ڪنديون رهيون آهن. هن سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپجندڙ سوين ڪتابن جا سر ورق ڊزائن ڪيا آهن ۽ 1978ع ۾ نيشنل بڪ ڪائونسل طرفان اوارڊ بہ حاصل ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح ڪيس 1979ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيندڙ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' جي ڊسٽ ڪور جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تخليق تي ايوارڊ ملي چڪو آهي. 1980ع ۾ هن قومي سيمينار ۾ سنڌ صوبي جي نمائندگي ڪئي. هن نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور ۾ ڪمرشل ڊزائننگ جي وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. سندس شادي سنڌ جي ناميارِي شاعره عطيه دائود سان ٿيل آهي. سندس ٻار 'سونهن' ۽ 'سُهائي' ٻئي آرٽسٽ آهن. خدا بخش هن وقت روزاني انگريزي اخبار 'ڊان' سان لاڳاپيل آهي.

**دادا شيوڪ پوڄراج:**

هند ۽ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جو مشهور نالو ۽ ٻارن جي پهرين تنظيم '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جو بنياد وجهندڙ دادا **شيوڪ پوڄراج**، 1 آڪٽوبر 1906ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن پنهنجي اسڪولي تعليم لاڙڪاڻي، سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪئي. دادا شيوڪ ننڍي هوندي کان ئي مهاتما گانڌي کان متاثر هو ۽ هن شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو.

دادا **شيوڪ پوڄراج** 1923ع ڌاري سنڌ ۾ '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جو بنياد وڌو جيڪا پوءِ 1 آڪٽوبر 1926ع تي باقاعدي هڪ تنظيم جي شڪل ۾ سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وئي. هن '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جي سهاري هيٺ 1933ع ڌاري ۾ ٻارن جو رسالو '**گلستان**' به جاري ڪيو. 1934ع ۾ **دادا شيوڪ پوڄراج** سنڌ ڇڏي ممبئي هليو ويو جتي پڻ هن '**ٻالڪن جي ٻاريءَ**' جو ڪم جاري رکيو ۽ ان کي سڄي هندستان ۾ ڦهلايائين. دادا جي ممبئي لڏي وڃڻ کان پوءِ دادي **پاروتي گدواڻي** سنڌ ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ کي متحرڪ ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ دادا شيوڪ، '**گل ڦل**' جي تڏهوڪي ايڊيٽر ۽ ناميارِي اديب **غلام رباني آگري** سان رابطي ۾ رهيو ۽ ٻالڪن جي ٻاريءَ بابت مضمون لکي '**گل ڦل**' ۾ ڇپائيندو رهيو. ٻارن سان پيار ۽ سندس ڪم کي ڏسي سنڌ توڙي هند ۾ ٻارن جون تنظيمون قائم ٿيون ۽ ٻارن جي ادب توڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غير نصابي سرگرمين جي حوالي سان هڪ ماحول پيدا ٿيو.

دادا شيوڪ پوڄراج جي تعليم بي. اي تائين هئي. بنيادي طور تي نثر بيوس هو ۽ سندس تخلص 'ڪڙڪپيتو' هو. دادا شيوڪ پوڄراج جا نثر ۾ ٻه آتم ڪٿائي ناول 'آشيرواد' 1933ع ۽ 'دادا شيام' 1934ع ۾ ڇپيا. سندس ناولن جا مکيه ڪردار اسڪولي ماستر هئا. دادا شيوڪ اخبار نويس به رهيو ۽ ورهاڱي بعد هند ۾ سماجي ڪارڪن ۽ اڳواڻ طور به مشهور ٿيو. سندس لاڏاڻو 1 مارچ 1988ع تي ممبئي، هندستان ۾ ٿيو.

## رحمت الله ڪنير:

رحمت الله ڪنير، ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم **'روشن دنيا ٻالڪ سنگت'** جو مرڪزي صدر ۽ باني آهي. هن 14 نومبر 2000ع تي **'روشن دنيا ٻالڪ سنگت'** جو بنياد وڌو. هن **'روشن دنيا ٻالڪ سنگت'** جي پليٽ فارم تان ٻارن جون ڪيتريون ئي سرگرميون ڪيون ۽ ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو.

رحمت الله ڪنير 17 آڪٽوبر 1979ع تي، اسلام ڪوٽ، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ڄائو. هن انٽر تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ايم. اي سوشيالاجيءَ ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هن سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مختلف غير سرڪاري ادارن ۾ ڪم ڪيو. هن وقت به هڪ غير سرڪاري تنظيم سان ڪم ڪري رهيو آهي.

## رخسانه عاقلاڻي:

پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، ڪراچي مرڪز تي ٻارن جو واحد پروگرام **'روشن تارا'** ڪندڙ ڪمپيئر **رخسانه عاقلاڻي** پنهنجي دور ۾ هن پروگرام کي عروج تي پهچايو ۽ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۽ خاص طور تي ٻهراڙين جي ٻارن کي موقعو ڏنو ته اُهي هن پروگرام ذريعي پنهنجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صلاحيتن کي اجاگر ڪن. رخسانہ عاقلاڻي، ’روشن تارا‘ پروگرام ۾ جن پروڊيسرن سان گڏجي ڪيو تن ۾ **نواب مهدي لغاري، عبدالحق عظيم، اقبال انصاري، حميد هاليپوٽو** ۽ ٻيا شامل هئا.

**رخسانہ عاقلاڻي** 25 ڊسمبر 1964 تي ٽنڊي جام ۾ پيدا ٿي. هن پرائمريءَ کان انٽر تائين جي تعليم حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ 1997ع ۾ ماسٽرس جي ڊگري ايگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ ورتي. هن 1994ع کان 1998ع تائين **’روشن تارا‘** پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪئي. **سيد عبدالله شاهہ** جي وڏ وزارت دوران هن روشن تارا جو هڪ پروگرام وزيراعليٰ هائوس ۾ پڻ ڪيو جنهن ۾ سيد عبدالله شاهہ پڻ شرڪت ڪئي.

**روشن سندر چانديو:**

مشهور اديب روشن سندر **چانڊيي** جو ٻارن جي ادب جي ترقي ۽ ڦهلاءَ ۾ وڏو ڪردار آهي. هو 1974ع ۾ **’گلن جهڙا ٻارڙا‘** ۾ شامل ٿيو. 1975ع ۾ ڪيس **’گلن جهڙا ٻارڙا‘** جي هوسڙي شاخ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. اتي هن پنج سال ڪم ڪيو. ان دوارن روشن سندر چانڊيو **’گلن جهڙا ٻارڙا‘** جي پليٽ فارم تان سرگرميون ڪرڻ جي الزام ۾ 14 سالن جي عمر ۾ گرفتار پڻ ٿيو. 1980ع ۾ روشن سندر چانڊيو زوار نقويءَ جي قائم ڪيل ٻارن جي علمي تنظيم **’ٻارن جي محفل‘** جو چيئرمئن چونڊيو ويو. 1983ع ۾ روشن سندر چانڊيي ٻارن جي علمي ادبي تنظيم **’جوت ٻارڙا سنگت‘** قائم ڪئي. ان دوارن هن **’جوت پبليڪيشن‘** جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو پڻ شروع ڪيو. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور پروگرام **’ٻارن جي ٻاريءَ‘** ۾ هڪ وڏي عرصي تائين صداڪاري ڪئي، ڊراما لکيا ۽ ڪمپيئرنگ ڪئي. ان دوارن هن سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارڙن کي متعارف ڪرايو. سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر **شيخ اياز** پڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روشن سندر چانڊيي جي ڪمپيئرنگ ۾ 'ٻارن جي ٻاري' پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ۽ ٻارن سان ڪچهري ڪرڻ کان سواءِ ٻارن کي پنهنجا گيت پڻ ٻڌايا. شيخ اياز ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر هو.

روشن سندر چانڊيي جو پورو نالو روشن علي ولد نصير محمد چانڊيو آهي، جيڪو 8 آڪٽوبر 1962ع تي ڳوٺ بوهڙ، تعلقي قمبر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم قمبر ۾ ورتائين. ان بعد انٽر سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم. اي (اڪنامڪس) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪيائين. ان بعد سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان وڪالت جو امتحان پاس ڪيائين. ڪيس ادب سان شاگرديءَ واري دور کان ئي دلچسپي رهي، اڳتي هلي لکڻ جو آغاز ڪيائين. سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد سان وابسته رهيو آهي. ادب جي ٻين صنفن ۽ شعبن ۾ سندس ٻيا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**زرار پيرزادو:**

صحافي ۽ ڪالم نگار زرار پيرزادو روزاني 'عوامي آواز' جي هفتيوار ٻاراڻي ادبي صفحي جوت جو وڏي عرصي تائين انچارج رهيو. هن 1998ع کان سال 2003ع تائين سانده ٻارن جو هي صفحو سنڀاليو. ان دوران هن ٻهريون پيرو ٻارن جي ڪنهن ادبي صحفي ۾ ڪرنٽ افيئرس سان لاڳاپيل ٻارن جا مسئلا پڻ اجاگر ڪيا. مثال طور: هن ٻارن جي ڪهاڻين، نظمن، گيتن ۽ مضمونن سان گڏ ٻارن جي اغوا، ٻارن جي حقن، ٻارن جي مسئلن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن کي شامل ڪيو.

زرار پيرزادو 23 اپريل 1965ع تي پيدا ٿيو. هن پنهنجي ابتدائي تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان ڪيائين. اهڙيءَ طرح هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان آرڪيالاجيءَ ۾ ايم ايس سي ڪئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زرار پيرزادو 1996ع ۾ عملي صحافت ۾ حصو ورتو ۽ 'عوامي آواز' اخبار جوائن ڪئي. هُو اڄ تائين ان ئي اخبار سان سلهاڙيل آهي.

**زوار نقوي، سيد:**

ناميارو ليکڪ سيد زوار حسين شاهه نقويءَ جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهه ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هن 80ع واري ڏهاڪي ۾ روزاني آفتاب اخبار جي ٻاراڻي صفحي 'ٻارن جي دنيا' ۾ ٻارن لاءِ تمام گهڻو لکيو ۽ ان نالي سان ٺهندڙ تنظيم ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو. زوار نقوي، آغا قيوم جي ٻالڪ ڪتابي سلسلي 'لاليءَ' ۾ پڻ معاون ۽ مددگار رهيو. هن سال 1980ع ۾ 'ٻارن جي محفل' نالي ٻارن جي علمي ادبي تنظيم جو بنياد وڌو جيڪا سڄيءَ سنڌ ۾ هڪ تحريڪ جي شڪل ۾ اُڀري آئي. زوار نقوي سال 2003ع ۾ ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن پاران شايع ٿيندڙ ٻارن جي مشهور رسالي 'ٻارن جي دنيا' جو ايڊيٽر رهيو. ان دوران هن رسالي کي سڄيءَ سنڌ جي ٻارن تائين پهچايو.

سيد زوار نقويءَ 15 جنوري 1962ع ۾ سيد وڏل شاهه جهانيان نقويءَ جي گهر، ٽنڊو جهانيان حيدرآباد ۾ جنم ورتو. زوار نقوي، پرائمري تعليم ٽنڊي جهانيان مان، مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان 1977ع ۾ ۽ انٽر ۽ بي. اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان، جڏهن ته ايم. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ لا ڪاليج مان ايل. ايل. بي پڻ ڪئي. سندس مضمون، ڪالم، ڪهاڻيون ۽ شاعري مختلف اخبارن رسالن ۾ شايع ٿيا. مجموعي طور سنڌي ادب جي ٻين شعبن ۽ صنفن ۾ سندس ٻيا به ڪتاب شايع ٿيل آهن.

زوار نقوي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيڻ بعد اسسٽنٽ پروفيسر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن، ڊي او ايليمينٽري ڄامشورو ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿرپارڪر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ميرپورخاص ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو به رهيو آهي.

## سندر سنڌي:

سندر سنڌي 'ٻالڪ ادبي فورم' جو باني صدر آهي. هن پنهنجن دوستن جي مدد سان 8 نومبر 1996ع تي 'ڀٽ شاهه' ۾ هڪ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي 'ٻالڪ ادبي فورم' جو بنياد وڌو ۽ باني صدر چونڊيو. هن ٻالڪ ادبي فورم جي تنظيمي جوڙجڪ کان وٺي علمي ادبي سرگرمين جي انعقاد ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هُو 1996ع ۾ روزاني اخبار 'بختور' جي ٻارڙن جي صفحي 'ٻارڙن جي بختور' جو انچارج پڻ رهيو. ٻالڪ ادبي فورم جي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ جي سلسلي ۾ ڪيس سدائين ياد رکيو ويندو.

سندر سنڌيءَ جو اصل نالو 'ويرومل ولد ڏيارام' آهي. هُو 22 نومبر 1968ع تي ڳوٺ خان رند، لڳ مقصودو رند، تعلقي شهداپور ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پرائمريءَ کان هاءِ اسڪول تائين ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ پڙهيو جڏهن ته بي. اي ڊگري ڪاليج شهداپور مان ڪيائين. بعد ۾ صحت کاتي ۾ نوڪري مليس، جتي خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي.

سندر سنڌي ڪمپيئرنگ جي فن سان به وابسته آهي. هُو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف ادبي پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪندو رهندو آهي. هو اڄڪلهه جهول ۾ رهائش پذير آهي.

## غلام مرتضيٰ ٻنٽي:

ورهاڱي کان پوءِ متاثر ٿيل سنڌي ٻاراڻي ادب کي سهارو ڏيئي جن ماڻهن جيئندان ڏنو تن ۾ غلام مرتضيٰ ٻنٽي پڻ هڪ آهي. هن ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ قائم ڪيل ٻارن جي پهرين تنظيم 'ٻالڪن جي ٻاري' ۽ ماهوار 'گلستان' جي طرز تي ديئنوءَ جي پڙ حيدرآباد مان 1951ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻارڙن جي ادبي تنظيم 'بزم گلستان' ۽ ٻارن جو ماهوار رسالو 'گلستان' جاري ڪيو. رسالو 'گلستان' 1951ع کان 1953ع تائين مسلسل جاري رهڻ کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ويو جيڪو 1956ع ۾ ٻيهر جاري ڪيو ويو جڏهن ته 'بزم گلستان' هلندي رهي، جيڪا 1960ع ۾ بند ٿي وئي. **غلام مرتضيٰ پنهور**، حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني اخبار '**مهراڻ**' جي ٻارن جي هفتيوار ادبي صفحي '**معصومن جي مجلس**' جو انچارج پڻ رهيو آهي، جنهن ۾ هن '**ماما معصوميءَ**' جي نالي سان صفحي ۾ نه رڳو لکيو پر ڪيترن ئي ليکڪن کي ٻارن لاءِ لکڻ لاءِ اتساهيو.

**غلام مرتضيٰ ولد محمد موسيٰ 'راز' پنهور** 4 ڊسمبر 1938ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. هن بمبئيءَ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. بعد ۾ هن مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ڪم ڪيو 66-1967ع ڌاري سنڌي ٻارڙن لاءِ هڪ ٻيو ڪتابي سلسلو '**شمع سيريز**' شروع ڪيو. هن سلسلي ۾ غلام مرتضيٰ پنهور سان گڏ **محمود يوسفاڻي** ۽ **اشرف واصفاڻي** شامل هئا. هي ڪتابي سلسلو پڻ ٻارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو.

سنڌي ٻاراڻي ادب جو هي خدمتگار 1 ڊسمبر 1995ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ غلام مرتضيٰ پنهور جون خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون.

**قربان علي شيخ:**

نوجوانيءَ ۾ روڊ حادثي ۾ لاڏاڻو ڪري ويل **قربان علي شيخ** 2006ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي '**ادا سائينءَ**' جي اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪيو جڏهن ته هُو 2007ع کان وٺي 2010ع تائين **نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن** پاران سنڌ جي نوجوان ليکڪن لاءِ ٿيندڙ ورڪشاپن جي ڪوآرڊينيٽر طور ڪم ڪندو رهيو. ان دوران هن ٻارن جي رسالي '**ادا سائينءَ**' ۾ اردوءَ مان ٻارن جون ڪهاڻيون ترجمو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇپايون. ان کان سواءِ 'نت کٽ ۽ ادا سائين' پاران مختلف شهرن ۾ منعقد ڪرايل ٻارن جي ميلن، نوجوانن جي تصويرن جي نمائشن ۽ ٻارن جي ٻين سرگرمين جا انتظام به ڪندو رهيو. هن روزاني ڪاوش ۽ ٻين اخبارن ٻارن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ٻارن جي حقن ۽ ٻين مسئلن تي ڪالم ۽ خط لکيا.

**قربان علي ولد شمن علي** 25 آگسٽ 1986ع تي **شهدادڪوٽ** جي هيرآباد محلي ۾ ڄائو. هن پرائمريءَ سان وٺي انٽر تائين جي تعليم شهدادڪوٽ مان ئي حاصل ڪئي، جڏهن ته بي اي گورنمينٽ سچل ڪاليج حيدرآباد ۽ ايم اي (سوشيالاجي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هو روزاني **'ڪاوش'**، روزاني **'سوڀ'** ۽ روزاني 'آس' اخبارن سان واڳيل پڻ رهيو جڏهن ته 2009ع ۾ ڪيس **سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ** ۾ نوڪري ملي.

**قربان علي شيخ** جي سڃاڻپ هڪ سرگرم نوجوان جي حيثيت سان هئي، جنهن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ ايتري ننڍ به نه ڪئي، جيترو ڪم ڪيو. 13 ڊسمبر 2013ع تي پنهنجي ڳوٺ شهدادڪوٽ ويندي، سيوهڻ لڳ روڊ حادثي ۾ شهيد ٿي ويو. سندس زندگي ۾ لکيل تي ٻڌل ڪتاب سال 2014ع ۾ **'ٽڙياسين دامن صحرا ۾'** نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو جنهن کي **زبير سومري** مرتب ڪيو. سندس ياد ۾ ٻارن جو هڪ ادبي ادارو **'سهائي انسٽيٽيوٽ آف چلڊرينس لٽريچر'** قائم ٿيل آهي.

## قربان منگي:

ناميارا پبلشر ۽ اديب **قربان منگيءَ** 1977ع ۾ صرف سورهن سالن جي عمر ۾ خيرپورميرس مان ٻارن لاءِ **'پوپٽ'** مئگزين جاري ڪيو جنهن ۾ ان وقت جي ٻاراڻو ادب لکندڙ نامور ليکڪن/ شاعرن جو مواد شامل رهيو. 19 فيبروري 1982ع تي **'پوپٽ'** پاران خيرپورميرس ۾ **'ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو'** منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ گڏيل صلاح سامهون آئي ته سنڌ جي ٻارن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علمي ۽ ذهني اوسر لاءِ هڪ تنظيم جوڙي وجي، جيڪا مختلف ڏسائن ۾ جاکوڙ ڪري. ائين انهيءَ ٻالڪ ميلي ۾ **’سنڌ ٻالڪ سنگت ــ سنڌ‘** جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو صدر ۽ باني **قُربان منگي** مقرر ڪيو ويو. ان کان اڳ 1977ع ۾ **قربان منگي ’گلن جهڙا ٻارڙا‘** خيرپور ميرس تعلقي جو آرگنائيزر مقرر ٿيو. هو 1978ع ۾ ٿهنڌڙ ٻارن جي تنظيم **’ٻارن جي محفل‘** ۾ **زوار نقويءَ** سان گڏ باني ميمبر ٿيو ۽ آفتاب اخبار جي ٻارڙن جي تنظيم **’ٻارن جي دنيا سنگت‘** جو وائيس چيئرمئن پڻ رهيو. **قربان منگي** آغا قيوم جي **’لالي چلڊرينس ڪلب‘** جو پڻ مرڪزي عهديدار رهيو. هو پنهنجي اشاعتي اداري **’پوپٽ پبلشنگ هائوس‘** جو سرواڻ آهي، جنهن پاران هن ٻارن جي شعرن ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن جي اشاعت جو پڻ سلسلو شروع ڪيو آهي. ان کان سواءِ قربان منگي پنهنجي هڪ تعليمي اداري **’سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي‘** جو چيئرمئن پڻ آهي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي سڄي زندگي ٻارن ۽ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ وقف ڪري ڇڏي.

**قربان منگي** 1 اپريل 1961ع تي خيرپورميرس ۾ ڄائو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم گورنمينٽ ناز پائليٽ هاءِ اسڪول خيرپورميرس مان ڪئي، جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ڪئي. هن جپان، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جا سفر پڻ ڪيا. جن کان پوءِ سفرناما لکي شايع ڪرايا. هن **’پوپٽ‘** رسالي کي ٻيهر سنڌي معياري ادب جي هڪ اهم رسالي طور شايع ڪيو. سنڌيءَ ۾ سندس ٻيا ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن.

### محمود يوسفاڻي:

روزاني هلال پاڪستان جي هفتيوار ٻاراڻي ادبي صفحي ۽ ٻارن جي مشهور رسالي **’گلن جهڙا ٻارڙا‘** جي انچارج ۽ ايڊيٽر طور مشهوري ماڻيندڙ **محمود يوسفاڻي** 28 مارچ 1948ع تي نياز شاهه جي پاڙي لڳ ميمڻ اسپتال، ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ ڄائو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**محمود يوسفاڻي** سڀ کان پهرين **غلام مرتضيٰ پنهور** سان گڏ ٻارن جي پبليڪيشن **'شمع سيريز'** شروع ڪئي. بعد ۾ هن **بشير احمد پنهور** سان گڏ رسالو **'فن فنڪار'** حيدرآباد مان جاري ڪيو بعد ۾ هلال پاڪستان، حيدرآباد ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. جڏهن هلال پاڪستان ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ لڳي ته ڪراچيءَ مان ٻارن جو صفحو **'گلن جهڙا ٻارڙا'** جاري ڪيائين. بعد ۾ هن هلال پاڪستان، ڪراچي طرفان ٻارن جو رسالو **'گلن جهڙا ٻارڙا'** الڳ جاري ڪيو جنهن ۾ **محمود يوسفاڻي** ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو. هلال پاڪستان کان پوءِ **محمود يوسفاڻي** حيدرآباد جي روزاني 'عبرت' اخبار ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ پندرهن روزه 'عبرت مئگزين'، روزاني 'سنڌو' ۽ هفتيوار 'سنڌو' مئگزين جي ادارت سنڀاليائين. ان دوران 'مهراڻ' اخبار حيدرآباد جو ڪجهه وقت لاءِ جوائنٽ ايڊيٽر پڻ رهيو.

محمود يوسفاڻي ڪجهه عرصو روزانو **'سنڌ ٽائيمس'** اخبار حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ڪوڪر محلي مان اخبار جاري ڪيائين. هو ڪجهه وقت تائين گلفام مارڪيٽ ۾ دڪان کولي ٻارن جا ڪتاب **'شان پبليڪيشن'** جي نالي سان شايع ڪري، وڪڻندو رهيو. **محمود يوسفاڻي** تاريخ 19 فيبروري 2002ع تي، حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

**ناز نصر الله مهر:**

**ناز نصر الله مهر** سال 2000ع ۾ سکر مان شايع ٿيندڙ روزاني اخبار **'پاڪ سنڌ'** ۾ ٻارن جي صفحي **'ٻار گلن جا هار'** جو انچارج رهيو آهي، جڏهن ته هو ٻارن جي رسالي **'حوصلا پبليڪيشن'** ۾ پڻ پاڻهن ڀيلي طور ڪم ڪندو رهيو آهي. ناز نصر الله مهر ٻارڙن لاءِ خوب شاعري به ڪئي آهي، جيڪا ٻارڙن جي رسالن **'سنڌي ٻارڙا'**، **'روشن تارا'**، **'روشن راهه'**، **'گُل ڦل'**، **'مهڪ'** ۽ ٻين ۾ شايع ٿيندي رهندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**نصر الله ولد غلام نبي مهر** 01 فيبروري 1982ع تي رُڪ ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پرائمري ڪان مئٽرڪ تائين تعليم رُڪ مان حاصل ڪيائين، جڏهن تہ انٽر انڊس ڪاليج شڪارپور مان ڪيائين. هو ڪجھ وقت حيدرآباد ۾ رهيو ۽ پوءِ واپس پنهنجي ڳوٺ رُڪ منتقل ٿي ويو.

**ناصر جمال پٺاڻ:**

**ناصر جمال پٺاڻ** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. هو سڀ کان پهرين 25 فيبروري 1973ع ۾ روزاني خادم وطن جي ٻارڙن جي هفتيوار صفحي **'ٻاراڻي دنيا'** جو ٻانهن ٻيلي ٿيو اڳتي هلي ان صفحي جو انچارج بہ ٿيو. بعد ۾ 1974ع ڌاري ٻارڙن جي مشهور تنظيم **'گلن جهڙا ٻارڙا'** جو پهريون وائيس چيئرمئن چونڊيو. 18 نومبر 1975ع تي هن هڪ ڀيرو ٻيهر روزاني خادم وطن جي ٻارن جي هفتيوار صفحي **'ٻارڙن جي محفل'** ۾ انچارج جي حيثيت سان ڪم ڪيو. 1975ع ۾ ئي هن حيدرآباد مان ٻارڙن جو هڪ ڪتابي سلسلو **'سنڌي محفل ادب'** پڻ جاري ڪيو. هن سڄي عرصي دوران ناصر جمال پٺاڻ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب ۽ ٻارن جي تنظيمن لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ ڪم ڪيو.

**ناصر جمال ولد آغا الهہ ورايو پٺاڻ** 4 فيبروري 1960ع ۾ ڄائو. سندس والد صاحب آغا الهہ ورايو مشهور شاعر ۽ موسيقار هو. **ناصر جمال** ابتدائي تعليم جيڪب آباد مان حاصل ڪئي، جنهن بعد سندن خاندان حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. ناصر جمال پبلڪ هيلٿ ۽ جرنلزم ۾ ماسٽرس ۽ ايم بي بي ايس بہ ڪئي ۽ ڊاڪٽر بڻيو. سال 1988ع ۾ باقاعدي صحت کاتي ۾ ميڊيڪل آفيسر مقرر ٿيو جنهن کان پوءِ صحت کاتي ۾ ئي مختلف عهدن تي رهيو. هن ڪيترائي ملڪي ۽ بين الاقوامي تربيتي موقعا حاصل ڪرڻ سميت ڪيترائي تحقيقي مقالا پڻ لکيا آهن. هن وقت ڊاڪٽر ناصر جمال پٺاڻ ڪئنيڊا ۾ رهائش پذير آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## همسفر گاڏهي:

ناماري صحافي ۽ ليکڪ **همسفر گاڏهي** روزاني عوامي آواز جي هفتيوار صفحي **'جوت'** ۽ روزاني **'جاڳو'** جي ٻارن لاءِ هفتيوار صفحي **'جاڳو ٻالڪ'** جي انچارج طور سنڌي ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائي. هن روزاني عوامي آواز ۾ 7 جولاءِ 1989ع تي ٻارن جو صفحو **'جوت'** شروع ڪيو ۽ **'چاچي عوامي'** طور مشهور ٿيو. بعد ۾ 11 سيپٽمبر 1992ع کان هن روزاني **'جاڳو'** اخبار ۾ ٻارن جو صفحو **'جاڳو ٻالڪ'** شروع ڪيو. ٻنهي اخبارن جي ٻارن لاءِ هفتيوار صفحن کي **همسفر گاڏهي** وڏي محنت ۽ دلچسپيءَ سان ايڊٽ ڪيو. صفحن جي انچارج جي حيثيت ۾ هن نوجوان توڙي سينيئر ليکڪن کي لکڻ لاءِ همٿايو ۽ ٻنهي صفحن کي ٻارن ۾ بيحد مشهور ڪيو.

**همسفر گاڏهيءَ** جو اصل نالو **لياقت علي گاڏهي** آهي، جيڪو 15 جنوري 1970ع ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئٽرڪ ڳوزي ۽ انٽر خيرپور ناٿن شاهه مان ڪيائين. هن وڌيڪ تعليم ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.

ٻالڪپڻ ۾ همسفر کي اصغر ڳوزائي ادبي ماحول ۾ آندو ۽ 'بزم لطيف' جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ شرڪت جا موقعا ڏنا. هن ابتدا ۾ شاعري پڻ ڪئي. بعد ۾ دادو لڏي اچڻ کان پوءِ ف. م. **لاشاري** ڪيس صحافت ۾ آندو. هن روزاني **'عوامي آواز'**، **'جاڳو'** ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪم ڪيو ۽ ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ مختلف سياسي ۽ سماجي موضوعن تي ڪالم ۽ مضمون لکيا. هن وقت پندرهن وار نيوز مئگزين **'افيئر'** جو ڊپٽي ايڊيٽر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پنجون

# سياسي پارٽين جي نگرانيءَ هيٺ هلندڙ ٻارن جون تنظيمون

[2015- 1973]

پاڪستان ۾ صرف سنڌ جون ئي قومپرست سياسي پارٽيون آهن، جن ٻارن لاءِ پنهنجون ذيلي تنظيمون قائم ڪري، دراصل اهڙين نرسرين جو بنياد وڌو جن مان اڳتي هلي سنڌ جي قومپرست سياست، ادب، علم، شعور ۽ تخليق جو هڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو پيدا ٿيو. سنڌ اندر قومپرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽين پاران ٻارن جون ذيلي تنظيمون قائم ڪرڻ جي ڪري ئي اڄ جي سنڌ ۾ سياسي شعور ملڪ جي ٻين ايڪن کان وڌيڪ آهي. هي اُهي ٻارن جون ذيلي تنظيمون ئي هيون، جن مستقبل جا سياسي اڳواڻ پيدا ڪرڻ سان گڏ سماج سڌارڪ، اديب، شاعر ۽ صحافي پيدا ڪيا. اهو تصوير جو هڪ رخ آهي، جڏهن تہ تصوير جي ٻئي رخ ۾ قومپرست سياسي پارٽين پاران ٻارن جون ذيلي تنظيمون ختم ڪرڻ ۽ انهن تي ڌيان نہ ڏيڻ ڪانپوءِ واري پيدا ٿيل صورتحال آهي. اڄ سنڌ جي قومپرست ۽ وطن دوست سياست مان جيڪڏهن نظريي، وابستگي ۽ پاڻ ارپڻ جو جذبو جهڪو ٿيو آهي تہ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو بہ سبب ٻارن جي انهن نرسرين جو بند ٿيڻ آهي. نتيجي طور سياسي پارٽين اندر نظريي، وابستگي ۽ سچائيءَ جي جاءِ تي سڪٽي ڏيکاءَ، فقط نعري بازي ۽ اُچاترائيءَ جا عنصر پيدا ٿيا آهن. هي هڪ تمام اهم ۽ وڏي فڪر جي ڳالهه آهي تہ مسلسل 30 سالن تائين سنڌ جي قومپرست سياست ۾ ٻارن جي ذيلي ونگن نظرياتي ماڻهو پيدا ڪيا ۽ جڏهن اهي نرسريون ختم ڪيون ويون تہ سنڌ جي قومپرست سياست تي ڪيترائي سوال پيدا ٿيڻ لڳا آهن.

سنڌ ۾ ٻارن جي پهرين سياسي ۽ ادبي تنظيم **'چٽنگ سنگت'** هئي، جيڪا **ناز سنائي** 1973ع ۾ قائم ڪئي. جيتوڻيڪ هي تنظيم سڌي ريت قومي تحريڪ جي ٻارن جي فرنٽ تہ نہ هئي، پر چاڪاڻ تہ تنظيم جا سيئي اڳواڻ **'جيئي سنڌ محاذ'** سان لاڳاپيل هئا، اُن ڪري هن تنظيم کي پڻ جيئي سنڌ محاذ جي ذيلي تنظيم تصور ڪيو پئي ويو آهي. هن تنظيم ٻارن ۾ سياسي شعور وڌائڻ سان گڏ تحريري چتاپيتين تي ڪتاب پڻ شايع ڪرايا. جڏهن ڪي تہ ٻارن جي شعرن تي ٻڌل مجموعا پڻ شايع ٿيا. سنڌ جي تاريخ ۾ ٻارن جي هي پهرين تنظيم آهي، جنهن تي سرڪار پاران پابندي وڌي وئي ۽ اُن جي سرپرست **ناز سنائيءَ** کي جيل اماڻيو ويو.

1978ع ۾ سنڌ جي ٻن اهم سياسي پارٽين: **عوامي تحريڪ** ۽ **ڪميونسٽ پارٽيءَ** پاران ٻارن جون ذيلي تنظيمون قائم ڪيون ويون. عوامي تحريڪ پاران ٻارن جي ذيلي تنظيم جو نالو **'سجاڳ ٻار تحريڪ'** رکيو ويو جنهن جو پهريون صدر **فيرو خواجہ** ٿيو ساڻس گڏ ٽيم ۾ **اياز لطيف پليجو اسماعيل راهو انور ٽالپر** ۽ ٻيا هئا. سنڌ اندر سياسي پارٽين پاران قائم ڪيل ٻارن جي تنظيمن مان هي تنظيم **'سجاڳ ٻار تحريڪ'** واحد تنظيم آهي، جيڪا اڃا تائين مسلسل سرگرمي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. 1978ع ۾ ٻي ٻارن جي تنظيم **'ساٿي ٻارڙا سنگت'** قائم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي، جنهن جي قيام ۾ ڪاهي ڏر ۽ ترقي پسند سياسي اڳواڻن ڊاڪٽر **گهنشام پرڪاش، ڪامريڊ امر لال، ڪامريڊ غلام رسول سهتي، جام ساقي، منصور سعيد، مير ٿيٻي، پروفيسر جمال نقويءَ** جو هٿ هو ۽ انهن ٻارن جي هن فرنٽ کي منظم ڪيو. **'ساٿي ٻارڙا سنگت'** جو سنڌ جي ٻارن اندر سياسي، سماجي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو. ان کان سواءِ هن تنظيم مستقبل جا ڪيترائي سماجي ۽ سياسي اڳواڻ توڙي صحافي ۽ اديب پيدا ڪيا، جيڪي اڄ جي سنڌ ۾ پنهنجو زبردست ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

1980ع ۾ **'جيئي سنڌ محاذ'** پاران ٻارن جي ذيلي فرنٽ **'لطيف سنگت'** جي نالي سان قائم ڪئي وئي، جنهن جو نگران **سرور سهتي** کي مقرر ڪيو ويو. جيتوڻيڪ هي تنظيم **'جيئي سنڌ محاذ'** جهڙي سياسي پارٽيءَ جي سهاري هيٺ قائم ڪئي وئي هئي، پر هن تنظيم جي خاص ڳالهه اها هئي ته هيءَ مڪمل ادبي تنظيم هئي. 23 نقطن تي ٻڌل **'لطيف سنگت'** جي آئين ۾ ٻارن ۾ ايڪو پيدا ڪرڻ، وطن جي عظمت لاءِ ڳڌجي ڪم ڪرڻ، سنڌي ٻارن ۾ حب الوطني قائم ڪرڻ، پنهنجي ٻولي، ادب ۽ ثقافت سان پيار ڪرڻ، غريب ٻارن لاءِ مفت ٽيوشن سينٽر هلائڻ، موسيقي ۽ راندين جا مقابلا ڪرائڻ، سماجي ۽ ادبي جذبو پيدا ڪرڻ، ٻاراڻي ادب جي ڪتابن تي انعام ڏيڻ، اديبن ۽ شاعرن سان شامون ملهائڻ، تقريري مقابلا، ڳڌجاڻي ۽ مباحثا منعقد ڪرائڻ، تاريخي جاين ۽ ثقافتي ميلن جا سير ڪرائڻ، لائبريريون کولڻ، باصلاحيت ٻارن جي همت افزائي ڪرڻ ۽ سنڌ جي ٻاراڻي ادب کي گڏ ڪري شايع ڪرڻ سميت ٻيا ڪيترائي اهم نقطا هئا. **'لطيف سنگت'** جو پهريون مرڪزي آرگنائيزر **خدا بخش جويو** چونڊيو ويو جنهن سنڌ جي مختلف شهرن جا دورا ڪري **'لطيف سنگت'** کي سڄي سنڌ اندر مقبول ڪيو. **'لطيف**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنگت' جي ڪنوينشن ۾ ٻالڪ ميلن جن عالمن ۾ اديبن شرڪت ڪئي، تن ۾ محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالواحد آريسر، جيجي زرينہ بلوچ، تاج جويو مير محمد پيرزادو، شمشير الحيدري، استاد منظور علي خان، انور حسين وسطڙو سرور سنڌي ۾ ٻيا شامل آهن.

1990ع ۾ هي تنظيم، تنظيمي اختلافن ۾ ڏڙابندي جو شڪار ٿي وئي، جنهن بعد 1991ع ۾ تنظيم جو نالو بدلائي 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' رکيو ويو. 1992ع ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جڏهن 'سنڌ ترقي پسند پارٽي' قائم ڪئي تہ پارٽي جي ذيلي ونگ 'ترقي پسند لطيف سنگت' جي نالي سان قائم ڪئي، جيئي سنڌ لطيف سنگت ۾ ترقي پسند لطيف سنگت پنهنجي طور تي مختلف وقتن تي مختلف ڪم ڪيا، پر جيڪو ڪم لطيف سنگت جو هو اهو شايد تاريخ ۾ ٻيهر نہ ٿي سگهي.

1987ع ۾ مذهبي ۾ سياسي جماعت 'جماعت اسلامي' ٻارن جي ذيلي تنظيم 'سنا ٻارڙا سنگت' قائم ڪئي هئي، جنهن کي اڳتي هلي 'بزم ساٿي' جو نالو ڏنو ويو. هي تنظيم پڻ سياسي پارٽين جي انهن تنظيمن ۾ شامل آهي، جيڪي اڄ ڏينهن تائين ڪم ڪري رهيون آهن. هن تنظيم پاران حيدرآباد مان ٻارن جو رسالو 'ماهوار ساٿي' پڻ هڪ وڏي عرصي کان وٺي مسلسل شايع ٿيندو رهي ٿو جڏهن تہ تنظيم پاران ٻارن جون علمي-ادبي سرگرميون ۾ ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم پڻ جاري آهي.

هنن تنظيمن کان سواءِ 'سنڌ دوست ٻارڙا سنگت' وطن دوست ٻارڙا سنگت'، 'پيپلز ٻارڙا سنگت' ۾ ٻيون پڻ سياسي پارٽين جون ذيلي تنظيمون قائم ٿيون، پر گهڻو وقت ڪم نہ ڪري سگهيون.

## چٽنگ سنگت، سنڌ:

'چٽنگ سنگت، سنڌ' نالي سان هي تنظيم 1973ع ڌاري ناز سنائي ٻارن جي عملي، ادبي ۾ سياسي آبياريءَ لاءِ قائم ڪئي. جيتوڻيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**چٽنگ سنگت**، سنڌيءَ طرح قومي تحريڪ جي ٻارن لاءِ قائم ڪيل ذيلي تنظيم نه هئي، پر چاڪاڻ ته تنظيم جي قيام پويان سائين **جي ايم سيد** جو هٿ هو ۽ تنظيم جي بانيڪار **ناز سنائيءَ** سميت پيا اڳواڻ قومي تحريڪ سان لاڳاپيل هئا، ان ڪري **چٽنگ سنگت**، **سنڌ** کي قومي تحريڪ جي سهاري هيٺ قائم ٿيندڙ ٻارن جي پهرين ذيلي تنظيم سمجهيو وڃي ٿو. هن ئي تنظيم کان متاثر ٿي، سنڌ جي ٻين سياسي پارٽين پڻ ٻارن لاءِ پنهنجون ذيلي تنظيمون قائم ڪيون.

**چٽنگ سنگت سنڌ** پاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تنظيم جون شاخون قائم ڪرڻ کان پوءِ مختلف علمي ۽ ادبي سرگرميون شروع ڪيون ويون. تنظيم پاران مختلف موضوعن تي تحريري چٽاپيٽيون ڪرايون وينديون هيون ۽ سنڌ جي سُورهين جا ڏهاڙا ملهايا ويندا هئا. هن تنظيم تحريري چٽاپيٽين تي ٻڌل هيٺيان پنج ڪتاب تيار ڪرايا: (1) **وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس** (2) **لطيف: قومي شاعر** (3) **هڪ ڏينهن جي بادشاهي ملي ته...** (4) **مون ڪيئن عيد ڪئي** (5) **وڏي ۾ وڏي تمنا اٿم ته...** انهن ڪتابن ما چار ڪتاب شايع ٿيا، جڏهن ته پنجين ڪتاب جي اشاعت کان اڳ تنظيم ۽ ڪتابي سلسلي تي پابندي لڳي وئي ۽ تنظيم جي سربراهه **نازسنائيءَ** کي جيل اماڻيو ويو.

هن تنظيم جون شاخون سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هيون ۽ شاخن پاران به ڪتابي سلسلا شايع ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو. اهڙيءَ ريت پهريون پيرو **چٽنگ سنگت** جي شاخ لاڙڪاڻي پاران نوجوان شاعر **منظور ظفر** جو ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **'ڌرتيءَ جا گل'** شايع ڪيو ويو. بعد ۾ قنبر شاخ پاران به **ڪشنچند بيوس**، **هري دلگير** ۽ **ڪشنچند عزيز** جي شعرن تي ٻڌل مجموعو **'تمر تمر تانڊاڻا'** شايع ڪيو ويو. هن تنظيم ٻارن جي علمي ادبي اوسر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سجاڳ ٻار تحريڪ:

وطن دوست سياسي پارٽي 'عوامي تحريڪ' (جيڪا هاڻي 'قومي عوامي تحريڪ' آهي) جي سهاري هيٺ ٻارن جي هن علمي، ادبي ۽ سياسي تنظيم 'سجاڳ ٻار تحريڪ' جو بنياد 8 سيپٽمبر 1978ع ۾ حيدرآباد ۾ عمل ۾ آيو. هن تنظيم جو آئين هيٺين ٽيهه (30) نڪتن تي ٻڌل آهي:

1. وطن سان پيار ۽ علم لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ.
2. ننڍن لاءِ پيار ۽ وڏن لاءِ احترام جو جذبو پيدا ڪرڻ
3. ٻارڙن جي ذهنن ۾ علم، اخلاق، پيار ۽ نهٺائيءَ جا جذبا پيدا ڪرڻ
4. صحيح، ڪارائتي، سچي ۽ سائنسي علم ۽ هنر جي سکيا جو بندوبست ڪرڻ.
5. ٻارن کي تقريرن ۽ بحث مباحثن ڪرڻ ۽ انقلابي شعر ۽ لطيفا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو هنر سيکارڻ
6. صحيح، سچي ۽ انقلابي سوچ پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٻارڙن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ ٻاراڻو ادب ڇپائڻ سان گڏ سنڌ ۾ لائبررين قائم ڪرڻ.
7. ذهني پرورش سان گڏ جسماني صحت جي پرورش لاءِ راندين جا مقابلا ڪرائڻ.
8. مختلف ڳوٺن جي ٻارڙن جا گڏيل پروگرام رکڻ. مثال طور: راندين جا مقابلا، بحث مباحثا ۽ ٻارن جا ميلا لڳائڻ. جيئن ٻارڙن جي هڪٻئي سان واقفيت ٿئي، حجاب ٽُٽي، ۽ منجهن پنهنجائپ پيدا ٿئي، ٻار چالاڪ، هوشيار ۽ محنتي ٿين.
9. ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ پرائمري ۽ مڊل اسڪول کولرائڻ، تعليمي ادارن



soorthsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ترقي ڏيارڻ لاءِ محب وطن ماڻهن ۽ استادن سان سهڪار ڪرڻ

10. ٽي وي ۽ ريڊيو تان سنڌي ٻارڙن ڪي جائز حصو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ

11. غريب شاگردن لاءِ اسڪالرشپون ۽ ٻيا وظيفا بحال ڪرائڻ

12. غريب شاگردن لاءِ گڏيل چندي مان ڪتاب خريد ڪري غريب شاگردن کي مفت يا گھٽ قيمت ۾ مهيا ڪرڻ

13. سڄيءَ سنڌ، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻارڙن جي اسڪولن ۾ سنڌي ميڊيم لاءِ جدوجهد ڪرڻ

14. بسن ۾ پرائمري شاگردن جو ڪرايو معاف ڪرائڻ

15. سنڌي ٻارڙن کي صدارتي ايوارڊ ڏيارڻ

16. ٻارڙن جا گڏيل گھمڻ جا پروگرام ٺاهڻ، جنهن ۾ تاريخي جاين جو سير ڪرائڻ شامل هجي.

17. بين الاقوامي سطح تي لڳندڙ ٻارن جي ميلن ۾ سنڌي ٻارڙن کي حصو وٺي ڏيارڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ

18. شاهه لطيف، سچل شاهه عنايت شهيد، دودي سومري، هوشو شيدي، مائي بختاور، فاضل ۽ ٻين قومي هيرن جا ڏينهن ملهائڻ ۽ انهن ڏينهن تي عام موڪل ڪرائڻ

19. ٻارن جا ڊراما، فنڪشن، ثقافتي پروگرام ڪرائڻ ۽ ٻارڙن کي انعام ڏيارڻ

20. مذهب جي آڙ ۾ ٻارڙن کان جبري طور پنائڻ، ڪين زنجيرن ۾ قيد ڪرڻ، ۽ جبري پورهيي جهڙا عمل بند ڪرائڻ

21. ٻارن کي غلام بنائڻ، وڪرو ڪرڻ، يا سخت جبري پورهيو ڪرائڻ جي لاءِ اغوا ٿيل ٻارن کي آزاد ڪرائڻ، ڪين اغوا ڪندڙ پورهيو ڪرائيندڙ وڪرو ڪندڙ ۽ خريد ڪندڙن کي سخت سزائون ڏيارڻ لاءِ آواز اٿارڻ

22. سنڌي ٻارڙن کي دنيا جي ٻين ترقي يافته قومن جي ٻارڙن جيان جديد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمپيوٽر جي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ
23. ڪاپي ڪلچر جهڙي موذي مرض کي ختم ڪرائڻ
24. يونيسيف جي 19 آڪٽوبر 1959ع تي ٻارڙن جي ڀلائيءَ لاءِ منظور ڪرايل قراردادن موجب سنڌي ٻارڙن کي حق ڏيارڻ
25. هر سال سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ تعليمي سيمينار ۽ 'ڪل سنڌ ٻالڪ ميلا' منعقد ڪرائڻ
26. علائقن، صوبن يا ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ٻارڙن لاءِ انهن ملڪن ۾ سنڌي ميڊيم ڪلاس هلرائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ
27. ٻارڙن جي مختلف مسئلن تي اخبارن ۽ رسالن ۾ لکڻ
28. سنڌي ميڊيم اسڪولن خلاف سنڌ دشمن ڪارروايون بند ڪرائڻ
29. ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن پاران اغوا ٿيندڙ ٻارن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ
30. مٿين نڪتن ۽ ڳالهين جي پوئواري ڪندڙ ٻين ملڪن ۽ صوبن جي ترقي پسند وطن دوست ٻالڪ تنظيمن سان دوستاڻا، ڀائپيءَ وارا سهڪاري ناتا جوڙڻ.

سجاڳ ٻار تحريڪ جي هن منشور جي ڪن نڪتن ۾ وقت بوقت ڪي سڌارا واڌارا ڪيا ويا آهن، پر بنيادي طور هي ئي سجاڳ ٻار تحريڪ جو منشور آهي.

سجاڳ ٻار تحريڪ جو پهريون صدر فيروز خواجا هو جڏهن تہ ساڻس گڏ جنرل سيڪريٽري اياز لطيف پليجو رابطہ سيڪريٽري اسماعيل راهو نائب صدر انور ٽالپر هئا. بعد ۾ حريف چانڊيو صلاح الدين پنهور، ڊاڪٽر سهيل چنڙ گلزار وساڻ، مشتاق راڄپر، سچل پٽي، ذوالفقار شاهہ نثار ٻرڙو زاهد راڄپر، دودو چانڊيو، ذوالفقار قلپوٽو شفيق ڪانڌڙو ڪاشف بجير، تيمور جوڳي، اياز سمون، قمر ڪوسو ڪليم ملڪ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عرفان عباسي، نور محمد پليجو، شاهد لطيف پٽو، امر جليل ڪورائي، نجيب جروار، سرور ڪوسو، آڪاش گاڏهي ۽ ٻيا پڻ هن تنظيم جا مرڪزي صدر ۽ عهديدار رهيا آهن.

سجاڳ ٻار تحريڪ جو تنظيمي ڍانچو ڪجهه هن ريت آهي تہ مرڪز تي پنج عهديدار : صدر، نائب صدر، جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري ۽ انفرميشن سيڪريٽري (پريس ترجمان) هوندا آهن. جڏهن تہ ضلعي، تعلقي ۽ يونٽ سطح جي باڊيءَ ۾ پڻ اهي ئي عهدا هوندا آهن. هر باڊي هڪ سال لاءِ باقاعدي چونڊجي ايندي آهي. مرڪزي باڊيءَ کي ڪائونسلر چونڊيندا آهن. جڏهن تہ ڪائونسلرن ۾ يونٽن ۽ تعلقن جا صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ۽ ضلعن جا سڀيئي عهديدار شامل هوندا آهن.

عوامي تحريڪ پاران جيئن تہ سمورن فرنٽن جي تربيتن جو سلسلو هڪ وڏي وقت کان جاري آهي، ان ڪري سجاڳ ٻار تحريڪ جي عهديدارن جي پڻ هڪ وڏي عرصي کان تنظيمي تربيت لازمي رهندي پئي اچي. ان مقصد لاءِ پارٽيءَ پاران سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي عهديداران سميت ضلعي، تعلقي ۽ يونٽن جي ٽيهن چونڊ ڪارڪنن جا ٽن ڏينهن جا تربيتي ورڪشاپ ٿيندا پئي رهيا آهن. اڳ اهي ورڪشاپ لاڙڪاڻي، جنگشاهي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ ٿيندا هئا. پر هڪ وڏي عرصي کان وٺي حيدرآباد تعلقي جي ڳوٺ ڀِٽ شريف ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جي ڪارڪنن جي تنظيمي تربيت جا ورڪشاپ ٿيندا پيا اچن. اهڙا ورڪشاپ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور ٿيندا آهن.

هن تنظيم سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٻالڪ ميلا پڻ ڪرايا. جن ۾ لب مهراڻ سکر، ڪينجهر (ٺٽو)، شاهپور چاڪر ۽ قاسم آباد (حيدرآباد) وارا ميلا نهايت اهم آهن. ان کان سواءِ سجاڳ ٻار تحريڪ پاران ٻارڙن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماهوار رسالو ’سجاڳي‘ پڻ جاري ڪيو ويو جنهن جو ايڊيٽر روشن برهماڻي هو (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ماهوار ’سجاڳي‘، جلد ٻيو)

ٻارڙن جي علمي ادبي ۽ سياسي نڪتئه نظر کان جوڙيل هيءَ تنظيم، واحد تنظيم آهي، جيڪا اڄ به سرگرميءَ سان پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي.

## ساٿي ٻار رڙا سنگت:

**ساٿي ٻارڙا سنگت** جو بنياد ڪامريڊ **امر لعل** 1978ع ۾ ان وقت جي نوجوان سياسي اڳواڻن **فيض سومري، حميد جماڻي، مهيش ڪمار** ۽ ٻين جي مشاورت سان، عادل پور ضلعي سکر (هاٽوڪي گهوٽڪي) ۾ رکيو. تنظيم جي جوڙجڪ جو فيصلو مشهور شاعر **غلام محمد ڪونڌر** جي رهائشگاهه تي هڪ گڏجاڻي ڪان پوءِ ڪيو ويو. تنهن وقت تنظيمي معاملن جي نگراني ۽ تنظيم سازي لاءِ هڪ آرگنائيزنگ ڪميٽي، **حميد جماڻي** (جيڪو هن وقت وفاقي ڪاٽي ۾ 19 گريڊ جو ڊاڪٽر آهي) جي رهبريءَ ۾ تشڪيل ڏني وئي ۽ **فيض سومري** کي آرگنائيزنگ سيڪريٽري چونڊيو ويو. جڏهن ته **مهيش مليراڻي** (هاڻي مهيش ڪمار ايڊيٽر روزاني سنڌ)، **رحمت ڪنول سنڌي** (نوشهرو فيروز)، **سُهيل مجيدي** (ٺٽو) ۽ ٻيا ميمبر طور نامزد ٿيا.

1978ع ڌاري، جڏهن **فيض سومري** کي گرفتار ڪري مچ جيل (ڪوئيٽا) ۾ قيد ڪيو ويو تڏهن تنظيمي سرگرميون غيرفعال ٿي ويون. پوءِ به **گهوٽڪي، نوشهري فيروز** ۽ **ٺٽي** ۾ نوان يونٽ قائم ڪيا ويا ۽ ’**ساٿي**‘ نالي ٻارن جو مئگزين پڻ جاري ڪيو ويو. ڪوشش ناهي ته هي تنظيم ڪافي عرصي تائين ڪاغذن ۾ محدود رهي ۽ پوءِ 1979ع ۾ هڪ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جيڪو ملڪ ۾ مارشل لا جي نفاذ سبب ڪي خاص نتيجا نه ڏئي سگهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاگرد تنظيم ’سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن‘ (جنهن جو بعد ۾ نالو تبديل ڪري ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن رکيو، پاڪستان ليول تي ڪم ڪيو ويو) جي اڳواڻن، نوجوان ميمبرن، رهنمائن، ڪاڀي ڌر ۽ ترقي پسند دوستن- جن ۾ ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش، ڪامريڊ امر لعل، غلام رسول سهتو چام ساقي، منصور سعيد، مير ٿيبو پروفيسر جمال نقوي، ڊاڪٽر اعزاز نذير ۽ ٻيا شامل آهن- گڏجي ’ساٿي ٻارڙا سنگت‘ کي ٻارن جي فرنٽ طور نئين سر منظم ڪيو ۽ ان جي ذميداري گهنشام پرڪاش (هاڻي انڊيا ۾ رهائش پذير)، نوجوان ليکڪ نعيم شيخ (پنوعاقل) تي رکي وئي، جڏهن ته ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان جي ماتحت سيني فرنٽن، ’ساٿي ٻارڙا سنگت‘ کي ٻاراڻي فرنٽ طور اپارڻ ۽ ان جي تعمير ۽ تنظيم سازيءَ ۾ ڀرپور حصو ورتو.

’ساٿي ٻارڙا سنگت‘ جو پهريون تاريخي ڪنوينشن 1981ع ۾ سنڌي پرائمري اسڪول (پنجهتي، خيرپور ميرس) ۾ پروفيسر خادم سنڌيءَ جي تعاون سان منعقد ڪيو ويو. ڪنوينشن ۾ سينيئر هاري اڳواڻ چاچا شاهه محمد دراني، نعيم شيخ، سرور سميجي، نورالنساء گهانگهرو سلمان خادم سنڌي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. 1981ع ۾ نئين تنظيم سازي ڪري سرگرم ڪيو ويو جنهن جو سرپرست اعليٰ نعيم شيخ کي بڻايو ويو جڏهن ته صدر زاهد مهر، سينئر نائب صدر نور النساء گهانگهرو جونيئر نائب صدر سلمان خادم سنڌي، جنرل سيڪريٽري سرور سميجو سينئر جوائنٽ سيڪريٽري امتياز سومرو جونيئر جوائنٽ سيڪريٽري نياز چاچڙ پريس سيڪريٽري يوسف سيف سومرو رابطه سيڪريٽري عبدالجبار پٽو ماليات سيڪريٽري اصغر ميمڻ آفيس سيڪريٽري سڪندر شاهه ۽ به آڊيٽر فيض سومرو ۽ غلام قادر ميراڻي چونڊيا ويا.

1982ع ۾ تنظيم جو آئين (manifesto) ۽ ماهوار رسالو ’ساٿي سماچار‘ سرور سميجي، نورالنساء گهانگري ۽ منظور بيدار جي ايڊيٽرشپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ پڌرا ڪيا ويا. ’ساٿي ٻارڙا سنگت‘ پوري سنڌ ۾ 50 يونٽ قائم ڪري، ٻارن جي نمائنده تنظيم ٿي اڀري چڪي هئي.

1983ع ۾ **ساٿي ٻارڙا سنگت** جو اهم ڪنوينشن **شاهه لطيف هال روهڙي** (ضلعي سکر) ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت **رشيد ڀٽي** ڪئي. ڪنوينشن ۾ **اعجاز منگي** پيٽرن چيف، **زاهد مهر** (هاڻي مختيارڪار) صدر ۽ **سرور سميجي** سيڪريٽري جنرل طور ذميواريون سنڀاليون.

1984ع ۾ ڪرونڊي ضلعي خيرپور ۾ ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ **جاويد قاضي** صدر ۽ **سرور سميجو** سيڪريٽري جنرل طور چونڊيا ويا.

1985ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جيڪب آباد ۾ ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ **رياض شاهد دايو** (هاڻي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر) چيف پيٽرن، **غلام حيدر سيال** صدر ۽ **سرور سميجو** سيڪريٽري جنرل طور نامزد ٿيا.

1986ع ۾ پٽ شاهه ۾ ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ **علي احمد بروهي، مدد علي سنڌي** ۽ ٻين دانشورن شرڪت ڪئي. ڪنوينشن ۾ **سرور سميجو** چيف پيٽرن ۽ **الهه بخش راٺوڙ** صدر چونڊيا ويا. تنهن کان پوءِ ساٿي ٻارڙا سنگت ۾ **ڪامريڊ خادم ٿهيم، خورشيد مستوئي، زبير دايو** ۽ ٻيا پڻ صدر طور منتخب ٿيا.

18 آڪٽوبر 1984ع ۾ عالمي سطح تي هڪ سيمينار ’**موهن جو دڙي کي بچايو** (Save the Moen Jo Daro)‘ جي نالي سان رٿيو ويو پر سيمينار کان هڪ ڏينهن اڳ، ٺوڙهي ڦاٽڪ جي سانحي سبب، ان وقت جي ڊي سي لاڙڪاڻي **محمد هاشم ميمڻ** پاران اجازت نه ملي ۽ پروگرام منسوخ ڪيو ويو. طئي ٿيل پروگرام تحت، ٺوڙهي ڦاٽڪ سانحي ۾ شهيد ٿي ويل قومپرست اڳواڻن کي پهرين چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي) جي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪرڻي هئي ۽ ان کان پوءِ سيمينار لاءِ اچڻو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساٿي ٻارڙا سنگت پنهنجي دور جي مشهور ۽ نمائنده تنظيم هئي، جنهن سائنسي انداز ۾ ڪم ڪيو ۽ علمي ادبي سرگرميون جاري رکيون. تنظيم جي ڪاميابي جو سهرو نعيم شيخ، ڪامريڊ غلام رسول سهتي، سرور سميجي، يوسف سيف، ثانيه سعيد (هاڻي اداڪاره)، خورشيد مستوئي، اعجاز منگي، گل محمد مستوئي، الله بخش راڻوڙ، رياض شاهد دايي، سجاد ظهير شر، اُميد شر، گلبانو شر، نورالنساء گهانگهرو، منظور بيدار، ذوالفقار سولنگي، نعمت پيرزادي، مجيب پيرزادي، ڊاڪٽر طالب لاشاري، علي حسن چانڊيي، يوسف سيف، وزير لاکي، هريش لکواڻي، ڪامريڊ صالح بلو، قاضي جاويد، اعجاز منگي، ممتاز منگي، غلام حيدر سيال، ڪامريڊ خادم ٺهيم، اقبال ملاح، امرتا سومرو، ڪامريڊ منصور سعيد، ڊاڪٽر اعزاز نذير، ڪامريڊ غلام حسين شر، لياقت سومري، مشتاق نظاماڻي، اختر نظاماڻي، دادا علي بخش شيدي، وفا سومري، منير گل انصاري، ارشاد پيرزادي، سڪندر بختيار ڪوسي، اعجاز سومري ۽ ٻين کي وڃي ٿو.

تنظيم ٻاران هڪ تاريخي ڪنوينشن آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ سڏرايو ويو جنهن ۾ شيخ اياز شرڪت ڪئي ۽ تقرير ڪندي چيائين: ”اڄ منهنجو نئون جنم آهي، ڇو ته آئون مونجهاري ۽ ڏُکاري دنيا ۾ زندگي جِي رهيو هئس، پر هنن ٻارڙن مون کي نئين زندگي ڏني آهي.“

ساٿي ٻارڙا سنگت، سنڌ جو پروگرام، آئين ۽ تنظيمي ڍانچو هيٺين ءَ ريت هو:

**(الف): ٻار هن نڪاتي پروگرام:**

(1) هر هڪ ٻار کي پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم ڏني وڃي.

(2) ٻارڙن جي وڌندڙ تناسب سان اسڪولن ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ درسي ڪتابن جون قيمتون گهٽايون وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(3) ٻارڙن جي اسڪولن لاءِ بنيادي ضرورتون پوريون ڪيون وڃن. جهڙوڪ: پاڻي، بجلي، ٽرانسپورٽ، فرنيچر، عمارتون، سائنس، ڊرائنگ ۽ راندين جو سامان وغيره.

(4) هر هڪ ٻار لاءِ روشن خيال ۽ سائنسي بنياد تي مفت تعليم جو بندوبست ڪيو وڃي.

(5) هر هڪ اسڪول، ڳوٺ ۽ شهر ۾ ٻارن لاءِ باغيچا، راندين جا ميدان ۽ لائبرريون قائم ڪيون وڃن.

(6) ٻارن لاءِ علائقائي زبانن ۾ ريڊيو ۽ ٽي. وي؛ تان وڌ ۾ وڌ پروگرام نشر ڪيا وڃن.

(7) ٻارڙن ۾ ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي سڀني قومن جي ٻارڙن جا ثقافتي ميلا منعقد ڪرايا وڃن.

(8) سنڌ جي ٻارڙن، خاص طور تي ٻهراڙيءَ جي ٻارڙن کي عالمي ميلن ۾ شريڪ ڪيو وڃي.

(9) ٻارڙن جي تعليم ڏيندڙن استادن جي گهٽ ۾ گهٽ پگهار سون جي تولي ملهه برابر ڪئي وڃي.

(10) گڏيل قومن (اقوام متحده) جي اصولن موجب، ننڍين ٻارن کان جسماني پورهيو وٺڻ تي بندش وڌي وڃي.

(11) بيگار ۽ خرڪار ڪئمپن لاءِ ٻارڙن کي اغوا ڪندڙن ۽ انهن جي سرپرستي ڪندڙن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن.

(12) ٻار کي مستقبل جو ڪرڻڌرڻ سمجهندي، سماج جو سڀ کان وڏيڪ رعايت يافته حصو قرار ڏنو وڃي ۽ ٻارڙن جا جيل ختم ڪري کين "اصلاح گهرن" ۾ رکيو وڃي.

**(ب) سائي ٻارڙا سنگت جا ڪم:**

(1) سنڌ جي سمورن ٻارڙن ۾ علمي ادبي تنظيمي ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(2) سنڌ جي ٻارڙن جي لڪل قيمتي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ.

(3) سنڌ جي ٻارڙن مان نفرت، ساڙ ۽ حسد وارا سماج دشمنن جا جذبا ڪڍي هڪٻئي لاءِ محبت، سڪ، ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ.

(4) سنڌ جي ٻارڙن کي خراب ماحول کان بچائي، انهن ۾ اخلاق، ادب ۽ فضيلت پيدا ڪرڻ.

(5) ٻارن جي ذهني نشوونما لاءِ ذهني آزمائش جا پروگرام، جهڙوڪ: نيلام گهر، پرک ۽ وينجهار منعقد ڪرائڻ.

(6) ٻارڙن جا مباحثا، مذاڪرا، تقريري مقابلا، ڊراما ۽ ٻيا فنڪشن ڪرائي، سندن صلاحيتن کي اُڀارڻ ۽ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ.

(7) ٻارڙن کي جهالت ۽ وهم پرستيءَ مان ڪڍڻ لاءِ سائنسي تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪرڻ.

(8) ٻارڙن جي صحت ۽ تندرستيءَ لاءِ موسمي بيمارين ۽ وچڙندڙ مرضن کان بچائڻ لاءِ ڊسپينسريون قائم ڪرڻ.

(9) غريب ٻارڙن جي مالي مدد ڪرڻ، ڪتاب ۽ وظيفا وٺي ڏيارڻ.

(10) رانديڻ جا مقابلا ڪرائڻ.

(11) ٻارڙن جي عملي ادبي اوسر لاءِ درسي ۽ ادبي ڪتابن جون لائبريريون قائم ڪرڻ.

(12) اسٽڊي سرڪل (اڀياسي حلقو) قائم ڪرڻ.

(13) وفات ڪري ويل عالمن، دانشورن، شاعرن ۽ فنڪارن جون ورسيون ملهائڻ.

(14) باصلاحيت فنڪارن، اديبن، شاعرن ۽ استادن سان شامون ملهائي، انهن جي همت افزائي ڪرڻ.

### (ج): سانئي ٻارڙا سنگت جو آئين:

- سنگت جي ساٿين لاءِ شرط:

(1) هن سنگت ۾ ارڙهن سالن کان گهٽ عمر وارو هر ٻار ميمبر ٿي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(2) ميمبر لاءِ رنگ، نسل، مذهب، ٻولي، امير يا غريب جو امتياز نہ رکيو ويندو.
(3) شامل ٿيندڙ ٻار بااخلاق ۽ فضيلت پريو هئڻ لازمي آهي.
(4) ميمبر ٿيڻ لاءِ سنگت جو ميمبرشپ فارم ڀرڻو پوندو ۽ ميمبرشپ في ادا ڪرڻي پوندي.
(5) ميمبر کي سنگت جي سيني قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻو پوندو.
(6) هر ساٿيءَ کي سنگت جي گڏجاڻين ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيڻو پوندو.
(7) هر ساٿيءَ کي وقت جي پابنديءَ جو خيال رکڻو پوندو.
(8) هر ساٿيءَ کي پنهنجن عهديدارن سان تعاون ڪرڻو پوندو.

(د): سنگت جي ساٿين جا حق:

(1) ميمبر ٿيڻ کان پوءِ هر هڪ ميمبر کي 'ساٿي' سڏيو ويندو.
(2) ساٿين کي سنگت جي مختلف ڪمن تي راءِ ڏيڻ، تنقيد ڪرڻ، اختلاف رکڻ ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ جي وضاحت پڇڻ جو پورو پورو حق هوندو.
(3) ساٿين کي ووٽ وسيلي نون عهديدارن کي چونڊڻ جو حق هوندو.
(4) هر ساٿيءَ کي ڪنهن بہ عهدي لاءِ اليڪشن ۾ بيهڻ جو حق هوندو.
(5) ساٿين کي اڪثريت راءِ سان عهديدارن کي هٽائڻ ۽ نئين چونڊ ڪرڻ جو حق هوندو.

**شاخ:** ڪنهن بہ تعليمي اداري ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ساٿي گڏجي شاخ قائم ڪري سگهن ٿا.

شاخ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويندا.

(1) **سرپرست:** شاخ جي عهديدارن ۽ عام ساٿين جي رهنمائيءَ لاءِ ڪنهن بہ ذهين استاد، اديب يا ادب دوست کي سرپرست چونڊي سگهجي ٿو ان لاءِ عمر جي ڪا بہ حد مقرر نہ آهي.
(2) **صدر:** شاخ جي تنظيمي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ ميمبرشپ وڌائڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو.



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(3) **نائب صدر:** صدر جي غير حاضريءَ ۾ تنظيمي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ صدر سان تنظيمي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندو.

(4) **جنرل سيڪريٽري:** شاخ جون هفتيوار تنظيمي، علمي، ادبي گڏجاڻيون ڪوٺائيندو ۽ شاخ جو رڪارڊ پڻ ٺاهيندو.

(5) **جوائنٽ سيڪريٽري:** جنرل سيڪريٽري جي غير موجودگيءَ ۾ سنگت جي گڏجاڻين جي ڪارروائي هلائيندو ۽ ساڻس سنگت جي ڪمن ۾ مدد ڪندو.

(6) **پريس سيڪريٽري:** شاخ جي گڏجاڻين ۽ ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ اخبارن ۾ شايع ڪرائيندو.

(7) **ماليات سيڪريٽري:** ساٿين کان ميمبرشپ في ۽ ماهوار چندو وٺندو ۽ ان جو حساب ڪتاب رکندو.

(8) **آفيس سيڪريٽري:** شاخ پاران قائم ڪيل آفيس جي سار سنڀال لهندو سنگت جو رڪارڊ سنڀاليندو ۽ شاخ پاران قائم ڪيل لائبريريءَ جو انچارج پڻ هوندو.

**شاخ جا ڪم:**

(1) هفتيوار علمي، ادبي گڏجاڻيون ڪوٺائڻ.

(2) ماهوار تقريري مقابلا ڪرائڻ يا ٻيا ڪي ذهني نشوونما جا پروگرام منعقد ڪرائڻ.

(3) مرڪز جي هدايتن تي عمل ڪرڻ.

(4) هر شاخ مان ڪائونسلر تعلقي ڪائونسل تي موڪلڻ.

**تعلقي ڪائونسل:**

تعلقي ڪائونسل جي جوڙجڪ هيٺينءَ ريت هوندي

(1) صدر: تنظيمي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ تعلقي ۾ نيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاخون کولرائيندو ۽ مرڪز جي هدايتن تي عمل ڪرائيندو.

(2) **نائب صدر:** صدر سان تنظيمي ڪمن ۾ هٿ ونڊرائيندو.

(3) **سيڪريٽري:** تعلقي جي شاخن تعلقي ۽ ڪاميٽيءَ جي ماهوار گڏجاڻيون ڪوٺائيندو. ڪاميٽيءَ جو رڪارڊ پڻ رکندو ۽ مرڪز سان رابطو رکندو.

(4) **جوائنٽ سيڪريٽري:** سيڪريٽريءَ جي ڪمن ۾ ساٿس هٿ ونڊرائيندو.

(5) **ماليات سيڪريٽري:** شاخن پاران مليل فنڊ جو حساب ڪتاب ڪندو ۽ 10 سيڪڙو مرڪز کي موڪليندو.

(6) **پريس سيڪريٽري:** تعلقي ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ، ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ اخبار ۾ شايع ڪرائيندو ۽ مرڪز کي بہ موڪليندو.

**تعلقي ڪائونسل جا ڪم:**

(1) تعلقي ۾ نيون شاخون قائم ڪرائڻ.

(2) تعلقي ۾ سيني شاخن جون گڏيل ماهوار گڏجاڻيون ڪرائڻ.

(3) تعلقي ۾ علمي ۽ ثقافتي گڏجاڻيون ڪرائڻ.

(4) ٻارڙن ۾ شعور وڌائڻ لاءِ پبليڪيشن قائم ڪرڻ.

(5) مرڪز پاران مليل هدايتن تي شاخن ۾ عمل ڪرائڻ ۽ مرڪز سان رابطو رکڻ.

(6) تعلقي ڪائونسل پنهنجا بہ نمائندا سنڌ ڪائونسل کي موڪليندي.

(7) تعقلي ۾ هر سال شاخن جون نيون چونڊون ڪرائڻ ۽ تعلقي جي پڻ نئين چونڊ ڪرائڻ.

**سنڌ ڪائونسل:**

سنڌ ڪائونسل جو اجلاس سالن ۾ هڪ دفعو ڪرايو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ هر تعلقي مان ٻه نمائندا شريڪ ٿيندا. جيڪي مرڪزي ڪاميٽي ۽ مرڪزي عهديدار چونڊيندا.

**مرڪزي ڪاميٽي:**

سنڌ ڪائونسل مان 31 ڄڻن تي مشتمل مرڪزي ڪاميٽي چونڊي ويندي، مرڪزي ڪاميٽيءَ ۾ چونڊجي آيلن مان ئي مرڪزي عهديدار چونڊيا ويندا. جن جي ترتيب هيٺين ريت هوندي

(1) **صدر:** (الف) سنگت جي مرڪزي ڪاميٽيءَ ۽ مرڪزي عهديدارن جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(ب) سيني تعلقي عهديدارن ۽ شاخن سان رابطو رکندو ۽ سيني شاخن جو دورو ڪندو.

(ت) سنڌ ۽ ٻين صوبن جي ٻارڙن جي تنظيمن سان ٻارڙن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۽ اتحاد ڪرڻ لاءِ ڪوشش وٺندو.

(2) **سينيئر نائب صدر:** صدر جي غير حاضريءَ ۾ تنظيمي گڏجاڻين جي صدارت جا فرض ادا ڪندو ۽ صدر سان سنگت جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو ۽ شاخن سان رابطو رکندو.

(3) **جونيئر نائب صدر:** صدر سان سنگت جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندو ۽ شاخن سان رابطو رکندو.

(4) **جنرل سيڪريٽري:** (الف) سنگت جي مرڪزي عهديدارن ۽ مرڪزي ڪاميٽيءَ جون گڏجاڻيون ڪوٺائيندو ۽ انهن جي ڪارروائي هلائيندو.

(ب) سيني شاخن، تعلقن ۽ مرڪز جو رڪارڊ ٺاهيندو.

(5) **سينئر جوائنٽ سيڪريٽري:** جنرل سيڪريٽريءَ جي غير حاضريءَ ۾ سندس تنظيمي ڪم سنڀاليندو ۽ ساڻس هٿ ونڊائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(6) **جونيئر جوائنٽ سيڪريٽري:** سيڪريٽريءَ سان تنظيمي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندو ۽ شاخن سان رابطو رکندو.

(7) **پريس سيڪريٽري:** سنگت جون ڪارروايون ۽ ڪارڪردگي اخبارن ۾ ڇپرائيندو ۽ سنگت پاران شايع ٿيندڙ مواد ڇپرائيندو ۽ پبليڪيشن قائم ڪندو.

(8) **رابطه سيڪريٽري:** سنگت جي مرڪزي عهديدارن ۽ مرڪزي ڪاميٽي جي ميمبر ساٿين سان رابطو رکندو ڪين سنگت جي اجلاسن جو اطلاع ڏيندو ۽ سنگت پاران رٿيل ٽه ماهي ڏينهن ملهائڻ لاءِ شاخ کي اطلاع ڏيندو. 2۔ شاخن ۽ تعلقن کان ميمبرشپ ۽ ٻيو مقرر ٿيل فنڊ وصول ڪرڻ لاءِ جوابدار رهندو.

(9) **ماليات سيڪريٽري:** سنگت کي مليل امداد ۽ فنڊ جمع ڪندو ۽ انهيءَ جو حساب ڪتاب رکندو ۽ مرڪزي گڏجاڻين ۾ انهيءَ جي رپورٽ پيش ڪندو ۽ شاخن ۽ تعلقن کان ميمبرشپ ۽ ٻيو مقرر ٿيل فنڊ وصول ڪرڻ لاءِ جوابدار رهندو.

(10) **آفيس سيڪريٽري:** مرڪزي دفتر جي سار سنڀال لهندو مرڪزي رڪارڊ ۽ ڪتابن جو انچارج هوندو.

**وضاحت:** سنڌ ڪائونسل تي اهڙا عهديدار چونڊبيندي جيڪي مرڪزي ڪاميٽيءَ جا ميمبر نه هوندا. اهي عهديدار سنگت جا پراڻا ڪارڪن هوندا. جيڪي سنگت سان دلچسپي رکندڙ هجن ۽ سنگت جي ڀلائي چاهيندڙ هجن.

(1) **سرپرست اعليٰ:** مرڪزي عهديدارن جي ڪم جو جائزو وٺندو ۽ سنگت کي وسيع ڪرڻ لاءِ تجويزون ڏيندو ۽ فنڊ وصول ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو.

(2) **پـ آڊيٽر:** جيڪي مرڪز کي مليل چندي امداد ۽ مرڪز جي خرچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو حساب ڪتاب جاچيندا ۽ ان جي سنڌ ڪائونسل کي رپورٽ ڏيندا.

**گڏيل قانون:**

1. ميمبرشپ في سموري مرڪز جي حوالي ڪئي ويندي
2. ماهواري چندي جو ڏهه سيڪڙو تعلقه باڊيءَ کي ڏيٽو پوندو.
3. باقي بچت فنڊ شاخ پنهنجي لاءِ ڪتب آڻيندي
4. غريب ساٿيءَ جو ماهوار چندو اڌ يا سڄو شاخ جو صدر معاف ڪري سگهي ٿو.
5. ميبرشپ في هڪ روپيو هوندي
6. ماهوار چندو هر شاخ پنهنجي صورتحال موجب پاڻ طئه ڪندي
7. هنگامي حالتن ۾ ضرورت پوڻ تي مرڪز سيني شاخن کان مدد وٺندو ۽ شاخون مرڪز سان تعاون ڪنديون.
8. شاخ، تعلقه ۽ مرڪز جا عهديدار هر سال نوان چونڊيا ويندا.
9. شاخ ختم ٿيڻ جي صورت ۾ شاخ جو سمورو رڪارڊ تعلقه ڪائونسل جي حوالي ڪيو ويندو. شاخ ٻيهر کلڻ جي صورت ۾ اهو رڪارڊ ٻيهر شاخ جي حوالي ڪيو ويندو.
10. آئين ۾ ڪا به ترميم سنڌ ڪائونسل جي اڪثريت راءِ سان ڪري سگهجي ٿي.
11. مرڪزي ڪاميٽيءَ جو اجلاس هر ٽين مهيني ٿيندو جنهن ۾ مرڪزي عهديدارن ۽ شاخن جي ڪمن جو جائزو ورتو ويندو.
12. مرڪزي عهديدارن جو اجلاس هر مهيني هڪ دفعو ٿيندو.

هن تنظيم ٻارن ۾ علمي ادبي چاهه پيدا ڪرڻ سميت ٻارن جي حقن ۽ ملڪ ۾ جمهوريت لاءِ جدوجهد جو پڻ اتساهه پيدا ڪيو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنظيم جا سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ يونٽ هئا، جيڪي مسلسل علمي، ادبي ۽ سياسي سرگرمين ۾ مصروف رهندا هئا. ساٿي ٻارڙا سنگت جي اهم سرگرمين ۽ ميڙاڪن ۾ روهڙيءَ جو ٻالڪ ڪنوينشن، موهن جو دڙو بچايو سيمنار، ٻارن جي تعلمي حق ڪانفرنس، 'لطيف ۽ ٻار' ڪانفرنس، سنڌ جي ٻارن جا مسئلا سيمينار، ٻالڪ ميلو جيڪب آباد، 'ٻار ۽ جمهوريت' ڪانفرنس ۽ ٻيا اهم پروگرام شامل آهن. هنن پروگرامن ۾ سنڌ جي جن ناميارن اديبن ۽ عالمن شرڪت ڪئي، تن ۾ شيخ اياز استاد بخاري، علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي فقير محمد لاشاري، نورالهدا شاهه ادل سومرو اياز گل، سهيل سانگي ۽ ٻيا شامل آهن.

'ساٿي ٻارڙا سنگت' ٻاران تنظيم 14 ڊسمبر 1989ع تي سنڌ جي تاريخي شهر جوهيءَ ۾ 'جمهوريت ۽ ٻار' جي نالي پنهنجي نائين سالياني ڪنوينشن ۾ هڪ سيمينار ڪرايو. هن سيمنار ۽ ڪنوينشن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين ٻارن شرڪت ڪئي.

**لطيف سنگت، سنڌ:**

ٻارڙن جي هيءَ علمي، ادبي ۽ سياسي تنظيم 'لطيف سنگت' 19 مارچ 1981ع تي جيئي سنڌ محاذ جي نگرانيءَ هيٺ قائم ٿي. سرور سهتي کي هن تنظيم جو نگران مقرر ڪيو ويو، جيڪو آخر تائين هن تنظيم جو نگران ئي رهيو جڏهن ته مختصر عرصي جي لاءِ جمن دربدر پڻ هن تنظيم جو نگران رهيو. تنظيم جو بنياد هيٺين ٽيويهن نُڪتن تي رکيو ويو هو، جيڪو سنگت جو آئين پڻ هو:

1. سنڌي ٻارڙن کي پنهنجي وطن جي عظمت لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ گڏ ڪرڻ.
2. سنڌ جي سيني ٻارڙن ۾ ايڪو پيدا ڪري، کين هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ.
3. سنڌي ٻارن ۾ حب الوطني، خود اعتمادي، نيڪ نيتي ۽ خلوص پيدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ لاءِ متحد ڪرڻ.

4. سنڌي ٻارن کي پنهنجي وطن، ٻولي، علم ادب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ ذهني ۽ عملي طور تيار ڪرڻ.
5. لطيف سنگت طرفان منت ٽيوشن سينٽر قائم ڪرڻ، جيئن غريب ٻار ڳاٽي ڀڳي خرچ کان بچن.
6. ٻارن ۾ موسيقي ۽ راند جا مقابلا ڪرائڻ.
7. ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ ٽي گڏجي سنڌي ٻارن لاءِ پروگرام وترائي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
8. سنڌي ٻارڙن ۾ سماجي ۽ ادبي جذبو پيدا ڪرڻ.
9. لطيف سنگت جي هر شاخ طرفان هفتيوار ۽ ماهوار گڏجاڻيون ڪرڻ.
10. لطيف سنگت جي مرڪز طرفان هڪ پندرهن روزه خبرنامو جاري ڪرڻ، جنهن ۾ سڀني شاخن جي ڪارڪردگيءَ جو احوال ڏنو ويندو.
11. ٻاراڻي ادب جي ڪنهن سٺي ڪتاب تي انعام ڏيڻ.
12. لطيف سنگت ٻاران يتيم ۽ غريب ٻارن کي مفتُ ڪتاب ۽ ڪين اسڪالرشپون ڏيڻ ته جيئن غريب شاگرد تعليم حاصل ڪري سگهن.
13. لطيف سنگت ٻاران سنڌي اديبن شاعرن ۽ فنڪارن سان شامون ملهائڻ.
14. ٻارڙن جي صلاحيتن کي اُڀارڻ لاءِ ۽ منجهن ڳالهائڻ جو اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ تقريري مقابلا، مباحثا، گڏجاڻيون ۽ ٻيا پروگرام ڪرائڻ.
15. سنڌ جي اهم شخصيتن، عظيم اديبن ۽ شاعرن جون ورسيون ملهائڻ.
16. سنڌي ٻارڙن کي سنڌ جي تاريخي جاين ۽ ثقافتي ميلن جا سير ڪرائڻ.
17. سنڌي ٻارڙن کي ريڊيو ٽي.وي اسٽيشن ۽ جديد قسم جي ڪارخانن وغيره جو سير ڪرائڻ ته جيئن اهي جديد ۽ فني ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.
18. ليکڪ سنڌي ٻارن کي سال ۾ هڪ ڀيرو سنڌ سطح تي گڏجاڻي- ٻارتي ڏيڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

19. لطيف سنگت جي هر يونٽ ۾ لائبرري ڪولرائي ٻارن ۾ علمي ادبي چاهه پيدا ڪرڻ.

20. مصور ٻارن جي تصويرن جي نمائش ڪرائڻ ۽ ٻارن کي ڊرامن ۾ حصو وٺرائي سندن فني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ.

21. سنڌي ٻارن لاءِ گيتن، ڪهاڻين ۽ جنرل ناليج جون ڪيسٽون تيار ڪرائڻ.

22. سنڌي ٻارن لاءِ ماهوار رسالو شايع ڪرڻ، جنهن ۾ ٻارن جي لکڻين کي ترجيح ڏني ويندي

23. لطيف سنگت طرفان سنڌ ۾ موجوده ٻاراڻي ادب کي گڏ ڪري ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

**’لطيف سنگت‘** جي ان تيويهه نُڪاتي منشور تحت سنڌي ٻارڙا سموري سنڌ ۾ متحد ٿيڻ لڳا ۽ انهن ۾ سنڌي ٻولي، ادب، سماج ۽ سنڌ جي ماڻهن ڏانهن ذميداريءَ وارو رويو پيدا ٿيو.

**’لطيف سنگت‘** جو پهريون مرڪزي آرگنائيزر **خدا بخش جويو** چونڊيو ويو جنهن ٻن مهينن اندر ڳوٺن، شهرن ۽ وستين ۾ واهڻ ۾ لطيف سنگت جا يونٽ قائم ڪيا. هن تنظيم ٻاران سنڌي ٻارن کي پنهنجي عظيم تاريخي ورثي کان واقف ڪيو ويو ۽ ٻارن لاءِ ڪتابي سلسلو **’لطيف پبليڪيشن‘** شروع ڪيو ويو.

5۔ جون 1981ع تي **’لطيف سنگت‘** جون باقاعدي پهريون مرڪزي چونڊون سن شهر ۾ **سائين جي ايم سيد** جي نگرانيءَ ۾ ٿيون، جنهن ۾ سڄي سنڌ جي ٻارڙن شرڪت ڪئي ۽ مرڪزي عهديدار چونڊيا. چونڊن کان اڳ ۾ مرڪزي آرگنائيزر **خدا بخش جويي** کي آجياڻو ڏنو ويو جنهن جي صدارت **سائين جي ايم سيد** ڪئي. مرڪزي باڊيءَ ۾ مرڪزي صدر **سليم حيدري** (شمشير الحيدريءَ جو فرزند)



soorthsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سينئر نائب صدر تاجل بيوس جو فرزند **سليم تاج**، مرڪزي چيف سيڪريٽري **غلام رسول لاشاري**، مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري **ڪرم رستماڻي**، مرڪزي جو سينئر نائب صدر **سوجهرو سنڌي** ۽ مرڪزي پريس سيڪريٽري **ايوب عمراڻي** چونڊيا ويا. هن باڊي سنگت کي زور وٺرائڻ لاءِ سڄي سنڌ جا دورا ڪيا ۽ هڪ سئو يونٽ قائم ڪيا. ان وقت **’لطيف سنگت‘** جي سنڌ ۾ ميمبرن جو تعداد 7580 هو. ان وقت سنگت جي اهم شهرن جي اڳواڻن ۾ **ميرعالم مري** (ميرپورخاص)، **گل سنڌي** (ٺٽو)، **غلام رسول لاشاري** (بدين)، **خير محمد مگسي** (لاڙڪاڻو)، **بدر پيو** (سکر)، **عبدالقادر پرڙو** (جيڪب آباد) **يوسف رستماڻي** (نواب شاهه) **محمد امير مري** (ڪنڊيارو)، **غلام نبي ملاح** (مورو)، **خادم حسين انصاري** (خيرپورميرس)، **نديم مصطفيٰ سومرو** (شڪارپور) **ساجن آريسر** (ڇور)، **غلام قادر ميربحر** (جهرڪ)، **راجا امام علي** (گڏيجي)، **سڪندر منگي** (پريالوءِ)، **اسلم پرويز راهوجو** (وڳڙ)، **فياض قريشي** (ڳاڙهي موري)، **قطب ابڙو** (وارهه)، **وزير حسين انڙ** (دولت پور صفن)، ۽ ٻيا شامل هئا. جيئي سنڌ محاذ پاران هر ضلعي ۾ هڪ نگران مقرر ڪيو ويندو هو جيڪو لطيف سنگت جي سرگرمين جي نگراني ڪندو هو. هي تنظيم پڙهيل لکيل سياسي ڪارڪنن جي نرسري هئي.

1981ع ۾ **’لطيف سنگت‘** طرفان پندرهن روزه خبرنامو پڻ جاري ڪيو ويو جنهن ۾ سڄي سنگت جي ڪارڪردگي ڄاڻايل هئي. هي خبرنامو مرڪزي صدر هٿ سان لکندو هو جنهن کي فوٽو اسٽيٽ ڪرائي، سڄيءَ سنڌ جي ميمبرن کي موڪليو ويندو هو. **’لطيف سنگت‘** جا يونٽ اسڪول سطح تي هوندا هئا ۽ پنهنجي اوج واري زماني ۾ سنڌ اندر هن تنظيم جا لڳ ڀڳ چار سو يونٽ قائم ٿي ويا. يونٽ پنهنجن سرگرمين ۾ اسٽڊي سرڪل هلائيندا هئا، جڏهن ته تحريري ۽ تقريري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چٽاپيٽيون، ۽ موسيقي، آرٽ سائنسي مقابلا ڪرائڻ پڻ يونٽن جي ڪارڪردگيءَ ۾ شامل هو. هن تنظيم جو مکيه ڪم مستقبل جا معمار تيار ڪرڻ هو جيڪي اڳتي هلي هر شعبي ۾ سنڌ کي سنڀالڻ جي لائق بڻجن. يونٽ پاڻ ۾ چونڊيون ڪرائي تعلقي باڊيون جوڙيندا هئا، جڏهن ته تعلقن جي چونڊن کان پوءِ ضلعي باڊيون ۽ اهڙيءَ طرح مرڪزي باڊي جوڙي ويندي هئي. سمورن ضلعن جا ڪارڪن ۽ عهديدار سال ۾ هڪ ڀيرو لطيف سائينءَ جي مزار تي گڏ ٿيندا هئا، جتي ساليانو ڪنوينشن منعقد ٿيندو هو. ڪنوينشن دوران ٻارن ۾ تقريري، تحريري ۽ موسيقيءَ جا مقابلا ٿيندا هئا. لطيف سنگت جي اهڙن ڪنوينشنن ۾ سائين محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالواحد آريسر، جيجي زرينا بلوچ، تاج جويو، ميرمحمد پيرزادو، شمشيرالحيدري ۽ ٻيا عالم ۽ اديب صدر طور شريڪ ٿيا. ان کان سواءِ جيڪي موسيقيءَ جا مقابلا ٿيندا هئا، تن جي صدارت استاد منظور علي خان، انور حسين وسطڙي ۽ سرمد سنڌي به ڪئي. 1982ع ۾ لطيف سنگت طرفان ’ڪل سنڌ ٻالڪ ميلي‘ جي شاندار روايت وڌي ويئي، جن ۾ سڄي سنڌ جا ٻارڙا اچي گڏ ٿيندا هئا.

1988ع تائين لطيف سنگت جا ست (7) ٻيا صدر رهيا، جن ۾ غلام رسول لاشاري، يوسف رستماڻي، خان محمد انڙ، ليمون مل سنڌي، جمال عبدالناصر بلو، رياض چانڊيو ۽ اظهار سومرو شامل آهن.

31 آگسٽ 1990ع تي ’لطيف سنگت‘ سنڌ جو ساليانو ڪنوينشن تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ ماڙي جلباڻيءَ ۾ درياهه جي ڪنڌيءَ تي رکيو ويو. هن ڪنوينشن دوران ئي سنڌ ڪائونسل جي ڪيترن ئي ميمبرن جا پاڻ ۾ اختلاف ٿي ويا ۽ اهڙيءَ ريت، سنڌي جي قومي تحريڪ جي ٻارن لاءِ قائم ڪيل هي تنظيم تنظيمي اختلافن ۽ ڌڙابنديءَ جو شڪار ٿي ختم ٿي وئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سنا ٻارڙا سنگت/بزم ساٿي:

مذهبي ۽ سياسي جماعت 'جماعت اسلاميءَ' پاران پهريون پيرو ٻارن جي ذيلي تنظيم 'سنا ٻارڙا سنگت' جي نالي سان 1987ع ۾ قائم ڪئي وئي. تنظيم جو سرپرست ڊاڪٽر شهاب الدين غازي هو. سنا ٻارڙا سنگت جا يونٽ شڪارپور، ڪنڊڪوٽ، لاڙڪاڻي، شهدادپور ، بدين، نئين ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ موجود هئا. جولاءِ 1992 ۾ جامعه مليه ۾ اسڪول جي ٻارن لاءِ هڪ اهم گڏجاڻيءَ ۾ 'مجاهد ساٿي' تنظيم قائم ڪئي وئي، جنهن جو سرپرست اعليٰ افضال احمد ٿيو. بعد ۾ ڪجهه وقت کان پوءِ ٻيهر نالو تبديل ڪري 'اسڪول فورم' رکيو ويو. جنهن جو سرپرست تاج محمد نظاماڻي هو. 1993 ۾ اسڪول فورم کي 'بزم ساٿيءَ' ۾ ضم ڪري 'بزم ساٿيءَ' جي نالي سان ڪم شروع ڪيو ويو. ان وقت عظيم بلوچ سرپرست ۽ عبدالواحد لغاري صدر بزم ساٿي سنڌ هئا.

بزم ساٿي، اصل ۾ 'اسلامڪ چلڊرين هابيز آف پاڪستان' نالي هڪ اداري جي سهاري هيٺ قائم ٿي، جيڪو جماعت پاران سڄي ملڪ ۾ ٻارن جي علمي ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ قائم ڪيل ادارو آهي. 'بزم ساٿيءَ' جو سرپرست، جماعت اسلامي جي شاگرد تنظيم 'جمعيت طلباءِ اسلام' جو صوبائي صدر هوندو آهي، جڏهن ته ٻين اهم عهديدارن تي ٻڌل 15 رڪني ايگزيڪيوٽو ڪائونسل، 'بزم ساٿيءَ' جو انتظام هلائيندي آهي. بزم پاران سڄيءَ سنڌ ۾ شاخون قائم ڪيل آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ سرگرميون ڪنديون رهنديون آهن، جڏهن ته هڪ ساليانو ڪنوينشن پڻ ٿيندو آهي، جنهن کي اڳ 'شاهين ڪئمپ' ۽ بعد ۾ 'آل سنڌ شائيننگ اسٽار ڪئمپ' جو نالو ڏنو ويو آهي. هن ڪئمپ دوران ٻارن جي نعتيه ۽ حمديه مقابلن سان گڏ تحريري ۽ تقريري مقابلا پڻ ڪرايا ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن تنظيم پاران ٻارن لاءِ ماهوار رسالو **’ساٿي‘** سال 1992 کان جاري ڪيو ويو جيڪو هن وقت تائين پڻ حيدرآباد مان جاري ڪيو پيو وڃي. ڊيمي سائيز جو هي رسالو عام طور 62 صفحن تي شايع ٿيندو آهي. ان کان سواءِ **’بزم ساٿي‘** پاران **’ساٿي پبليڪيشن‘** نالي سان ٻارن جو ڪتابي سلسلو پڻ جاري ڪيو ويو جنهن هيٺ هيستائين ٽي (3) ڪتاب: (1) **روشني** (ڪهاڻيون) (2) **منزل** (ڪهاڻيون) (3) **نور پور** (ڪهاڻيون) شامل آهن.

هن تنظيم جي صدرن ۾ **ڪاشف حسين، اختر سمون، ذيشان عابد ۽ احمد خان گڏاڻي** قابل ذڪر آهن. هيءَ تنظيم جيتوڻيڪ ٻارن لاءِ مذهبي تربيت جو ادارو آهي، پر تنهن هوندي به ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ هن تنظيم جو چڱو ڪم آهي. ماهوار **’ساٿيءَ‘** جي مستقل اشاعت سان گڏ ٻارن لاءِ علمي ادبي سرگرميون پڻ تنظيم جو ڪم رهيو آهي. سال 2002ع ۾ بزم ساٿيءَ پاران، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ٻارن جي اديبن کي مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا.

## سنڌ ٻالڪ قومي اتحاد:

سنڌ ۾ لساني فسادن کان پوءِ جڏهن جولاءِ 1988ع ۾ سنڌ جي قومپرست پارٽين جو گڏيل اتحاد **’سنڌ قومي اتحاد‘** جي نالي سان جڙيو ته سياسي پارٽين جي نگرانيءَ هيٺ هلندڙ ٻارن جي تنظيمن توڙي ٻارن جي ٻين علمي ادبي تنظيمن جو پڻ گڏيل اتحاد جوڙيو ويو جنهن جو نالو **’سنڌ ٻالڪ قومي اتحاد‘** رکيو ويو. هن اتحاد جي پهرين گڏجاڻي سن ۾ سائين جي ايم سيد وٽ ٿي، جنهن ۾ لطيف سنگت مان **رياض چانڊيو ۽ اظهار سومرو**، ساٿي ٻارڙا سنگت مان **سجاد ظهير ۽ عبداش پنهور** وطن دوست ٻارڙا سنگت مان **مخدوم بلاول**، سنڌ دوست ٻارڙا سنگت مان **اياز ڪاڪا ۽ ادريس چانڊيو**، سجاڳ ٻار تحريڪ مان **گلزار وساڻ**، سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻالڪ سنگت مان قربان منگي ۽ ٻارن جي دنيا سنگت مان اسماعيل آزاد ٽيٻي شرڪت ڪئي. ٻالڪ اتحاد جي ميمبر تنظيمن ڪي سائين جي ايم سيد هڪ دعايہ خط پڻ لکيو هو. هن اتحاد ٻاران پٽ شاهہ ۾ هڪ وڏو ميڙاڪو پڻ ڪوٺايو ويو هو. اتحاد بہ سال ھلڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

**سنڌ دوست ٻالڪ تنظيم:**

سياسي تنظيم سنڌ دوست انقلابي تنظيم ٻاران ٻارن لاءِ عملي ادبي تنظيم 'سنڌ دوست ٻالڪ تنظيم' جو بنياد 89-1988 ۾ وڌو ويو. **مخدوم بلاول** هن تنظيم جو چيئرمين هوندو هو. هن تنظيم مختلف شهرن ۾ تنظيم جا يونٽ قائم ڪيا ۽ سرگرميون شروع ڪيون. پر تنظيم گهڻو وقت هلي نہ سگهي ۽ ٻاٽمرادو بند ٿي وئي.

**ترقي پسند لطيف سنگت:**

1990ع ۾ **'جيئي سنڌ محاذ'** جي ٽٽڻ ۽ ڌڙابنديءَ جو شڪار ٿيڻ کان پوءِ ان جو اثر پارٽيءَ جي ذيلي فرنٽن تي پڻ پيو ۽ اهڙيءَ ريت **'جيئي سنڌ محاذ'** جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **'لطيف سنگت'** پڻ ان ڌڙا بنديءَ جو شڪار ٿي وئي.

13 فيبروري 1992ع تي نيو سعيدآباد ۾ **'ترقي پسند لطيف سنگت'** جي ڪنوينشن ۾ سنڌ ڪائونسل آڏو پيش ڪيل مرڪزي باڊيءَ جي رپورٽ موجب **'ترقي پسند لطيف سنگت'** جو قيام 31 آگسٽ 1990ع تي ٿڏهن ٿيو. جڏهن ماڙي جلباڻيءَ ضلعي نوابشاهہ ۾ ٿيندڙ لطيف سنگت جي ڪنوينشن ڪي ڳجهو رکيو ويو. رپورٽ مطابق 92 ڪائونسلرن ٻئي ڏينهن صبح جو نيو سعيدآباد ۾ متفقہ راءِ سان **'لطيف سنگت'** جو نالو بدلائي **'ترقي پسند لطيف سنگت'** رکيو ويو ۽ **ڊاڪٽر قادر**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مگسيءَ جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت عاشق سولنگي ۽ چاچا محمد علي لغاريءَ جي نگرانيءَ ۾ عبوري باڊي چونڊي وئي، جنهن ۾ صدر شيوا سنڌي، سينيئر نائب صدر عبدالستار قريشي، جونيئر نائب صدر منير احمد ميمڻ، چيف سيڪريٽري محمد علي پهڻ، ڊپٽي سيڪريٽري سراج احمد تنيو رابطا سيڪريٽري شوڪت ملاح ۽ پريس سيڪريٽري امير علي جاڪرو شامل هئا. عبوري باڊي جا عهديدار ٽن مهينن تائين سڄي سنڌ جي سمورن ضلعن جا دورا ڪري نئين تنظيم ڪاري ڪرڻ ۽ تنظيم کي نئين نالي سان متعارف ڪندا رهيا. ان وچ ۾ مهتاب خاصخيليءَ کي پڻ تنظيم جو نگران مقرر ڪيو.

24 اپريل 1991ع تي 'جساف ترقي پسند ونگ' جي ٻن ميمبرن امين پٺاڻ ۽ خير محمد مگسيءَ سان گڏ عاشق سولنگيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ٽه رڪني ايڊهاڪ ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ آرگنائيزر شيوا سنڌي ۽ ڊپٽي آرگنائيزرس جميل احمد عابداڻي ۽ غلام حسين کوسو هئا.

29 آگسٽ 1991ع تي سنڌ ڪائونسل جي اجلاس ۾ عاشق سولنگيءَ جي نگرانيءَ ۾ عبوري باڊي جي چونڊ ڪئي وئي، جنهن ۾ جنرل سيڪريٽري جي عهدي کان سواءِ ٻين سمورن عهدن تي مقابلو ٿيو ۽ غلام حسين کوسو صدر، ربنواز کوسو نائب صدر، مشتاق منظور جوڻيجو جنرل سيڪريٽري، الهه بخش ڪنڀار جوائنٽ سيڪريٽري، خادم حسين منگي رابطا سيڪريٽري ۽ گل محمد جمالي پريس سيڪريٽري چونڊيا ويا. هن اجلاس ۾ سينيئر ۽ نائب صدر جا عهدا ختم ڪيا ويا ۽ چيف سيڪريٽري ۽ ڊپٽي سيڪريٽري جي لفظن کي جنرل سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ۾ تبديل ڪيو ويو. هن عبوري باڊي مختلف ضلعن ۾ نئين سر تنظيم سازي ڪرڻ ۽ ميمبرشپ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. اهڙيءَ ريت ڪراچي، ٺٽي، بدين، ٽنڊي محمد خان، حيدرآباد، مٽي، سانگهڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرپورخاص، ٽنڊو الهيار، ٻدين، ٺٽو، ڪراچي، دادو، نوابشاهه، نوشهروفيروز، خيرپور ميرس، سکر، گهوٽڪي، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ ٻين شهرن ۾ پروگرام مقرر ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت ڊسمبر 1991ع واري اجلاس ۾ تنظيم مان لفظ 'ونگ' جو نالو ڪڍي 'ترقي پسند لطيف سنگت' جو نالو ڏنو ويو ۽ آئين جوڙي سمورن ضلعن ۾ موڪليو ويو.

سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي قائم ٿيڻ ۽ لطيف سنگت جي ٽٽڻ کان پوءِ سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ پاران 'ترقي پسند لطيف ٻالڪ سنگت' نالي سان ڪيل هن تنظيم پاران 1993ع ۾ سنڌي ٻارن جي وسيع مفادن لاءِ ڪل سنڌ ٻالڪ قومي ڪانفرنس حيدرآباد ۾ ڪوٺائي وئي. هن تنظيم جي مرڪزي اڳواڻن ۾ خادم منگي، ربنواز شاد ڪوسو عبدالرئوف ڪاڪيپوٽو منظور قريشي ۽ ٻيا پڻ شامل هئا. ٻارن جي هيءَ ادبي ۽ سياسي تنظيم 1995ع ۾ ختم ڪئي وئي، ان وقت مرڪزي صدر خادم منگي ۽ جنرل سيڪريٽري منظور قريشي هئا. سال 2001ع ۾ هڪ دفعو ٻيهر 'ترقي پسند لطيف ٻالڪ سنگت' تنظيم قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو جنهن جو مرڪزي صدر عثمان ڪنڀر چونڊيو ويو پر تنظيم گهڻو وقت هلي نه سگهي ۽ بند ٿي وئي.

'ترقي پسند لطيف سنگت' جو آئين هيٺينءَ ريت پيش ڪجي ٿو.

## باب پهريون

1. نالو: ترقي پسند لطيف ٻالڪ سنگت، سنڌ هوندو. هن کي اختيار طور 'لطيف سنگت' يا 'ٻالڪ سنگت' به چئي سگهبو.
2. تنظيم جي حيثيت: سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي ذيلي فرنٽ واري هوندي
3. جهنڊو: سفيد رنگ جو جهنڊو امن ۽ ڀائيچاري جي علامت. جهنڊي جي وچ تي اٺ ڪنڊو ڳاڙهو تارو ثقافت، خوشحالي ۽ انقلاب جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامت، تاري جي وچ ۾ نيرو ڪتاب علم ۽ عالمي انصاف جي علامت.

4. **ميمبرشپ جو معيار:**

(الف) هر اهو سنڌي ٻار جيڪو ڪنهن به پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول ۾ ريگيولر پڙهندڙ هجي ميمبر ٿي سگهي ٿو.

(ب) هر اهو ٻار جيڪو ڪنهن به تعليمي اداري ۾ نه ٿو پڙهي ۽ سندس عمر 18 سالن کان گهٽ هجي اهو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

(ٻ) هر اهو سنڌي ٻار جيڪو ڪنهن هنري اداري ۾ سکيا وٺندڙ هجي اهو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

(پ) ميٽرڪ جي امتحان ڏيڻ کان پوءِ ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ کان اڳ ڪو به سنڌي ٻار هن تنظيم جو ميمبر رهي سگهي ٿو.

(ڀ) ڪن خاص حالتن ۾ 18 سالن کان گهٽ عمر وارو سنڌي ٻار سنڌ ڪائونسل جي اڪثريتي فيصلي سان پهرين سال ۾ پڙهندڙ ڪاليج جو شاگرد به هن تنظيم جو ميمبر رهي سگهي ٿو پر ان لاءِ اهو شرط هوندو ته هو ڏهين درجي پڙهڻ دوران تنظيم جو ميمبر رهيو هجي.

5. **ميمبرشپ جو طريقيڪار:**

مٿين معيارن تي پورو لهڻ کان پوءِ ڪو به سنڌي ٻار ميمبر ٿيڻ لاءِ پنهنجي يونٽ جي معرفت ضلعي صدر کي درخواست ڪندو. يونٽ جو صدر اها درخواست پنهنجي سفارش سان ضلعي باڊيءَ ڏانهن موڪليندو. جيڪا ميمبرشپ فارم ۽ ڪارڊ جاري ڪندي. جن تي مرڪز جي صحيح ٿيل هوندي. ميمبرشپ ڏيڻ جو اختيار ضلعي باڊيءَ کي هوندو.

6. **ميمبرن جا حق:**

(الف) هر ميمبر کي واسطيدار اداري اندر ڪنهن به مسئلي تي راءِ.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دليل ۽ تنقيد جو حق هوندو.

(ب) هر ميمبر کي ووٽ ڏيڻ ۽ پنهنجي اداري اندر عهدي تي ويهڻ جو حق هوندو.

(ڀ) ڪنهن به مسئلي تي هيٺين ادارن جي معرفت مٿين ادارن ڏانهن لکت ۾ تجويزون ۽ رايا موڪلي سگهي ٿو.

7. **ميمبرن جا فرض:**

(الف) تنظيم جي منشور ۽ آئين جي ضابطن جي پابندي ڪرڻ.

(ب) ماهوار مقرر فيون ۽ فنڊ باقاعده ادا ڪرڻ.

(ڀ) مٿين ادارن ۽ اڪثريتي راءِ جي فيصلن ۽ پاليسين جو احترام ڪرڻ ۽ انهن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

(پ) واسطيدار ادارن جي گڏجاڻين ۾ پابنديءَ سان شريڪ ٿيڻ.

(ٻ) نصابي تعليم ڏانهن توجهه ڏيڻ سان گڏ نظرياتي عام تعليم ۽ چارڻ وڌائڻ لاءِ ايمانداريءَ سان جدوجهد ڪرڻ.

(ت) گهٽ ۾ گهٽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا ڏهه بيت ياد ڪرڻ.

8. **ميمبرشپ ختم ٿيڻ جا ڪارڻ:**

(الف) ڪو به ميمبر لڳاتار چار گڏجاڻيون سبب ٻڌائڻ کان سواءِ گسائيندو ته سندس ميمبرشپ ختم ڪئي ويندي

(ب) ڪو به ميمبر لڳاتار ٽن مهينن تائين ماهوار مقرر في ادا نه ڪندو ته سندس ميمبرشپ ختم ڪئي ويندي، ان جو ڪيس نوٽيس ڏنو ويندو.

(ڀ) ڪو به عهديدار لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ نه ايندو ته سندس عهدو ختم سمجهيو ويندو.

(پ) ڪو به ميمبر ڪن اخلاقي سرگرمين ۾ ملوث سمجهيو ويو ۽ ان جي پڪي تصديق ملي ته ڪيس تنظيم مان خارج ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٻيو (دارو):

1. **يونٽ:**

(الف) يونٽ ڪنهن بہ اسڪول، ڳوٺ، پاڙي يا شهر ۾ کولي سگهجي ٿو.
(ب) يونٽ کولڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5 ميمبرن جو هجڻ لازمي آهي.
(ٻ) شروعاتي دور ۾ يونٽ جو آرگنائيزر ۽ ڊپٽي آرگنائيزر مقرر ڪري سگهجن ٿا.
(پ) ميمبرشپ وڌائڻ سان يونٽ پاڻ مان ڇهہ رڪني يونٽ باڊي چونڊيندو ۽ ان جو اجلاس ماهوار ٿيندو.
(ڀ) يونٽ پنهنجي اداري ۽ باڊي جي ڪم جو جائزو وٺندو.

2. **يونٽ باڊي:**

(الف) يونٽ باڊي ڇهن عهديدارن: 1۔ صدر، 2۔ نائب صدر 3۔ جنرل سيڪريٽري 4۔ جوائنٽ سيڪريٽري، 5۔ خزانچي ۽ 6۔ پريس سيڪريٽري تي مشتمل هوندو.
(ب) يونٽ باڊي پنهنجي حد اندر ڪم ڪار جي جوابدار هوندي.
(ٻ) هن جي گڏجاڻي هفتيوار ٿيندي.

3. **تعلقي ڪائونسل:**

(الف) هي ادارو تعلقي اندر سيني يونٽن جي عهديدارن ۽ تعلقي باڊي جي عهديدارن تي مشتمل هوندو.
(ب) هي ادارو پاڻ مان تعلقي باڊي چونڊيندو.
(ٻ) هي ادارو تعلقي اندر ڪم جو جائزو وٺندو، ڪم کي تيز ڪرڻ لاءِ تعلقي باڊي کي تجويزون ڏيندو ۽ ان کان رپورٽ وٺندو.
(پ) هي ادارو ڪنهن بہ ميمبر جي جائز سبب ڪري ضلعي ڪائونسل کي ميمبرشپ جي معطلي لاءِ سفارش ڪري سگهي ٿو.


soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(پ) هن اداري جو اجلاس هر ٻئي مهيني ٿيندو.

4. **تعلقي بادي:**

(الف) هي ادارو ڇهن چونڊيل عهديدارن تي مشتمل هوندو.
(ب) تعلقي بادي، تعلقي اندر ڪم ڪار جي جوابدار هوندي
(ٻ) يونٽن جي ڪم ڪار جو جائزو وٺندي ۽ کين متحرڪ ڪندي
(پ) هن جي گڏجاڻي پندرهن وار ٿيندي

5. **ضلع ڪائونسل:**

(الف) هي ادارو ضلعي اندر سڀني تعلقي بادين ۽ ضلعي بادي تي مشتمل هوندو.
(ب) هي ادارو پاڻ منجهان ضلعي بادي چونڊيندو.
(ٻ) ضلع ڪائونسل ضلعي اندر ڪم ڪار جو جائزو وٺندي
(پ) تعلقي ڪائونسل جي سفارش جي روشني ۾ ڪنهن به ميمبر کي ٻن مهينن تائين معطل ڪري سگهي ٿي.
(ڀ) هي ادارو ضلعي بادي کان رپورٽ وٺندو ان جي ڪم جو جائزو وٺندو ۽ رٿون ڏيندو.
(ت) هن جي گڏجاڻي هر ٻئي مهيني ٿيندي

6. **ضلعي بادي:**

(الف) هي ادارو ضلعي ڪائونسل مان چونڊيل ڇهن عهديدارن تي مشتمل هوندو.
(ب) ضلعي اندر ڪم ڪار مرڪزي پالسيسين ۽ فيصلن تي عمل ڪرائڻ لاءِ هي ادارو جوابدار هوندو.
(ٻ) تعلقن جي ڪم ڪار جي ڇڪاس ڪندو نيون ۽ مرڪز کان پهتل هدايتون ڏيندو يا پهچائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(پ) هن اداري جي گڏجاڻي ماهوار ٿيندي

7. **سنڌ ڪائونسل:**

(الف) هي ادارو مرڪزي باڊيءَ، مرڪزي نگران ڪاميٽي ۽ ضلعي باڊين تي مشتمل هوندو.

(ب) هي تنظيم جو سڀ کان اعليٰ اختياراتي ادارو هوندو.

(ٻ) آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو اختيار فقط هن اداري کي هوندو.

(ڀ) هي ادارو سڄي تنظيم جي سموري ڪم ڪار جو جائزو وٺندو، چڪاس ڪندو، تنظيمي حڪمت عملي جوڙيندو ۽ پارٽي پالسيسن تي عمل ڪرائيندو.

(ت) هن جو اجلاس هر ڇهين مهيني ٿيندو. پهريون اجلاس ڪنوينشن اجلاس هوندو ۽ ٻين اجلاسن ۾ رپورٽون ۽ ڪم جو جائزو ورتو ويندو.

8. **مرڪزي ڪائونسل:**

(الف) هي ادارو مرڪزي باڊيءَ ضلعن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين ۽ مرڪزي نگران تي مشتمل هوندو.

(ب) هن اداري جي گڏجاڻي هر ٽئين مهيني ٿيندي.

(ٻ) هي ادارو سنڌ ڪائونسل جي فيصلن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ جوابدار هوندو.

(پ) هي ادارو سڄي تنظيم لاءِ رابطي طور ڪم ايندو.

(ڀ) هي ادارو ضلعن ۽ مرڪز جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺندو.

9. **مرڪزي باڊي:**

(الف) هي ادارو هڪ مرڪزي نگران، مرڪزي عهديدارن، صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نائب صدر، جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري، رابطا سيڪريٽري ۽ پريس سيڪريٽري تي مشتمل هوندو.

(ب) مرڪزي نگران پارٽي مقرر ڪندي

(ڀ) هي ادارو ضلعن لاءِ نگران مقرر ڪندو.

(پ) هي ادارو سموري ڪم ڪار لاءِ جوابدار هوندو.

(ٻ) مرڪزي ڪائونسل ۽ سنڌ ڪائونسل جي فيصلن تي عمل درآمد ڪرائڻ هن جو ڪم آهي.

(ت) هي ادارو ٻين ٻالڪ تنظيمن سان ڳالهائڻ يا اتحاد ڪرڻ جو مجاز هوندو.

(ٿ) هي ادارو ڪنهن بہ ميمبر جي ڏوهہ جي بنياد تي بنيادي ميمبرشپ ختم ڪري سگهي ٿو.

(ٽ) هن اداري جي گڏجاڻي ماهوار ٿيندي

10. **نگران ڪائونسل:**

(الف) ٽـہ رڪني مرڪزي نگران ڪاميٽي، مرڪزي ڇهہ عهديدارن ۽ سيني ضلعن جا ضلعي نگران هن اداري جا ميمبر هوندا.

(ب) هي ادارو تعلقن، ضلعن ۽ مرڪزي نگرانن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺندو ۽ پارٽي پاليسين تحت حڪمت عمليون جوڙيندو.

(ڀ) هن اداري جي صدارت مرڪزي نگران ڪندو ۽ ان جي غير حاضريءَ ۾ مرڪزي نگران ڪاميٽيءَ جو ڪو بہ ميمبر ڪري سگهندو.

(پ) هن اداري جا سال ۾ ٻہ اجلاس ٿيندا.

11. **ضلعي نگران ڪاميٽي:**

(الف) هي ادارو ضلعي نگران جي سربراهيءَ ۾ تعلقن جي نگرانن تي مشتمل هوندو.

(ب) هي ادارو ضلعي اندر تنظيم جي واڌاري ۽ عهديدارن کي فعال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ لاءِ يونٽن، تعلقن ۽ ضلعي باڊي سان سهڪار ڪرڻ ۽ تحفظ ڏيڻ لاءِ ذميوار هوندو.

(ٻ) هن اداري جي گڏجاڻي ماهوار ٿيندي

(پ) تعلقي نگران جي مقرري ضلعي نگران ڪندو ۽ ان جي منظوري نگران ڪائونسل کان وٺندو.

**باب ٽيون (عهديدار ۽ اختيار)**

1. **صدر:**

(الف) صدر تنظيم جو سربراهه هوندو.

(ب) سيني ادارن جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(ٻ) آئين تي عمل ڪرائيندو.

(پ) واسطيدار ادارن جون گڏجاڻيون ڪوٺائيندو.

(ڀ) تنظيم جي ڀلي خاطر ڪي به عارضي ڪاميٽيون جوڙي سگهي ٿو.

(ت) ڪنهن به ميمبر کي سندس ڏوهه جي بنياد تي ضلعي صدر هڪ مهيني لاءِ معطل ۽ مرڪزي صدر خارج ڪري سگهي ٿو جنهن جي منظوري واسطيدار اداري کان وٺڻي پوندي

(ٿ) ڪنهن به مسئلي تي ووٽن جي برابري جي صورت ۾ ڪاسٽنگ ووٽ ڏئي سگهي ٿو.

2. **نائب صدر:**

(الف) صدر سان سندس ڪم ڪار ۾ مدد ڪندو.

(ب) صدر جي غير موجودگي ۾ صدر جا اختيار کيس مليل هوندا.

3. **جنرل سيڪريٽري:**

(الف) تنظيم جي سموري لکپڙهه ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ب) اجلاسن جي ڪارروائي هلائيندو ۽ محفوظ ڪندو.
(ڀ) تنظيم جو رڪارڊ جوڙيندو ۽ محفوظ ڪندو.
(پ) واسطيدار اداري اندر رپورٽ پڙهندو.

4. **جوائنٽ سيڪريٽري:**

(الف) جنرل سيڪريٽري سان ڪم ۾ تعاون ڪندو.
(ب) جنرل سيڪريٽري جي غير موجودگي ۾ ان جا ڪل اختيار ڪيس مليل هوندا.

5. **رابطا سيڪريٽري:**

(الف) ضلعن سان هنگامي مسئلن تي ترت رابطو رکندو ۽ ٻاهرين ملڪن جي ٻين تنظيمن سان رابطو رکندو.
(ب) ضلعن کي ضروري ليٽر، هدايتون ۽ خبر ناما پهچائيندو.
(ڀ) ضلعن جون گهرجون ۽ شڪايتون مرڪز کي پهچائيندو.

6. **خزانچي:**

(الف) واسطيدار ادارن يا ميمبرن کان فيون وصول ڪندو.
(ب) ماليات جو مڪمل حساب ڪتاب رکندو.
(ڀ) ماليات جي واڌاري لاءِ رٿون پيش ڪندو.
(پ) ماليات جي واڌاري لاءِ ڪوششون ڪندو.

7. **پريس سيڪريٽري:**

(الف) تنظيم جا بيان ۽ پاليسيون اخبارن کي جاري ڪندو.
(ب) اخباري ڪٽنگن جا فائيل رکندو.
(ڀ) تنظيم جي پاليسيءَ جي تشهير ڪندو.
(پ) صحافين سان رابطا رکندو.
(ٻ) مرڪزي خبر نامو جاري ڪندو ۽ ان جو انچارج هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوٽ: مرڪزي ماليات جو حساب ڪتاب مرڪزي نگران رکندو ان ڪري مرڪز ۾ خزانچيءَ جو عهدو نه هوندو ۽ ضلعن، تعلقن ۽ يونٽن جي باڊين ۾ رابطا سيڪريٽري جو عهدو نه هوندو.

8. **نگران:**

(الف) پارٽي پاران تنظيم جي مڪمل طرح سرپرستي ڪندو.
(ب) پارٽي پاليسي پهچائيندو ۽ ان تي عمل ڪرائيندو.
(ٻ) مرڪزي ماليات جو سمورو ڪاروبار سنڀاليندو.

**باب چوٿون (ماليات)**

1. ميمبرشپ في 12 روپيا هوندي، جيڪا سڌي مرڪز وٽ جمع ٿيندي.
2. فارم تي هڪ رپيو ٿيندي، جيڪا سڌي مرڪز وٽ جمع ٿيندي.
3. ميمبرشپ ڪارڊ في 3 رپيا هوندي، جنهن مان ٻه رپيا مرڪزي ۽ هڪ رپيو ضلعي وٽ جمع ٿيندو.
4. ماهوار في ڏهه رپيا هوندي، جنهن جو اڌ مرڪز کي هڪ پاڱي چار حصو ضلعي کي، هڪ پاڱي 8 تعلقي کي ۽ هڪ پاڱي 8 حصو يونٽ جو هوندو.
5. مرڪزي صدر هنگامي طور پنج سئو رپيا، ضلعي صدر ٻه سئو رپيا، تعلقي صدر هڪ سئو رپيا ۽ يونٽ صدر پنجاهه رپيا پنهنجي پنهنجي ادارن جي فنڊ مان خرچ ڪري سگهي ٿو پر بعد ۾ ان جي منظوري پنهنجين باڊين کان وٺڻ ضروري هوندو.
6. هر ادارو پنهنجي حصي جي فين مان خرچ ڪرڻ جو مجاز هوندو پر مٿيان ادارا سندس آڊٽ ڪري سگهن ٿا.
7. اليڪشن في سموري سڌي مرڪز وٽ جمع ٿيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڪورم:**

(الف) هر اجلاس جو ڪورم سادي اڪثريت هوندو.
(ب) آئين جي ترميم واري اجلاس جي ڪورم لاءِ سادي اڪثريت ضروري آهي.
(ٻ) ڪورم پورو نہ هئڻ ڪري هڪ دفعو مهمل ڪيل گڏجاڻي ٻئي دفعي ڪورم کان آجي هوندي، بشرطيڪ سندس مهملي جو عرصو هڪ هفتو هجي.
(پ) هر اجلاس ۾ فيصلا سادي اڪثريت سان ڪري سگهجن ٿا.

**مدو:**

هر باڊي جو مدو هڪ سال هوندو ۽ سال پوري ٿيڻ کان پوءِ هڪ مهيني کان ٻن مهينن جي عرصي تائين اليڪشن ڪرائڻ ضروري آهي، ٻي صورت ۾ اهي باڊيون خودبخود ختم سمجهيون وينديون.

**اليڪشن جو طريقو:**

(الف) مدي پوري ٿيڻ کان پوءِ مرڪزي ڪائونسل اليڪشن ڪاميٽي جو اعلان ڪندي، جيڪا ضلعن جي چونڊ ڪرائيندي، اليڪشن ڪاميٽي مرڪزي باڊيءَ مان هوندي
(ب) ضلعن جي چونڊ جو پروگرام اڳواٽ پڌرو ڪيو ويندو.
(ٻ) جنهن بہ ميمبر جي في ٽن مهينن جي رهيل هوندي، ان کي ڪنهن بہ عهدي تي ويهڻ جو حق نہ هوندو.
(پ) ضلعن جي چونڊ کان پوءِ سنڌ ڪائونسل جي پهرين اجلاس ۾ مرڪزي صدر پهريائين اليڪشن ڪاميٽي کي ٽوڙيندو ۽ پوءِ مرڪزي باڊي کي ٽوڙي مرڪزي اليڪشن ڪاميٽي جو اعلان ڪندو، جيڪا مرڪزي باڊي جي چونڊ ڪرائيندي
(ڀ) مرڪزي اليڪشن ڪاميٽي جي سرپرستي مرڪزي نگران ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ت) نامينيشن فارم جي في يونٽ جي عهدي لاءِ 2 رپيا/ تعلقي لاءِ 5 رپيا/ ضلعي لاءِ 10 رپيا ۽ مرڪز جي لاءِ 20 رپيا هوندي، جيڪا سڌي مرڪز وٽ جمع ٿيندي.

**آئين ۾ ترميم:**

(الف) آئين ۾ مجوزه ترميمن جو مسودو ضلعن ڏانهن هڪ مهينو اڳ مرڪزي باڊي موڪليندي، جيئن ان تي ڀرپور تياري ٿي سگهي.

(ب) آئين ۾ ترميم سادي اڪثريت سان ڪري سگهجي ٿي.

(ڀ) ڪو به ميمبر آئين ۾ ترميم بابت تجويزون پنهنجي ضلعي باڊي معرفت مرڪزي باڊي وٽ موڪلي سگهي ٿو.

**عدم اعتماد:**

(الف) ڪنهن به عهديدار يا باڊي خلاف عدم اعتماد ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هڪ پاڱي ٽي جي اڪثريت سان اهڙي درخواست مٿين ادارن ۾ موڪلي وڃي، جنهن ۾ عدم اعتماد ڪرڻ جا سبب يا الزامن جو تفصيل لکيو وڃي. مٿين ادارن کي اهڙي درخواست ملڻ کان پوءِ واسطيدار عهديدارن يا باڊي کي مٿين لڳل الزامن جي لسٽ ڏني ويندي ۽ ان کي موقعو ڏنو ويندو ته هو پنهنجي صفائي لکت ۾ يا زباني 15 ڏينهن اندر عدم اعتماد واري اجلاس ۾ پيش ڪري سگهي ٿو. انهيءَ کان پوءِ فيصلو ڳجهي راءِ شماري ذريعي ڪيو ويندو.

(ب) عدم اعتماد جي ڪاميابي لاءِ سادي اڪثريت ضروري آهي.

(ڀ) عدم اعتماد ان اداري ۾ ٿي سگهي ٿو جيڪو ان کي چونڊڻ جو مجاز آهي.

(پ) عدم اعتماد ذريعي خالي ٿيل جاءِ ضمني اليڪشن ذريعي پري ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**گڏجاڻي:**

هر گڏجاڻي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيت سان شروع ۽ ختم ڪئي ويندي. جڏهن تہ وڏو جلسو يا ڪليل پروگرام شاهہ جي وائيءَ سان شروع ڪيو ويندو.

**جيئي سنڌ لطيف سنگت:**

لطيف سنگت جي ڏڙابنديءَ جو شڪار ٿيڻ ۽ پاڻمرادو ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ 1991ع ۾ **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** قائم تہ ڪئي وئي، پر اها **'لطيف سنگت'** جو نعم البدل نہ ٿي سگهي. سياسي سطح تي ڪجهہ سرگرميون تہ ٿيون، پر ادبي حوالي سان سرگرميون ختم ٿي ويون. اڳتي هلي آهستي آهستي تنظيم جو وجود ئي ختم ٿي ويو. **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** ٻيهر تڏهن سرگرم ٿي، جڏهن 2009ع ۾ بشير خان قريشي، محراب پور جي نوجوان **سرواڻ جوکيي** کي **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** جو صدر مقرر ڪيو. **سرواڻ جوکيي** پنهنجي وت ست آهر تنظيم سازي شروع ڪرڻ سان گڏ سياسي سرگرمين جي پڻ شروعات ڪئي. اڳتي هلي سلمان وڏو **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** سنگت جو صدر ۽ **اسد جتوئي** جنرل سيڪريٽري چونڊيا ويا. هنن ٻنهي نوجوانن پڻ **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** سرگرم ڪرڻ ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** جا يونٽ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب پڻ ويا. پر تاريخ 20 مارچ 2014ع تي **'جيئي سنڌ لطيف سنگت'** کي جو مرڪزي صدر سلمان وڏو شهيد **بشير قريشيءَ** جي پاءُ **مقصود قريشيءَ** سان گڏ شهيد ڪيو ويو تہ **لطيف سنگت** جو سرگرميون ڪجهہ قدر گهٽجي ويون. بعد ۾ جنرل سيڪريٽري **اسد جتوئي** ۽ **روپلي چوهاڻ** تنظيم جو واڳون سنڀاليون، جيڪي اجا تائين ڪم ڪري رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت:

جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت، سنڌ جي قومپرست سياسي پارٽي 'جيئي سنڌ قومپرست پارٽي' جي سهاري هيٺ 1996ع ۾ قائم ڪئي وئي. ٻارن جي هن علمي ادبي ۽ سياسي تنظيم جو پهريون صدر عبدالحسين ساريو هو، جيڪو ٽي. وي ڊراما اداڪار پڻ رهيو آهي. تنظيم جي ٻين صدرن ۾ دودو ديشي، جميل سنجراڻي، سيف الله سرگاڻي ۽ هوش محمد ڀٽي پڻ رهيا. تنظيم 1999ع ۽ 2000ع تائين هلي ۽ پوءِ بند ٿي وئي. تنظيم جو آخري صدر هوش محمد ڀٽي هو جنهن جي ٽيم ۾ خالد چنو نائب صدر، ياسر انقلابي جنرل سيڪريٽري، عبدالصمد سومرو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ محمد علي ڀٽي آفيس سيڪريٽري هئا. هوش محمد ڀٽي پنهنجي صدارت واري دور ۾ هن تنظيم کي تمام گهڻو سرگرم ڪيو ۽ سال 2000ع ۾ باڊهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٽن ڏينهن وارو ٻالڪ ميلو پڻ منعقد ڪرايو جنهن ۾ سڄي سنڌ مان ٻارن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو.

جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت جو آئين 26 نقطن تي ٻڌل هو جيڪي هيٺينءَ ريت آهن.

1. اسين سنڌ جا سيئي ٻارڙا سنڌ جي ترقي، تعمير، حقن لاءِ وڙهندا ۽ ڪم ڪندا رهنداسين.
2. سنڌ جي سيني ٻارڙن ۾ پنهنجي منڙي سنڌ سان محبت ۽ پيار جو جذبو جاڳائينداسين.
3. سنڌ جي تمام ٻارڙن ۾ اتحاد، ايڪو پيدا ڪري کين هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين.
4. سنڌ جي ٻارڙن ۾ ادب، اخلاق ۽ احترام پيدا ڪرڻ لاءِ محنت ڪري کين وڏن لاءِ عزت ۽ ننڍن لاءِ پيار ڪرڻ لاءِ تيار ڪنداسون.



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

5. سنڌي ٻارڙن کي پنهنجي ديس (سنڌ) ادب، علم ۽ ثقافت جي بچاءُ لاءِ تيار ڪنداسين.
6. سنڌي ٻارڙن ۾ قومپرستي، خودداري، خود اعتمادي، نيڪ نيتي، خلوص پيدا ڪرڻ لاءِ محنت ڪنداسين.
7. سنڌي ٻارڙن کي وڌ ۾ وڌ تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسين.
8. سنڌي ٻارڙن لاءِ پراڻو ۽ نئون ادب شايع ڪرائڻ لاءِ اشاعتي ادارا کولرائينداسين.
9. سنڌ جي انقلابي شهيدن جي جمڻ ۽ مرڻ جا ڏينهن ملهائڻ ۽ انهن جي زندگي تي ڪتاب ڇپائڻ جو بندوبست ڪنداسين.
10. سنڌي ٻارڙن لاءِ "جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت" جي هر شاخ ۾ لائبريري قائم ڪنداسين.
11. سنڌ جي شهرن ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ ٻارڙا سنگت جون شاخون کولڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسين.
12. سنڌي ٻارڙا جي جملي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنداسين.
13. جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت جي هر شاخ پاران هفتيوار ماهوار ادبي گڏجاڻيون ڪوٺائي ٻار اديبن کي پنهنجون لکڻيون پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو.
14. سنڌ جي ٻارن لاءِ وقت بوقت، مشاعرا، ادبي ڪانفرنسون، سيمينار مباحثا، تعليمي ڪانفسون ۽ ڊراما ڪرائينداسين.
15. غريب ۽ معذور يتيم ٻارن جي تعليم، روزگار ۽ هر قسم جي ڀلائي جا ڪم ڪنداسين.
16. سنڌ جي ٻارڙن کي محنت ۽ جفاڪشي سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪنداسين.
17. سنڌ جي مشهور ۽ ننڍن ٻارن لاءِ لکندڙ اديبن ۽ شاعرن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سامون ملهائڻ، رهائيون ڪرڻ.

18. سنڌي اديبن ۽ ٻاراڻي ادب کي وڌائڻ لاءِ وڏن ۽ ننڍن اديبن جون لکڻيون گهڻي تعداد ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪنداسين.

19. جيئي سنڌ ٻارڙا سنگت، جي ذهين ۽ سٺي ورڪر ٻار کي سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ڏينداسين.

20. سنڌي ٻارڙن کي سنڌ جي تاريخي جاين جو سير ڪرائينداسين.

21. سنڌي ٻارڙن کي سنڌ جي تاريخي جاين جو سير ڪرائينداسين.

22. سنڌي ٻارڙن ۾ ذهني سجاڳي لاءِ هر ڳوٺ هر شهر ۾ سنڌي ٻارڙن جي قومي راندين کي زور وٺرائينداسين.

23. سنڌ دشمن منصوبن خلاف هر وقت آواز اٿارينداسين.

24. ڪالاباغ ڊيم سنڌ دشمن منصوبو ڪنهن به صورت ۾ نه قبولينداسين.

25. سنڌي ٻارڙن ۾ لکڻ ڳالهائڻ جي جرئت پيدا ڪنداسين.

26. سنڌي ٻارڙن لاءِ قومي اخلاقي ادب پيش ڪرڻ لاءِ باتصوير ماهوار رسالي ڪڍڻ جو بندوبست ڪنداسين.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنظيمن جا سرگرم ۽ مشهور اڳواڻ

باب چوٿين جي هن حصي ۾ سنڌ جي سياسي پارٽين جي ٻارن لاءِ قائم ڪيل ذيلي تنظيمن جي سرگرم ۽ مشهور اڳواڻن جا تعارف شامل ڪيا ويا آهن. هن ڏس ۾ ان ڳالهه جو خيال رکيو ويو آهي تہ صرف انهن اڳواڻن جا تعارف شامل ڪجن، جن پنهنجن پنهنجن دورن ۾ تنظيمن اندر غير معمولي ڪم ڪيو. تنظيم سازي ڪئي ۽ سنڌ جي ٻارن کي انهن تنظيمن سان سلهاڙيو يا وري اهي اڳواڻ جن انهن تنظيمن جو بنياد وڌو. مثال طور **'لطيف سنگت'** مان 'سرور سهتي' جو تعارف ان ڪري ڏنو آهي تہ هو لطيف سنگت جو پهريون نگران مقرر ٿيو جنهن **'لطيف سنگت'** جي تنظيمي توڙي نظرياتي معاملن ۾ سرپرستي ڪئي ۽ تقريباً سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ نگران مقرر ڪيا. گڏوگڏ لطيف سنگت کي سنڌ جي ٻارڙن جي علمي-ادبي نمائنده تنظيم بڻايو. ان کان سواءِ **خدا بخش جويي، اظهار سومري** ۽ چند ٻين اڳواڻن جا تعارف شامل ڪيا ويا. جن پنهنجي دور ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو. ساڳي طرح **'سجاڳ ٻار تحريڪ'، 'ساٿي ٻارڙا سنگت'** ۽ ٻين تنظيمن جي حوالي سان پڻ ساڳيو طريقو ڪتب آڻي، تعارف شامل ڪيا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**اسد جتوئي:**

**’جيئي سنڌ لطيف سنگت‘** جي شهيد ٿيل مرڪزي صدر سلمان وڏي سان گڏ تنظيم کي فعال بنائيندڙ نوجوان **اسد جتوئي** 24 اپريل 1996ع تي ڳوٺ نوان جتوئي، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو. بعد ۾ سندن خاندان حيدرآباد لڏي آيو ۽ هن انٽر تائين جي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ اسد جتوئي جو خاندان ڪراچي شفٽ ٿي ويو. هُو هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهندڙ آهي.

اسد جتوئي، سلمان وڏي سان گڏ **’جيئي سنڌ لطيف سنگت‘** کي سرگرم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن جا دورا ڪيا ۽ اتي يونٽ قائم ڪرڻ سان گڏ ادبي ۽ سياسي سرگرميون پڻ ڪيون. هن خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ ’جيئي سنڌ لطيف سنگت‘ کي سرگرم ڪيو پر **’سلمان وڏي‘** جي شهادت کان پوءِ مرڪز پاران **’جيئي سنڌ لطيف سنگت‘** تي ڌيان نه ڏيڻ ڪري، تنظيم سميت عهديدار به غير سرگرم ٿي ويا.

**اظهار سومرو:**

ناميارو شاعر ۽ صحافي **اظهار سومرو** ٻارن جي علمي ۽ ادبي تنظيم **’لطيف سنگت‘** جو آخري مرڪزي صدر رهيو آهي. هن **’لطيف سنگت‘** جي مرڪزي صدر جي حيثيت سان نه رڳو تنظيمي سطحن تي زور ڏنو پر ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي سرگرميون پڻ منعقد ڪرايون. اظهار سومري لطيف سنگت جي مرڪزي صدر جي حيثيت سان **’سنڌ ٻالڪ قومي اتحاد‘** جي جوڙجڪ ۾ پڻ سرگرم ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ جي ٻارڙن کي ’لطيف سنگت‘ جي صورت ۾ هڪ اهم سياسي ۽ ادبي پليٽ فارم مهيا ڪيو.

**اظهار سومري** جو پورو نالو **اظهار رسول سومرو** آهي. جيڪو 4 اپريل 1973ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور سان ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حاصل ڪئي، جنهن ڪان پوءِ سندس ڪتنب حيدرآباد لڏي آيو ان ڪري هن مئٽرڪ گورنمينٽ نور محمد هاءِ اسڪول ۽ انٽر مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي. بعد ۾ هن اعليٰ تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪرڻ سميت ڊجيٽل ميڊيا آرٽس ڪاليج، فلوريڊا، آمريڪا مان پڻ ڪورس ڪيو. هن 'عبرت گروپ آف پبليڪيشن'، 'ايڪسپريس ميڊيا گروپ'، روزاني 'فيصلو' ۽ روزاني 'جيجل' اخبار سان هڪ صحافي ۽ ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو آهي. ان کان سواءِ 'اظهار سومري' نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ ۽ انڊس ويلي نيٽ ورڪ سان پڻ ڪم ڪيو آهي. هن سال 2015ع ۾ پهريون ڀيرو 'حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول' منعقد ڪرايو جيڪو سنڌ ۾ ادبي ميلن جو بنياد ثابت ٿيو.

'لطيف سنگت' ۾ صدر جي حيثيت سان سندس ڪردار انتهائي اهم رهيو آهي. سندس خدمتن کي سدائين ياد ڪيو ويندو.

**اعجاز منگي:**

ناميارو صحافي، اديب ۽ ڪالم نگار اعجاز منگي، ٻارن جي علمي، ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ قائم ڪيل تنظيم 'ساٿي ٻارڙا سنگت' جو سال 1983ع کان 1984ع تائين سرپرست اعليٰ رهيو آهي. ان کان سواءِ مجموعي طور تي 'ساٿي ٻارڙا سنگ' جي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ جي پويان اعجاز منگيءَ جي دلچسپي ۽ محنت جو هٿ هو. اعجاز منگي سال 2007ع ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو تہ هن ادبي بورڊ جي ٻين اشاعتي سلسلن سان گڏ ماهوار 'گل ڦل' تي پڻ وڌو ڌيان ڏنو ۽ هڪ ايڊيٽوريل بورڊ قائم ڪري، معياري مواد جي اشاعت تي زور ڏنو.

اعجاز ولد نجم الدين منگي 12 آڪٽوبر 1965ع تي شڪارپور شهر ۾ ڄائو. هن پرائمريءَ کان وٺي انٽر تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي، جنهن بعد ايم اي انگريزيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

اعجاز منگي پنهنجي صحافتي ڪيريئر جي شروعات روزاني 'سنڌ نيوز' کان ڪئي، جنهن کان پوءِ ايڊيٽر، صحافي ۽ ڪالم نگار جي حيثيت سان سنڌي توڙي اردوءَ جي ڪيترين ئي اخبارن سان لاڳاپيل رهيو آهي.

اعجاز منگي هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ مختلف اخبارن لاءِ ڪالم لکي رهيو آهي.

## خدا بخش جويو:

خدا بخش جويو 1981ع ۾ 'لطيف سنگت' جو پهريون مرڪزي آرگنائيزر چونڊيو ويو جنهن ٻن مهينن اندر ڳوٺن، شهرن ۽ وستين ۽ واهڻن ۾ 'لطيف سنگت' جا يونٽ قائم ڪيا ۽ سنڌي ٻارڙن کي هڪ علمي ادبي پليٽ فارم مهيا ڪري ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

هو 5 – جون 1981ع تائين 'لطيف سنگت' جي باقاعدي پهرين مرڪزي چونڊن تائين 'لطيف سنگت' جو مرڪزي آرگنائيزر رهيو. چونڊن کان اڳ ۾ مرڪزي آرگنائيزر خدا بخش جويي کي آجياڻو ڏنو ويو جنهن جي صدارت سائين جي ايم سيد ڪئي. ان موقعي تي خدا بخش جويو جذباتي ٿي ويو ۽ تقرير ڪري نه سگهيو. خدا بخش جويي ٻارن لاءِ شاعري پڻ ڪئي، جڏهن ته سنڌس ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون 'چڻنگ' رسالي ۾ پڻ شايع ٿينديون هيون. خدا بخش 1982ع کان 1985ع تائين روزاني 'مهراڻ' جي هفتيوار ٻاراڻي صفحي 'مهراڻ جا موتيءَ' جو انچارج رهيو. ان دوران هن سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارن کي علم ۽ ادب لاءِ اتساهيو.

خدا بخش ولد محمد موسيٰ جويو 13 آگسٽ 1960ع تي، سن ضلعي ڄامشوري ۾ پيدا ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم سن مان، انٽر سيوهڻ ۽ بي اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي. ننڍي هوندي کان ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي، سماجي ۽ ادبي ڪمن ۾ اڳيرو رهيو. خدا بخش جويي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ صحافي طور پڻ ڪم ڪيو. خدابخش جويو 1986ع کان 1997ع تائين شمس العلماءُ عمر بن محمد دائودپوٽا لائبرريءَ ۾ ڪيليگرافر پڻ رهيو جنهن دوران هن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو لوگو پڻ ٺاهيو. 2001ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ سوڀارو ٿي، خدا بخش جويو تعلقي ڪونسل ٽڙيءَ جو ناظم پڻ چونڊيو ويو. هن وقت سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري آهي.

## خير محمد 'عاشق' سولنگي:

ناميارا سياسي اڳواڻ عاشق سولنگيءَ جو پورو نالو خير محمد سولنگي آهي، جيڪو 'ترقي پسند لطيف ٻالڪ سنگت' سنڌ جو نه رڳو پهريون نگران مقرر ڪيو ويو پر عاشق سولنگي شروع کان وٺي آخر تائين 'سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ' جي ٻارڙن جي ذيلي تنظيم کي سنڀاليندو ۽ رڪارڊ ٺاهيندو رهيو آهي. عبوري باڊيون جوڙڻ، نوجوانن کي اتساهڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ تنظيم سازي ۽ ميمبرشپ جا ڪم عاشق سولنگيءَ جي نگرانيءَ هيٺ ٿيندا رهيا آهن.

عاشق سولنگي 3 مارچ 1950ع تي تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ اِپيور ۾ ڄائو. سندس تعليم ڇهه درجا آهن. جڏهن ته هن موسيقيءَ ۾ پڻ ڊپلوما ڪئي آهي. هن سياست جي شروعات 1968ع ۾ پيپلز پارٽيءَ کان ڪئي، جڏهن ته 1980ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي ميمبر جي حيثيت سان هن قومي تحريڪ ۾ حصو ورتو. هو جيئي سنڌ محاذ ترقي پسند ونگ جي آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي ميمبر ٿيڻ سان گڏ سنڌ ترقي پسند محاذ جو مرڪزي صدر ۽ جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جو بنيادي اڳواڻ پڻ رهيو. 'ترقي پسند لطيف ٻالڪ سنگت' جي نگران جي حيثيت سان هن مرڪزي باڊيءَ جي تربيت سان گڏ ٻارن جي علمي ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ، ٻارن کي رسالا ۽ ڪتاب پڙهائڻ، ضلعن اندر

نگرانن معرفت هاءِ اسڪولن ۾ يونٽ قائم ڪرڻ، سنگت جون چونڊون ڪرائڻ، آئين مطابق اجلاس ڪوٺائڻ ۽ ٻين امڙن ڪمن ۾ رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪندو رهيو.

عاشق سولنگي هن وقت 'سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ' جو پريس ترجمان آهي.

**سروڻ جوکيو:**

هڪ وڏي عرصي کان وٺي 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' غير فعال رهندي پئي آئي تہ سال 2009ع ۾ محرابپور جي هن نوجوان سروڻ جوکيي، شهيد بشير خان قريشيءَ کي گذارش ڪري، 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' کي ٻيهر فعال ڪرڻ جو زور پريو. شهيد بشير قريشي سندس خواهش تي 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' کي هڪ دفعو ٻيهر سرگرم ڪرڻ جي لاءِ سروڻ جوکيي کي صدر ۽ مختيار چاڪرانيءَ کي آرگنائيزر مقرر ڪيو. سروڻ جوکيي سنڌ جي اٺن کان ڏهن ضلعن ۾ لطيف سنگت جا يونٽ قائم ڪرڻ سان گڏ تعلقن ۽ ضلعن تي پڻ باڊي جوڙيون. 2012ع ۾ بشير خان قريشيءَ جي شهادت کان پوءِ سروڻ جوکيي تنظيم تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ سلمان وڏي کي 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' جو صدر مقرر ڪيو ويو جيڪو شهيد بشير قريشيءَ جي پٽ صنعان قريشيءَ جو ويجهو دوست چيو پئي ويو.

سروڻ جوکيي جو اصل نالو محمد جمن جوکيو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي ڄاتو ۽ اديب ڊاڪٽر الطاف جوکيي جو پٽ آهي. سروڻ جوکيو 01 سيپٽمبر 1995ع تي محرابپور ۾ ڄائو. پرائمري کان وٺي انٽر تائين تعليم محرابپور مان حاصل ڪيائين، جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ مان ماسٽرس ڪيائين. هن وقت محراب پور ۾ رهندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**سرور سهتو:**

ناميارو سياسي اڳواڻ ۽ وڪيل سرور سهتو ٻارڙن جي علمي- ادبي تنظيم 'لطيف سنگت' جو 1981ع ۾ نگران مقرر ٿيو جيڪو آخر تائين تنظيم جو نگران ٿي رهيو. هن 'لطيف سنگت' جي تنظيمي توڙي نظرياتي معاملن جي سرپرستي ڪئي. هن سنڌ جي تقريبن سمورن ضلعن ۾ 'ضلعي نگران' مقرر ڪيا ۽ لطيف سنگت کي سنڌ جي ٻارڙن علمي ادبي - نمائنده تنظيم بڻايو.

سرور سهتو 1 فيبروري 1939ع تي ڳوٺ ٻُڍڪ سهتي، تعلقي ڪنڊياري ۽ ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ٻُڍڪ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئٽرڪ ڪنڊياري هاءِ اسڪول مان ڪيائين. بعد ۾ انٽر ۽ بي. اي جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪرڻ کان پوءِ ايم. اي سنڌي ادب ۾ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري مان ڪيائين. ان کان پوءِ ايل. ايل. بي لا ڪاليج لاڙڪاڻي ۽ فزيڪل ايجوڪيشن ۾ ڊپلوما ڪراچيءَ مان ڪيائين.

1980ع ۾ سرور سهتي کي جيئي سنڌ محاذ پاران ٻارڙن جي علمي ادبي تنظيم 'لطيف سنگت' جي قيام جي ذميواري سونپي وئي، جيڪا هُن بخوبي نڀائي. هُو سڄي زندگي جيئي سنڌ محاذ سان لاڳاپيل رهيو ۽ هن وقت بہ وقت جيئي سنڌ محاذ (سهتو) جو چيئرمئن آهي.

نوڪريءَ جي حوالي سان سرور سهتو پهرين فزيڪل ٽريننگ انسٽرڪٽر ۽ بعد ۾ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد ۾ ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن رهيو. 1988ع ۾ رٽائر ڪرڻ کان پوءِ هُو قومي تحريڪ ۾ سرگرم اڳواڻ طور ڪم ڪندو رهيو.

**سلمان وڏو:**

'جيئي سنڌ لطيف سنگت' جو مرڪزي صدر رهندڙ سلمان وڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

22 آڪٽوبر 1992ع تي جمع ڳوٺ (ڪراچيءَ) ۾ مير محمد وڏي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل ڳوٺ ضلعي شڪارپور جي تعلقي ڳڙهي ياسين لڳ قائم خان وڏو آهي. سلمان وڏي شروعاتي تعليم وائيٽ روز پبلڪ اسڪول ڪراچيءَ مان، مئٽرڪ پبلڪ اسڪول بلاول ڪالوني ۾ انٽر اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان ڪئي.

سلمان وڏي سياست جي شروعات 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' کان تڏهن ڪئي، جڏهن بشير خان قريشيءَ جي شهادت کان پوءِ 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' جي صدر سرواڻ جوکيي تنظيم تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. سلمان وڏي 'جيئي سنڌ لطيف سنگت' کي فعال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪراچيءَ سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تنظيم جا يونٽ قائم ڪيا. ساڻس گڏ جنرل سيڪريٽري طور اسد جتوئي ڪم ڪري رهيو هو ته 20 مارچ 2014ع تي مقصود قريشيءَ سان گڏ سلمان وڏي کي پر اسرار نموني گاڏيءَ ۾ باهه ڏئي، ساڙي شهيد ڪيو ويو. سلمان وڏو سياسي پارٽين جي ٻارن جي ذيلي تنظيمن جو پهريون شهيد اڳواڻ آهي، جنهن ننڍڙي عمر ۾ سياسي سرگرمين دوران پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو.

## شفيق ڪانڌڙو:

شفيق ڪانڌڙو 1998ع ۾ 'سجاڳ ٻار تحريڪ' جو مرڪزي صدر رهيو آهي. ان کان سواءِ هن ٻارن جي غير سرڪاري اداري اسپارڪ (SPARC) سميت ٻين مختلف فورمن تي سدائين سنڌ جي ٻارڙن جي علمي-ادبي اوسر سان گڏوگڏ ٻارن جي حقن ۽ انهن جي تعليم جي حصول جي سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. شفيق ڪانڌڙو 01 سيپٽمبر 1977ع تي نصير آباد، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن پرائمري تعليم کان وٺي انٽر تائين تعليم نصير آباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته اعليٰ تعليم جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ هن سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊي ڄام مان ڊگري حاصل ڪئي. بعد ۾ هي ترقياتي شعبي سان وابسته ٿيو ۽ هن وقت تائين مختلف ادارن سان گڏ ٻارن جي حقن ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

## محمد عثمان ڪنير:

عثمان ڪنير **'ترقي پسند لطيف سنگت'** جو سال 2_2001ع دوران مرڪزي صدر رهيو آهي. هن پنهنجي دور ۾ تنظيم جا سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ يونٽ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ تنظيم کي ڪنهن حد تائين متحرڪ ڪيو. ان کان اڳ عثمان ڪنير **'سجاڳ ٻار تحريڪ'** جي ڳوٺ عالم آباد جي يونٽ جو صدر پڻ رهي چڪو آهي.

**عثمان ڪنير** 3 مارچ 1985ع تي ڳوٺ عالم آباد، لڳ کپرو ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پرائمري ۽ مئٽرڪ جي تعليم هن پنهنجي ڳوٺ عالم آباد مان ئي حاصل ڪئي. جڏهن ته انٽر ڊگري ڪاليج کپرو مان ڪيائين. هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندڙ آهي.

## ناز سنائي:

ناميارو اديب، نقاد ۽ پبلشر **ناز سنائيءَ** جو سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌ ويجهه ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هن 1973ع ۾ **'چٽنگ سنگت، سنڌ'** نالي سان ٻارن جي عملي، ادبي ۽ سياسي آبياريءَ لاءِ تنظيم قائم ڪئي. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو **'چٽنگ سنگت، سنڌ'**) ناز سنائي چٽنگ پبليڪيشن نالي سان ٻارن جو ڪتابي سلسلو پڻ شروع ڪيو جنهن جا 25 پرچا شايع ڪيا. ان کان سواءِ هن تحريري چٽاپيٽين تي ٻڌل پنج ڪتاب تيار ڪرايا، جن ۾ (1) **وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس** (2) **لطيف: قومي شاعر** (3) **هڪ ڏينهن جي بادشاهي ملي ته...** (4) **مون ڪيئن عيد ڪئي** (5) **وڏي ۾ وڏي تمنا اٿم ته...** شامل آهن. انهن ڪتابن مان چار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب شايع ٿيا. جڏهن تہ پنجين ڪتاب جي اشاعت کان اڳ تنظيم ۽ ڪتابي سلسلي تي پابندي لڳي وئي ۽ تنظيم جي سربراهہ نازسنائيءَ کي جيل اماڻيو ويو. سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ ۾ اهو پهريون واقعو هو جو ڪنهن ٻاراڻي تنظيم ۽ ٻاراڻي اشاعتي سلسلي تي حڪومتي پابندي لڳائي وئي هجي. بعد ۾ **ناز سنائي** 1991ع ڌاري حيدرآباد مان ٻارن جو مشهور علمي ادبي رسالو 'گلستان' جاري ڪيو. (**وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ماهوار 'گلستان'**) هن رسالي جي پليٽ فارم تان **ناز سنائي** ڪيترن ئي نوجوانن کي علم ۽ ادب سان چاهہ پيدا ڪرڻ جو اتساهہ ڏنو.

**ناز سنائيءَ** جو اصل نالو محمد عثمان ميمڻ ولد محمد خان ميمڻ آهي. جيڪو 2 آڪٽوبر 1959ع تي، مانجهند، تعلقي ڪوٽڙي، ضلعي دادو (هاڻو ڪي ضلعي ڄامشوري) ۾ ڄائو. پرائمريءَ کان مئٽرڪ تائين جي تعليم سن شهر مان حاصل ڪيائين. انٽر ۽ بي اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين. ناز سنائي، ٽِڙنگ کان سواءِ 'سومل'، 'گلستان' ۽ '**ڪينجهر**' جو پبلشر ۽ ايڊيٽر بہ آهي. ان کان سواءِ سنڌي ساهت گهر، منصور پبلشنگ ايجنسي، سنڌ تحقيقي بورڊ ۽ جي ايم سيد اڪيڊميءَ جو باني چيئرمئن آهي. هنن اشاعتي ادارن جي پليٽ فارم تان نازسنائي ٻارن جي ڪتابن سميت ٻيا لاتعداد ڪتاب شايع ڪرايا آهن. سنڌس ويهن کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ستون

# ناٽڪ منڊليون، اسٽيج ۽ ريڊيائي ناٽڪ، ٽيبلوز ۽ خاڪا

سنڌيءَ ۾ لکيل ناٽڪن جا ڪيترائي موضوع ۽ قسم آهن، پر ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جا موضوع گهڻو ڪري مزاحيه ۽ اصلاحي رهيا آهن. اها حقيقت آهي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ناٽڪن تي ڪم رڳو هندستان ۾ ٿيو آهي، ۽ هندستان ۾ ڇپيل ڪيترائي اهڙا حوالاجاتي ۽ تحقيقي ڪتاب ميسر آهن، جن کي آڌو رکي ناٽڪن جي ارتقا جو ڇيد ڪري سگهجي ٿو پر ان ڏس ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي ناٽڪن واري صورتحال ڪجهه مختلف آهي. هن موضوع تي ڪم ڪندي، جڏهن مون سنڌي ادب جون مختلف تاريخون ڦلورڻ شروع ڪيون ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ مختلف ناٽڪ منڊلين ٻاران پيش ڪيل ۽ ڪتابي صورتن ۾ شايع ٿيل ناٽڪن بابت ڪيترائي مونجهارا سامهون آيا، مثال طور: ڇا سمورا ننڍا ۽ مزاحيه، نصيحت آموز ۽ اصلاحي ناٽڪ ٻارن لاءِ هئا؟ ڇا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ برپا ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽين جا ناٽڪ ٻارن لاءِ ئي پيش ڪيا ويندا هئا؟ اهي ساڳيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونجھارا سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تاريخ تي ڪم ڪندي به منهنجي سامهون پيئي آيا آهن. پر ناٽڪن جي سلسلي ۾ اڃا به مونجھارا درپيش آهن. وڏيءَ ڪوشش جي باوجود مون کي انهن ناٽڪن جو متن (Contents) نه ملي سگهيو آهي. البته هتي مون وڏي احتياط کان ڪم ورتو آهي ۽ ليکڪن، موضوعن ۽ ڪردارن تو ڙي پيش ڪارن کي سامهون رکي مون انهن تي تجزيو ڪيو آهي. جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو.

1894ع ۾ سنڌ ۾ پهرين سنڌي ناٽڪ منڊلي 'ڏيارام ڄيٺمل سنڌ **ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي**' قائم ٿي ۽ ناٽڪن جي لکجڻ ۽ پيش ڪرڻ جو سلسلو باقاعدي شروع ٿيو. شروعاتي سالن ۾ جيتوڻيڪ هن ناٽڪ منڊلي باقاعدي ٻارن لاءِ ڪو خاص ناٽڪ نه پيش ڪيو (۽ نه ئي شايد لکيو ويو). پر مرزا قليچ بيگ جي مزاحيه ننڍن ناٽڪن: '**لوڀي ۽ ٺوڳي**' (1894). '**نيم حڪيم خطره جان**' (1897). '**شيخ چلي ۽ اگهڻ مسخرو**' (1899) وغيره جي نالن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو ته اهي وڏن سان گڏ ٻارڙن لاءِ دلچسپ هوندا هئا. بعد ۾ هن ئي ناٽڪ منڊلي پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ باقاعدي ناٽڪ '**سنگ جو پرسنگ**' پيش ڪيو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم **ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ** 1905 لکيو ۽ ساڳئي سال پيش ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ هي پهريون ناٽڪ هو. جنهن ۾ اسڪولي ڇوڪرن کي سٺي سنگت رکڻ لاءِ نصيحت ٿيل هئي. هيءُ ناٽڪ بعد ۾ اسڪولي شاگرد پنهنجي اسڪولن ۾ ڪندا هئا.

**ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي**، سنڌيءَ جو اهو عالم آهي. جنهن مون کي، سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب تي تحقيق دوران بيحد متاثر ڪيو آهي. 1853ع ۾ عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي جن عالمن ۽ اڪابرن سنڌيءَ ۾ مختلف موضوع تي بنيادي ڪم ڪيو تن ۾ ديوان ڪوڙي مل جو نالو ته هونءَ ئي اڳيان اڳيان هو پر گڏوگڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ديوان صاحب ئي اهو پهريون شخص هو جنهن ٻارن لاءِ سڀ کان پهريان اصلوڪا ڪهاڻين ۽ شعرن جا ڪتاب لکيا. ساڳيءَ طرح اهو ديوان ڪوڙو مل چندن مل کلڻاڻي ئي هو جنهن سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ پهريون ناٽڪ 1905ع ۾ 'سنگ جو پرسنگ' لکيو.

هي اهو دور هو جنهن ۾ سنڌ اندر ناٽڪ جي اوسر ٿي ۽ سنڌ ۾ ڪيترين ئي ناٽڪ منڊلين قائم ٿيڻ لڳيون. اڪثر ناٽڪ منڊليون سنڌ جي ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ قائم ٿيون، جن ۾ شاگرد ئي حصو وٺندا هئا. انهن ناٽڪ منڊلين ۾ پيش ٿيندڙ ناٽڪن جي موضوعن ۽ ڪيفيت کي ڏسبو ته اهي هڪ ئي وقت وڏن ۽ ٻارن لاءِ دلچسپي ۽ سکيا جو باعث هئا. ڊرامي ناٽڪن کي ڇڏي، اڪثر ناٽڪن جا موضوع سماجي يعني سماجي برائين کان بچڻ، سٺي دوستي رکڻ، تعليم پڪيرڻ، قرض جي مرض کان بچڻ وغيره جهڙا هوندا هئا، جڏهن ته انهن ناٽڪن جا اداڪار به سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد هوندا هئا، ان ڪري اهي ٻارن لاءِ وندر ۽ سکيا جو سبب هوندا هئا.

هتي، سنڌ اندر قائم ٿيل انهن ناٽڪ منڊلين جو تفصيل پيش ڪجي ٿو جن گهٽي ياگهي ٻارن لاءِ ناٽڪ پيش ڪيا.

### ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي:

ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ پاران 1908ع ۾ پيش ڪرايل مرزا قليچ بيگ جو ناٽڪ **'گشت ڪي ڪشٽ'** ۽ ليلارامسنگ وطڻمل جا به ناٽڪ **'شاهه عادل خان'** ۽ **'لوبي لاڪيٽا'** پڻ اصلوڪا ننڍا ناٽڪ هئا، جي شاگردن ۾ گهڻا مقبول ٿيا. اهڙيءَ ريت مرزا قليچ بيگ جا 1911ع ۾ **'حرڪت ۾ برڪت'** 1915ع ۾ **'شهزادو بهرام'** ۽ **'پرهيز جي ڏولي'** پڻ ساڳي ناٽڪ منڊلي، ڪراچيءَ وارن پيش ڪيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي ٻارن سان گڏ وڏن لاءِ سکيا ۽ ونڊر جو سامان هئا. اهڙيءَ ريت ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ پاران پيش ڪيل ناٽڪن ۾ خاص طور تي ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ 'سنگ جو پرسنگ' ئي پيش ڪيو ويو جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيل مرزا قليچ بيگ ۽ ليلارامسنگ وطنمل جا ننڍا، مزاحيه ۽ اصلاحي ناٽڪ پڻ ٻارن لاءِ ونڊر ۽ سکيا جو ذريعو هئا.

## نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي:

سال 1919ع ۾ سنڌ جي برک عالم ۽ اديب لعل چند امرڏني مل 'نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي' ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي، جنهن پاران ساڳئي ئي سال لعل چند جو ديس جي آزاديءَ تي لکيل پنهنجو ئي ڊرامو 'ڀارت ڇاوا اٿي جاڳ' اسڪول جي ٻارن پيش ڪيو جنهن مان ٿيل آمدنيءَ کي اسڪول جي غريب ٻارن جي ڀلائيءَ تي خرچ ڪيو ويو.[3] هي ناٽڪ وڏن اسڪولي شاگردن لاءِ هڪ اتساهي ناٽڪ هو. ان دوران، ٻارن جي هڪ اهم ناٽڪ منڊلي 'آس جي ٽولي' ساڌو هيرانند اڪيڊمي اسڪول (موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر ا، حيدرآباد) جي شاگردن 1920ع ۾ قائم ڪئي. هيءَ ناٽڪ منڊلي پنهنجي ساليانی اسڪول تقريبن ۽ ٻين موقعن تي راٽي باغ ۾ اصلاحي ناٽڪ پيش ڪندي هئي.

## نوونديالا هاءِ اسڪول آس جي ٽولي:

مٿئين اسڪول جي شاگردن سان رِيس ڪندي ساڳئي سال يعني 1920ع ۾ ئي ديوان پريداس شيوڪرام نوونديالا هاءِ اسڪول (بعد ۾ ماڊل هاءِ اسڪول، اولڊ ڪئمپس، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد ۾ هاڻي

---

[3] هي ڊرامو 1905ع ۾ پهريون ڀيرو لعل چند امرڏني مل 'بندي ماترم ناٽڪ منڊلي جي پليٽ فارم' تان پيش ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هاءِ اسڪول) پاران **’نوديالا هاءِ اسڪول آس جي ٽولي‘** نالي هڪ ناٽڪ منڊلي برپا ڪئي وئي. هيءَ ناٽڪ منڊلي پڻ اڪثر ڪري راڻي باغ ۾ اسڪول جي ساليانن جلسن ۽ تقريبن ۾ اصلاحي ۽ مزاحيہ ناٽڪ پيش ڪندي هئي.

### شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي:

1927ع ۾ شاهاڻي اسڪول ڪراچيءَ جي شاگردن جي هڪ ناٽڪ منڊلي **’شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي‘** قائم ڪئي، جيڪا پنهنجي اسڪول ۾ مختلف ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هن ناٽڪ منڊليءَ جي پيش ڪيل ناٽڪن جو هدايتڪار اڪثر ڪري **پروفيسر منگهارام ملڪاڻي** هوندو هو. **’ٽي پارٽي‘** نالي ناٽڪ مزاحيہ ناٽڪ هو جيڪو اسڪولي شاگردن ۾ گهڻو مقبول ويو.

### اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپورخاص:

1939ع ۾ ميرپور خاص مدرسي ۾ **’اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپورخاص‘** قائم ٿي، جيڪا **’تعليم پڪيڙيو تحريڪ‘** جي سلسلي ۾ اصلاحي ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هنن ناٽڪ منڊلين سان گڏ سنڌ جي ٻين بہ ڪيترن ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون، جن ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جا ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا. هتي هن ڳالهہ کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اهو ضروري نہ آهي تہ اسڪولن ۾ قائم ٻارن جون ناٽڪ منڊليون رڳو ٻارن جي ئي نفسيات کي آڏو رکي ناٽڪ پيش ڪنديون هيون، انهن جي پيش ڪيل ناٽڪن ۾ ڪيترائي سماجي موضوعن وارا وڏا ناٽڪ بہ اچي وڃن ٿا، پر ان ڳالهہ کي بہ رد نٿو ڪري سگهجي تہ اسڪولي ٻارن جا پيش ڪيل ناٽڪ ساڳئي وقت ٻارن لاءِ بہ دلچسپي ۽ سکيا جو ڪارڻ هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻارن لاءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپيل ناٽڪ:

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ باقاعدي ناٽڪ جيڪو ڇپيل صورت ۾ ملي ٿو اهو آهي **"فسادي ڦوڪٽو"**. هي ناٽڪ ٻارن لاءِ ڪلائينڊز ۾ مزاحيہ ناٽڪ هو جيڪو ڇيتانند ناگراڻيءَ جو لکيل هو. ٻارن لاءِ لکيل اهو زبردست ناٽڪ 1933ع ۾ ڪوڙي مل ساهت منڊل پاران ڇٺن ناٽڪن جي مجموعي **'چار ڇهڇتا'** ۾ ڇپيل آهي. هي ناٽڪ باقاعدي ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکي لکيو ويو. اهڙيءَ ريت 1931ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو **'سنڌ ڪاليج مسلني'** ۾ ڇپيل ناٽڪ **'ناخلف'** جيتوڻيڪ سڌي ريت ٻارن لاءِ ڪو مزاحيہ ناٽڪ نہ هو پر ان جو مقصد اهوئي هو تہ وڏن کي پنهنجي اولاد کي زبردستي پنهنجي اباڻي ڌنڌي ۾ نہ لڳائڻ گهرجي، پر سندن چاهہ ۽ اهليت موجب پنهنجو آئيندو ڏاهڻ جو موقعو ڏجي. ساڳي طرح **'اين جي وي هاءِ اسڪول مخزن'** ۾ 1937ع ۾ ڇپيل ناٽڪ **'پريت جي ريت'** پڻ اسڪولي ٻارن اسٽيج ڪيو جيڪو پڻ ٻارن لاءِ نصيحت آموز ناٽڪ ليکيو وڃي ٿو.

1939ع ۾ **سندر ساهتيہ منڊل**[4] پاران ست ننڍن ناٽڪن جو مجموعو **'انڊلٺ'** ڇپيو. جيتوڻيڪ ادبي تاريخن جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ اهو سڌيءَ ريت ڄاڻايل نہ آهي تہ اهي ست ئي ناٽڪ خالص ٻارن لاءِ هئا، پر مون کي اهو اندازو آهي تہ اهي ٻارن لاءِ ئي هئا. ان لاءِ دليل اهو پيش

[4] ٻارن جي ادب جي واڌاري جي سلسلي ۾ "سندر ساهتيہ منڊل" نالي هي اشاعتي ادارو ميلارام منگترام واسواڻي 1925ع ۾ قائم ڪيو. هي ادارو سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جو پهريون اشاعتي ادارو آهي، جنهن باقاعدي ٻارن جا ڪتابڙا شايع ڪيا. مسٽر ميلارام منگترام واسواڻي، نہ صرف هين اديبن، عالمن کان ٻارن لاءِ ڪتاب لکائي، هن اداري پاران شايع ڪندو هو پر پاڻ بہ ٻارن لاءِ ڪيترا ڪتاب لکيا. (ميلارام بابت ڊاڪٽر الانا صاحب جي راءِ مختلف آهي، جنهن لاءِ 'سنڌي نثر جي تاريخ' ڪتاب ڏسي سگهجي ٿو.)



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجي ٿو تہ ’سندر ساهتيہ منڊل‘ جهڙو اشاعتي ادارو قائم ٿي ٻارن جي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪيو ويو هو جڏهن تہ ميلارام واسواڻيءَ پاڻ هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو جنهن ۾ ننڍين ناٽڪن جي ٻولي ۾ پيشڪش تي وڏو بحث ٿيل آهي. ان کان سواءِ هن مجموعي ۾ **ڪشنچند بيوس ۽ جيٺانند ناگراڻيءَ جا ناٽڪ ’جگري قرباني، پوڙهي جو پرڻو گامٽو بئريسٽر، آنرري مئجسٽريٽ‘** ۽ بيا شامل آهن. جن جي ليکڪن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي ٻارن لاءِ ئي لکيل هئا. 1940ع ۾ بہ سندر ساهتيہ منڊل پاران ڏرمي ناٽڪن جو هڪ مجموعو **’رنگ برنگي کيل‘** شايع ڪرايو ويو جنهن ۾ پڻ ڪشنچند بيوس ۽ هوند راج دکايل جا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيل هئا. اندازو آهي تہ اهي بہ ٻارن لاءِ ئي هئا. هن دوران (يعني ورهاڱي تائين) جيٺانند ناگراڻيءَ جا **’گامٽو سلسلي‘** جا ڪيترائي بيا ناٽڪ ان دور جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيا. جيڪي پڻ ٻارن لاءِ لکيل ڀانئجن ٿا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ لکي ٿو تہ:

> ”هن دور ۾ ’جيٺانند ناگراڻيءَ‘ جا گامٽو سلسلي وارا بيا بہ گهڻائي اصلوڪا ننڍا ڪلائيمڊز ناٽڪ. مثلاً ’گامٽو ايڊيٽر‘، ’گامٽو ڊاڪٽر‘، ’گامٽو M. L. A‘، ’گامٽو فلم ڪمپني‘، ’گامٽو گهوٽ‘ وغيره جدا جدا اخبارن ۾ پوندا هئا. جي لکندڙ پاڻ ڪري ڊيڪاريندو هو ۽ منجهن رام پنجواڻيءَ سان جوڙيدار ٿي، مکيہ پارٽ پڻ بخوبي ادا ڪندو هو. هن سيني ۾ پنگتي اوٺاين تي مسخري گاڏڙ ٺٺولي هوندي هئي، پر منجهن مذاق جيڪا پريل هوندي هئي، سا ڌري ۾ نازڪ نہ هوندي هئي...“[5]

---

[5] ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر، سنڌي نثر جي تاريخ، ص 175 ۽ 176، ڇاپو ٽيون، جولاءِ 2007، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منگھارام ملڪاڻيءَ جي هن عبارت مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي ناٽڪ پڻ ٻارن لاءِ دلچسپي خاطر لکيا ويا، جڏهن تہ ٻارن سان گڏ وڏا بہ انهن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. هن سلسلي جي سمورن ناٽڪن کي 1942ع ۾ **'ڏي جي ڪاليج سرسوتي منڊل'** وارن اسٽيج ڪيو.

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ، جتي مجموعي طور سنڌي ادب کي ڌڪ رسيو اتي ٻاراڻي ادب کي تہ ويتر وڏو نقصان پهتو. **دادا شيوڪ ڀوڄراج، ميلا رام منگترام واسواڻي، بهاري لال هريرام ڇاٻڙيا، آر.وي ٿڌاڻي، جيٺانند ناگراڻي** ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ ٻيا اديب ۽ ناٽڪ پيش ڪندڙ پارٽيون لڏي ويا. ان ڪري ٻاراڻي ادب جي ٻين صنفن سان گڏ **'ٻارن جا ناٽڪ'** بہ جڻ تہ لکجڻ ۽ اسٽيج ٿيڻ جهڙوڪر بند ٿي ويا. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن لاءِ مخصوص ناٽڪ نٿا ملن، پر **'زرعي ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي'** (هاڻي سنڌ زرعي يونيورسٽي) ٽنڊي ڄام ۽ 'سچل آرٽس ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ' جي شاگردن جي کيل ڪجھ ڊرامن ۾ محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو **'ڊزن ڊائلاگ'** (1953)، محمد دائود تاج جو **'اهيئي پنج'** (1958)، غالب لطيف جو **'ڪامياب ڪُوڙو'** (1960ع)، عبدالحق ابڙي جو **'هاءِ پيري'** (1964)، محمد يوسف پنهور جو **'گويو اعظم'** (1965)، قاسم فانيءَ جا بہ ناٽڪ **'دولتمند ٺڳ ۽ ڪُتل ڪاتو'** (1965) ۽ ٻيا شامل آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻارن لاءِ ناٽڪن لکجڻ ۽ پيش ٿيڻ جو دور جڻ تہ ختم ٿي ويو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ٻالڪ ٻارين، تنظيمن، بزمن ۽ هفتيوار اخباري جي هڪ لهر پيدا ٿي، جيڪا هڪ باقاعدي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري وئي. ناٽڪ منڊلين ۽ ٻارن جا ناٽڪ تہ هونءَ ئي ورهاڱي سان گڏ هندستان منتقل ٿي ويا، پر هاڻي ناٽڪن جي جاءِ خاڪن ۽ ٽيبلوز پري ورتي. غلام مرتضيٰ پٺي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقبول پٽيءَ جي 'بزم گلستان'، روزاني عبرت اخبار جي هفتيوار ٻارن جي ادبي صفحي 'ٻارن جي ٻاري'، روزاني هلال پاڪستان جي ٻارن جي صفحي 'گلن جهڙا ٻارڙا'، روزاني خادم وطن جي هفتيوار ٻارن جي ادبي صفحي 'ڦلواڙي' اياز پاتوليءَ جي 'اداره گلشن ادب ۽ بزم گلشن سنڌ'، **چٽنگ سنگت، لطيف سنگت، ساٿي ٻارڙا سنگت، سجاڳ ٻار تحريڪ** ۽ ٻارن جي ٻين تنظيمن، رسالن ۽ اخباري صفحن پاران سڄيءَ سنڌ ۾ ٻارن جي ميلن، ڪنوينشنن ۽ ساليانن پروگرامن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو جن ۾ ننڍا ننڍا خاڪا (ناٽڪ نتو چئي سگهجي) پيش ڪيا ويندا رهيا. هنن خاڪن ۾ ٻارن توڙي وڏن جي مسئلن جي اپٽار ڪيل هوندي هئي. گهڻو ڪري انهن جا موضوع ورهاڱي کان اڳ وارا ساڳيا، يعني مزاحيہ ڪلائيمڊڙ ۽ نصيحت آموز هوندا هئا. هي سلسلو اڄا تائين جاري آهي، پر موجوده دور ۾ خاڪن جي جاءِ تي ٽيبلوز اچي ويا آهن، جن ۾ اداڪاريءَ سان گڏ رقص ۽ موسيقيءَ جا عنصر ملي، انهن کي وڌيڪ دلچسپ ڪندا آهن. موجوده دور ۾ سنڌي توڙي اردوءَ ۾ ڪيترائي اهڙا گيت ۽ نظم آهن، جيڪي خود هڪ ناٽڪ/ ڪهاڻي آهن. ان ڪري ٻار جڏهن انهن کي ٽيبلو جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن تہ اهو ٽيبلو سان گڏ ناٽڪ بہ ٿي پوندو آهي. اهڙن گيتن / نظمن ۾ موتي پرڪاش جو گيت **'مٽيءَ مان سون بڻائڻ وارا سنڌي'** ۽ فيض احمد فيض جو نظم **'هم ديکهين گي'** نهايت اهم آهن، جن تي ٻار اڪثر ٽيبلو پيش ڪرڻ دوران ناٽڪ جو روپ بہ ڏيئي وٺندا آهن.

موجوده دور ۾ جيتوڻيڪ ٻارن جون تنظيمون، اخباري صفحا ۽ رسالا گهڻي ڀاڱي بند ٿي ويا آهن، پر اسڪولن جي ساليانن تقريبن ۽ ٻين علمي ادبي پروگرامن ۾ ٻارن کان ٽيبلو ڪرايا ويندا آهن. هن وقت **قليج سنگت** سنڌ پاران زيب **نظاماڻي** ۽ ان جي ٻارن جي ٽيم پاران سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مختلف شهرن ۾ ٿيٽرن ۾ ٽيبلوءِ خاڪا پيش ڪيا پيا ويندا رهيا آهن.

ٻئي پاسي، ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويندڙ اديبن ۽ ناٽڪ پيش ڪندڙن پنهنجو ڪم نہ صرف جاري رکيو پر ان ۾ وڏي ترقي ۽ واڌارو ٿيو. انهن هندستان ۾ نہ صرف تمام گهڻا ناٽڪ لکيا، پر اهي ڪتابي صورت ۾ ڇپايا ۽ اسٽيج بہ ڪيا. هن سلسلي ۾ هوندراج بلواڻيءَ جي 'گلستان پبليڪيشن، احمد آباد' ٻارن جا ناٽڪ ڇپائڻ تي زور ڏنو تہ جيٺي لالواڻيءَ جي 'سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل' ٻارن جي ناٽڪن کي اسٽيج ڪرڻ جو ڪم ڪيو. ان کان سواءِ 'سنڌ اڪيڊمي هاءِ اسڪول، احمد آباد'، 'سنڌ ٻال سرڪل، احمد آباد'، 'چلڊرينس ٿيئيٽر' احمد آباد ۽ ٻين سنڌي اسڪولن جي شاگردن هندستاني ريڊيي 'آڪاش واڻيءَ' جي احمد آباد، بڙودا، دهلي، بمبئي، ڄئپور، ڀوپال، ڀڄ ۽ ٻين اسٽيشنن تان ٻارن جا ريڊيائي ناٽڪ پيش ڪيا.

هن ڏس ۾ ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ جيڪو پهريون ٻارن جو ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو اهو آهي 'ڇهڇٽا' جيڪو منوهر داس ڪوڙي مل پاران 1964ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ صحت تي ننڍا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيا ويا آهن. بعد ۾ جيڪي ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا، تن ۾ هوند راج بلواڻيءَ جا 'ڏهين نوٽ'، (1968) 'رنگ رنگيلي' (1980) ۽ 'انمول موتي' (1982)، جيٺي لالواڻي جا 'ترنگي روشني' 1986)، 'شريمان ڦيرو ڦرڪي' (1996)، 'مسٽر گپوڙيداس' (1998) ۽ 'مُڇر مامو' (2006)، ڪيرت مهر چنداڻيءَ جا 'گلن جهڙا ٻارڙا' (1969) ۽ 'سدا مهڪن گلڙا' (1970)، ڀڳونتي ڪريجا جو 'جمني ڪئي شادي' (1980)، چندرسين ناواڻيءَ جو 'پوسٽ جو ڀوت' (1982) رام ڀڳچنداڻيءَ جو 'پلي آيو آرتوار' پوپٽي هيرانندڻيءَ جو 'راڻي پدمڻي' (1982) ۽ ٻيا شامل آهن.

اهڙيءَ ريت هندستان ۾ جاري ٿيندڙ ٻارن جي رسالن 'گلستان'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(حيدرآباد)، **جهرمر** (احمدآباد) '**ڦلواڙي**'، '**اديي چمن**' ۾ ٻين ٻارن جا 30 کن ناٽڪ ڇپيل آهن، جن مان ڏهاڪو کن تہ رڳو هوند راج ٻلواڻيءَ جا لکيل آهن. ساڳئيءَ طرح '**آڪاشوائيءَ**' جي احمدآباد، بڙودا، دهلي، ممبئيءَ ۽ ٻين اسٽيشنن تي 25 جي لڳ ڀڳ ٻارن جا ڊراما/ ناٽڪ هلي چُڪا آهن، جن جي ليکڪن ۾ هوند راج ٻلواڻي، **ڪيرت مهر چنداڻي**، **هريش ڪڪواڻي** ۽ **جيٺو لالواڻي** شامل آهن. هي سلسلو اڃا تائين هلندڙ آهي.

# ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ شايع ٿيل ٻارن جا اخباري صفحا

هندستان ۾ روزاني جي ڀيٽ ۾ گھڻي ڀاڱي هفتيوار سنڌي اخبارون شايع ٿينديون رهيون آهن. جڏهن ته ڪن روزاني اخبارن ۾ پڻ آچر واري ڏينهن ٻارن جا صفحا شايع ٿيندا رهيا آهن. هفتيوار اخبارن ۾ ته هر هفتي ٻارن جو خاص ڪارنر شايع ڪيو پئي ويندو رهيو آهي، جنهن کي هندستاني سنڌي لهجي موجب 'ڪالم' چيو ويندو آهي. هن باب ۾ هندستان ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ 'خاص صفحن' ۽ 'ڪالمن' جو تفصيل پيش ڪجي ٿو.

**ٻال جڳت (روزاني هندو، احمد آباد):**

روزاني 'هندو'، احمد آباد، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو '**ٻال جڳت**' جي نالي 1983ع ۾ شروع ڪيو ويو. ان کان اڳ جڏهن روزاني 'هندو' اجمير مان نڪرندي هئي، تڏهن ان ۾ ٻارن جي صفحي جو نالو '**ٻارن جي دنيا**' هو. صفحي جو انچارج دادا هوندراج **بلواڻي** رهيو آهي. بعد ۾ هن صفحي جو نالو بدلائي '**ٻاراڻي دنيا**' رکيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ٻال جڳت (روزاني فرض، ڀوپال):**

روزاني 'فرض'، ڀوپال، هندستان ڀاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال جڳت' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن اخبار جو ايڊيٽر راجيش گائيڊ آهي.

**آئيندي جا ابا (نيو سنسار سماچار، ممبئي):**

هفتيوار 'نيو سنسار سماچار'، ممبئيءَ، هندستان ڀاران ٻارن جو ادبي صفحو 'آئيندي جا ابا' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن اخبار جو ايڊيٽر راجا داس آهي.

**ٻال جڳت (روزاني نگرواسي، الهاس نگر):**

روزاني 'نگرواسي'، الهاس نگر، هندستان ڀاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال جڳت' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن اخبار جا ايڊيٽر کيمچند هرچنداڻي ۽ راجيش هرچنداڻي رهيا آهن. بعد ۾ هن صفحي جو نالو 'ٻاراڻي محفل' پڻ رکيو ويو.

**ٻارن جي ڦلواڙي (هفتيوار هندواسي، ممبئي):**

هفتيوار 'هندواسي'، اخبار ممبئي، هندستان ڀاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻارن جي ڦلواڙي' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن اخبار جو ايڊيٽر تيرٿ سڀاڻي آهي. بعد ۾ ٻارن جي هن صفحي جو نالو بدلائي 'ٻالڪن جي ٻاري' پڻ رکيو ويو.

**ٻال سڀا (هفتيوار سنڌو ڏارا، ممبئي):**

هفتيوار 'سنڌو ڌارا'، ممبئي، هندستان ڀاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال سڀا' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر ڪيرت ٻاٻاڻي رهيو آهي. بعد ۾ هن صفحي جو نالو بدلائي 'ٻاراڻيون ٻوليون' رکيو ويو. هي صفحو ٻارن ۾ چڱو مقبول ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

### ٻال واڙي (هفتيوار چيٽي چنڊ، نڙياد):

هفتيوار 'چيٽي چنڊ'، نڙياد، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال واڙي' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جا انچارج هيملتا ٻجاج ۽ ايڊيٽر پريم لکياڻي رهيا آهن.

### آئيندي جا ابا (هفتيوار مهراڻ، الهاس نگر):

هفتيوار 'مهراڻ'، الهاس نگر، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'آئيندي جا ابا' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر هري تنواڻي نماڻو آهي.

### ڦهڪندڙ ٻارڙا (هفتيوار زندگي، احمد آباد):

هفتيوار 'زندگي'، احمد آباد، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ڦهڪندڙ ٻارڙا' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جو انچارج دادا هوندراج بلواڻي رهيو آهي، جڏهن تہ هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر شيام رام رکياڻي آهي.

### هي دنيا ٻارن جي (هفتيوار سنت ڪنور رام، اجمير):

هفتيوار 'سنت ڪنوار رام'، اجمير، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'هي دنيا ٻارن جي' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر ڪشن ورياڻي آهي.

### ڦلواڙي (ماهوار سوجهرو، الهاس نگر):

ماهوار 'سوجهرو'، رسالي الهاس نگر، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ڦلواڙي' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن ماهوار رسالي جو ايڊيٽر گوردن تنواڻي رهيو آهي.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ٻال سنسار (ماهوار مارئي، احمد آباد):**

ماهوار ’مارئي‘، رسالي احمد آباد، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو ’ٻال سنسار‘ جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جو انچارج دادا هوندراج بلواڻي رهيو آهي، جڏهن تہ هن رسالي جو ايڊيٽر رجني پنجابي هو.

**ٻاراڻي ٻاري (ماهوار ميار، اجمير):**

ماهوار رسالي ’ميار‘، اجمير، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو ’ٻاراڻي ٻاريءَ‘ جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جو انچارج دادا هوندراج بلواڻي رهيو آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر آر. ڪي بجلاڻي رهيو آهي.

**ٻال سنسار (هفتيوار سورج، احمد آباد):**

هفتيوار اخبار ’سورج‘، احمد آباد، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو ’ٻال سنسار‘ جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جو انچارج دادا هوندراج بلواڻي رهيو آهي. هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر گيان چند جوڏواڻي هو.

**ٻال سڀا (هفتيوار سنگيتا، بڙودا):**

هفتيوار ’سنگيتا‘، بڙودا، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو ’ٻال سڀا‘ جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جو انچارج دادا هوندراج بلواڻي رهيو آهي. هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر آنند ٿهلراماڻي رهيو آهي.

**ٻال سنسار (هفتيوار فلمي تصوير، ممبئي):**

هفتيوار اخبار ’فلمي تصوير‘، ممبئي، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو ’ٻال سنسار‘ جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن اخبار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ايڊيٽر ايس ايس راجپوت هو.

**ٻال جڳت (ماهوار سهٽي، جئپور):**

ماهوار رسالي 'سهٽي'، جئپور، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال جڳت' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن رسالي جا ايڊيٽر سندر اگناڻي، لڇمڻ ڀمڀاڻي ۽ واشديو سنڌو ڀارتي هئا.

**ناني ۽ جون آکاڻيون (ماهوار نئين زندگي، جبلپور):**

ماهوار رسالي 'نئين زندگي'، جبلپور، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ناني ۽ جون آکاڻيون' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن رسالي جي ايڊيٽر راڌا ڪرشن گرناڻي رهي آهي.

**ٻال تصويري پرولي (ٽماهي نذرانو، بئنگلور):**

ٽماهي رسالي 'نذرانو'، بئنگلور، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال تصويري پرولي' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. صفحي جو انچارج واشديو سنڌو ڀارتي رهيو آهي، جڏهن ته رسالي جو ايڊيٽر بي ايڇ آڏواڻي هو.

**ٻاراڻيون ٻوليون (ماهوار ڪونج، ممبئي):**

ماهوار رسالي 'ڪونج'، ممبئي، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻاراڻيون ٻوليون' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. دادا هري موتواڻي ۽ جي ايڊيٽر شپ ۾ نڪرندڙ هن رسالي جي ٻاراڻي صفحي جو انچارج واسديو نرمل رهيو آهي.

**ٻال جڳت (روزاني هندو، احمد آباد):**

ماهوار رسالي 'هير'، پوني، هندستان پاران ٻارن جو ادبي صفحو 'ٻال جڳت' جي نالي سان شايع ٿيندو رهيو آهي. هن رسالي جو ايڊيٽر رميش ڀاٽيا هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻارن لاءِ تفريحي
# ريڊيو ۽ ٽي وي پروگرام

سنڌيءَ جي ٽي. وي چئنلن ۽ ريڊيو پاڪستان تان نشر ۽ ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ پروگرامن، سنڌ جي ٻارن ۾ وڏو علمي ۽ ادبي چاهہ پيدا ڪيو آهي. ان ڪان سواءِ هنن فورمن تي اچي، سنڌ جي ٻارڙن پنهنجن صلاحيتن کي اُجاگر ڪري، پاڻ مڃرايو آهي. هونئن تہ ريڊيو پاڪستان ٻاران سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قائم ڪيل اسٽيشنن تي ٻارن جا پروگرام نشر ڪيا ويندا آهن. پر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سالن کان وٺي نشر ٿيندڙ ٻارن جي مقبول پروگرام **'ٻارن جي ٻاريءَ'** جو سنڌ جي ٻارن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. اهڙيءَ ريت سنڌي چئنلن تي پڻ ٻارن جا ڪيترائي پروگرام ٽيليڪاسٽ ٿيندا رهيا آهن. پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن جي ڪراچي مرڪز تان ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ ٻارن جي پروگرام **'روشن تارا'** سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارن کي موقعو ڏنو تہ اُهي هن پروگرام ذريعي پنهنجون صلاحيتون اجاگر ڪن ۽ انهن مان ڪيترائي، جيڪي ڪلهہ جا ٻار هئا، سي اڄ جي سنڌ جا اديب، عالم دانشور صحافي ۽ سڃاڻ ماڻهو ليکيا وڃن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن باب ۾ مٿي ذڪر ڪيل پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻنهي پروگرامن کان سواءِ ريڊيو پاڪستان خيرپور، ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچي پاران نشر ٿيندڙ ٻارن جي پروگرام سان گڏ مختلف ايف ايم چئنلن تي ٻارن جي پروگرامن بابت تفصيل پيش ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ڪراچي مرڪز جي ٻارن جي مقبول پروگرام 'روشن تارا' سان گڏوگڏ خانگي سنڌي ٽي وي چئنلن جهڙوڪ: ڪي. ٽي. اين، مهراڻ ٽي. وي ۽ ٻين پاران ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ ٻارن جي پروگرامن جو تفصيل پڻ شامل ڪيو ويو آهي. گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي ڪن مشهور ويب سائيٽن پڻ ٻارن جا خاص ايڊيشن پيئي رکيا آهن، جن جو تفصيل پڻ هن باب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

**ٻارن جي ٻاري:(ريڊيو پاڪستان حيدرآباد)**

**'ٻارن جي ٻاري'**، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ٻارڙن جو مشهور پروگرام آهي، جيڪو گذريل 55 سالن کان وٺي، سنڌ جي ٻارڙن جي علمي ادبي آبياري ڪندو پيو اچي. هن پروگرام جي پليٽ فارم تان سنڌ جي هزارين ٻارن علمي ۽ ادبي اتساهہ ورتو ۽ اڄ اهي مختلف شعبن ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 17 آگسٽ 1955ع تي، هوم اسٽينڊ هال مان پنهنجي نشريات جو آغاز ڪيو هو. بعد ۾ ماڻهن جي هن ميڊيا سان والهانہ دلچسپيءَ جي پيش نظر، سماج جي هر طبقي جي ٻڌندڙن لاءِ خصوصي پروگرام شروع ڪيا ويا. اهڙن پروگرامن ۾ هڪڙو هفيتوار پروگرام سنڌ جي معصوم ۽ پيارن ٻارن لاءِ پڻ مخصوص ڪيو ويو جنهن جو نالو 'ٻارڙن جي ٻاري' تجويز ٿيو. هي پروگرام ان ئي نالي سان اڄ بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ريڊيو حيدرآباد جي اسٽوڊيو مان هر آچر تي، صبح جو ڏهين وڳي سڌو سنئون نشر ٿيندو آهي، جنهن ۾ دلچسپي رکندڙ ٻار اڄ بہ اچي اُن ۾ شريڪ ٿيندا رهندا آهن.

1957ع ڌاري ريڊيو حيدرآباد تان شروع ٿيندڙ ان پروگرام جو پهريون ميزبان **مصطفيٰ قريشي** هو ۽ ان کان پوءِ هن پروگرام جي مقبول ميزبانن ۾ **سرور بلوچ، زاهد قلباڻي، عبدالغفور کوسو روشن سندر چانڊيو ۽ علي احمد جمالي** شامل رهيا. هن پروگرام ۾ ٻارڙن جا جيڪي مشهور گيت رڪارڊ ٿيا، تن جي فنڪارن ۾ ماسٽر **محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، روبينہ ۽ رجب علي** وغيره شامل آهن. رجب علي تہ ڳائڻ جو آغاز ئي ٻارڙن جي گيتن ڳائڻ سان ڪيو هو ۽ سڀ کان اول سندس آواز ۾ جيڪو مزيدار ٻاراڻو گيت رڪارڊ ٿيو هو اُن جا ٻول هئا: **"منهنجي پياري بلبل"**.

ناميارو اديب ۽ شاعر نصير مرزا، پنهنجي ڪتاب **'دِلي تي چٽڪي'** جي مهاڳ ۾ هن پروگرام جون يادگيريون ہڏائيندي لکي ٿو تہ:

> "مون کي ياد آهي، ڪالهہ جي ٻين ڪيترن ئي ٻارن وانگر، ٻارن جي اُن دلچسپ ۽ تفريحي پروگرام ۾ چاليهہ کن سال اڳ آءٌ پاڻ بہ وڃي شريڪ ٿيندو هوس. ان وقت ادا مصطفيٰ قريشي ۽ پوءِ "ادا" سرور بلوچ مون کي ياد آهي تہ پروگرام شروع ٿيڻ کان پهرين، آيل ٻارن جي نالن جي مڪمل فهرست تيار ڪندا هئا ۽ پوءِ هڪ هڪ ٻار کي، جيڪو گيت يا نظم هو ياد ڪري ايندا هئا، اُن جي ريهرسل ڪرائيندا ۽ ان جي زير زبر دُرست ڪرائي، پوءِ ان کي مائيڪ تي پڙهرائيندا هئا. بعد ۾ مقرر وقت تي Live اسٽوڊيو ۾ مائيڪ جي چوڌاري ٻارن کي اچي ويهاريندا هئا ۽ On air جي ڳاڙهي بتي ٻرڻ سان ئي وڏي آواز ۾ چوندا هئا: 'السلام عليڪم پيارا ٻارو'. ۽ اسين سڀ ٻار اوترو ئي گونجدار آواز ۾ وراڻيندا هئاسين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’وعليڪم السلام؟! پوءِ پروگرام جي ابتدا ۾ ڪي سٺيون سٺيون ۽ نصيحت ڀريون ڳالهيون ڪرڻ بعد ڏسندو هوس ته ڪڏهن هو اسان کي ٻوليون ٻڌائيندڙ پلپليءَ کان ٻوليون ٻڌرائي پيا ونڊرائيندا هئا ته ڪڏهن اسٽوڊيو جي ڪنڊ ۾ رکيل ڪينواس تي ڪنهن هفتي وري ڏسندو هوس ته ظفر ڪاظمي صاحب پيو ٻارن کي تصويرن ۽ ڪارٽون ٺاهڻ سيکاري ڪڏهن ڪڏهن ته ڏسندو هوس: ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن يا روبينه اسٽوڊيو ۾ Live اچي ٻارن لاءِ گيت، نظم، سازن جي سنگت سان ڳائي پيا ٻڌائيندا هئا.“

1960ع واري ابتدائي ڏهاڪي ۾ هن پروگرام ۾ جيڪي گيت رڪارڊ ٿيا، تن ۾ **’انتر منتر جادو جنتر، پيچو پروليون ٻارو‘، ’هوڪن جي بازار ٻارو هوڪن جي بازار‘، ’ڏسو نرالو ڪيل ٻارو ڏسو نرالو ڪيل‘، ’آيو ڦوڪڻي وارو‘ ۽ ’سي سي، سي سي آيو سيارو‘** وغيره. اهڙا گيت بعد ۾ نصير مرزا سهيڙي هڪ ڪتاب **’ٻلي ٽي چٽڪي‘** ترتيب ڏنو جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي هن مقبول پروگرام ۾ ٻارن جي بيحد دلچسپي ڏسي انتظاميه فيصلو ڪيو ته ٻارن جو هڪ خاص هفتو ملهائجي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ پروگرام پيش ڪيا وڃن. ان فيصلي کي عملي جامو پارائيندي 22 کان 28 نومبر 1964ع تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران ٻارن جو هفتو ملهايو ويو جنهن ۾ جملي 6 پروگرام 3 اردو ۽ 3 سنڌي پيش ڪيا ويا. پهرئين سنڌي پروگرام ۾ ٻارن جي تقريرن جي چٽا ڀيٽي رکي وئي، جنهن جو عنوان **’ٻارن لاءِ رانديون ضروري نه آهن‘** هو. 23 نومبر تي شام جو شهر جي مختلف اسڪولن جا ٻار پنهنجي استادن سان گڏ ريڊيو آيا. ان ڏينهن پروگرام جو خاص مهمان حيدرآباد ڊويزن جي اسڪولن جو انسپيڪٽر رحيم بخش ميمڻ هو جڏهن ته ٻارن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تقريرن جي لاءِ مقرر ڪيل ججن ۾ ع ق شيخ، الهه بخش نظاماڻي ۽ ميڊم آمنه خميساڻي هئا. ان وقت ريڊيو حيدرآباد جي هن پروگرام جو ميزبان ۽ انچارج مصطفيٰ قريشي هو. تقريري مقابلي کان پوءِ ٻارن کي انعام ڏنا ويا ۽ مهمانن تقريرون ڪيون. ٻارن جي هفتي جو ٻيو 'سنڌي پروگرام' 25 نومبر 1964ع تي پيش ڪيو ويو. ان پروگرام ۾ معلوماتي سوال جواب رکيل هئا. ان ڏينهن پروگرام لاءِ خاص مهمان طور آپا شمس عباسيءَ کي گهرايو ويو جڏهن تہ ٻارن کان سوال پڇڻ جو ڪم ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل کي سونپيو ويو. ان کان سواءِ بہ جج مقرر ڪيا ويا، جن ۾ عبدالغفور انصاري ۽ امينا هاليپوٽو شامل هئا. پروگرام جي آخر ۾ ٻارن کي انعام ڏنا ويا ۽ آپا شمس عباسي مختصر تقرير ڪئي. ٽيون 'سنڌي پروگرام' 27 نومبر 1964ع تي ٿيو. ان پروگرام ۾ مزاحيہ خاڪا ۽ چٽا ڀيٽي رکيل هئي. ان ڏينهن پروگرام جو خاص مهمان سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڏڏهوڪو رجسٽرار محمد حسين ترڪ هو. انعام ڏيڻ لاءِ جيڪي بہ جج مقرر ڪيا ويا، تن ۾ مخدوم امير احمد ۽ ڊاڪٽر محمد سليم شامل هئا. ان ڏينهن ٻارن پنهنجا خاڪا ۽ فيچر پيش ڪيا، جن کي ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن ڏاڍو ساراهيو. ٻارن جي هفتي جي آخري ڏينهن 28 نومبر تي 'ٻارن جا راڳ' نالي هڪ پروگرام پيش ڪيو ويو. ان ڏينهن بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو ڏڏهوڪو سيڪريٽري مرزا عابد عباس خاص مهمان هو جڏهن تہ راڳ جي مقابلي ۾ انعام ڏيڻ لاءِ جيڪي بہ جج مقرر ڪيا ويا هئا، تن ۾ نورالحسن بلگرامي ۽ بيگم رشيده اختر شامل هئا. هن پروگرام ۾ ٻارن گيت، لوڪ ناچ ۽ ٽيبلا پيش ڪيا، جنهن کي ڏاڍو ساراهيو ويو. اهڙي ريت مصطفيٰ قريشي جي ڪوشش سان ٻارن جي هو زبردست ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. احمد خان شيخ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻارن لاءِ پروگرام 'ٻارڙن جي ٻاري' ۾ مصطفيٰ قريشيءَ واري دور ۾ ڪهاڻيون بہ پڙهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙيءَ طرح ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻارن لاءِ مخصوص پروگرام ۾ مختلف وقتن تي ٻارن جو علمي ۽ ادبي سرگرميون ٿينديون رهنديون آهن. هن وقت بہ هي پروگرام سنڌ جي ٻارڙن لاءِ اتساهہ جو سبب بڻيل آهي.

**مُڪڙيون (ريڊيو پاڪستان، لاڙڪاڻو):**

ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي پنهنجي نشريات جو آغاز 24 سيپٽمبر 1995ع تي ڪيو. نشريات جو آغاز ٿيندي ئي **'اسپيشل آڊينس پروگرامس'** جي سري هيٺ ٻارن، عورتن، آبادگارن، خصوصي ماڻهن ۽ ٻين عنوان سان پررگران جي شروعات ڪئي وئي. اهڙي ريت ٻارن لاءِ پروگرام جو نالو **'مکڙيون'** رکيو ويو. ٻارن جو هي پروگرام **'مکڙيون'** هر آچر تي نشر ٿيندو رهيو آهي، جڏهن تہ پروگرام جو دورانيو اڪثر ڪري 25 منٽ يا اڌ ڪلاڪ هوندو آهي. هن پروگرام ۾ مختلف سلسلا هوندا آهن، جن ۾ ڪڏهن ڪنهن ٻار کي تيار ڪبو آهي تہ اُهو ٻين ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائي. ان کان سواءِ مختلف ملڪن جا تعارف، گڏيل قومن طرفان اعلانيل مختلف ڏينهن جي حوالي سان جنرل ناليج (General Knowledge) جا پروگرام، گيت ۽ رانديون وغيره پڻ هن پروگرام جا حصا آهن. پروگرام جو پهريون پروڊيوسر **ڪوثر پرڙو** هو جڏهن تہ **نصير سومرو آغا محمد علي، شوڪت خاصخيلي، محمد علي ٻانيڻ** ۽ ٻيا هن پروگرام جا پروڊيوسر رهيا آهن. هي پروگرام اڄا تائين نشر ٿيندو رهي ٿو.

**روشن تارا (پي ٽي وي، ڪراچي):**

سنڌي ٻارڙن جو هي مقبول پروگرام **'روشن تارا'** پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، ڪراچي مرڪز تان پهريون ڀيرو 20 جنوري 1972ع تي شروع ڪيو ويو. هن پروگرام جو پهريون پروڊيوسر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عبدالڪريم بلوچ هو جڏهن تہ ان کان سواءِ **تاجدار عادل**، **اقبال سعيد انصاري**، **امين ميمڻ**، **بادل جمالي**، **مزمل شجراع**، **مقبول شجراع**، **محمد حسين خانزادو** ۽ **غلام مصطفيٰ سولنگي** پڻ هن پروگرام جا پروڊيوسر رهيا. هن پروگرام جو نالو ڪجهہ وقت لاءِ **'گل ڦل'** پڻ رکيو ويو پر بعد ۾ نالو بدلائي ساڳيو **'روشن تارا'** رکيو ويو.

ملڪ ۾ آمر ضياءَ جي مارشل لا دوران هن پروگرام کي بند ڪيو ويو جنهن کي شروع ڪرائڻ لاءِ سنڌ ۾ ٻارڙن جي تنظيمن، خاص طور تي **سنڌ ٻالڪ سنگت**، **لطيف سنگت**، **گلن جهڙا ٻارڙا سنگت** ۽ **ٻارن جي دنيا سنگت** پاران اخبارن ۾ ڪيترائي ليک ڇپايا ويا ۽ مطالبا ٿيندا رهيا تہ ٻارڙن جي هن واحد پروگرام کي جاري ڪيو وڃي. آخر ڪار 1982ع ۾ **سنڌ ٻالڪ سنگت** ۽ ٻين تنظيمن جي طويل جدوجهد جي نتيجي ۾ پي ٽي وي سينٽر ڪراچيءَ تان ٻارن جو پروگرام **'روشن تارا'** ٻيهر شروع ڪيو ويو.

هن پروگرام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ناميارين شاعر **شمشير الحيدري** ٻارن لاءِ ڪيترائي گيت لکيا، جيڪي پروگرام ۾ نشر ٿيا ۽ بعد ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي انهن کي ڪتابي صورت ۾ روشن شايع ڪيو.

ٻارڙن جي هن مقبول پروگرام جي ميزبان **رخسانہ عاقلاڻي** تمام گهڻي مشهور ٿي. سال 1995ع ۾ **'سنڌي ٻارڙا'** رسالي جي ايڊيٽر **اسرار شام**، حيدرآباد لڳ ڳوٺ پيٺدي شريف جي ٻارڙن کي هن پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو ڏياريو، جنهن جي ميزبان پڻ رخسانہ عاقلاڻي هئي. هن پروگرام ۾ ٻارن پنهنجي صلاحيتن آڌار مختلف اسر پيش ڪيا.

سنڌي ٻارڙن جو هي مشهور پروگرام اڄا تائين ٽيليڪاسٽ ٿي رهيو آهي.

## ڪڊز ڪارنر/ڪڊز پلانيٽ:

سنڌي ٻوليءَ جي پهرئين خانگي ٽي. وي چئنل ڪي. ٽي. اين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻارن مختلف وقتن تي ٻارن جا پروگرام مختلف نالن سان ٽيليڪاسٽ ڪيا پئي ويندا رهيا آهن. هنن پروگرامن ۾ **'ڪڊز ڪارنر'** ۽ **'ڪڊز پلانيٽ'** سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول ٿيا. ٻارن جو پروگرام **'ڪڊز پلانيٽ'** جمعي، ڇنڇر ۽ آچر جي ڏينهن تي ٽيليڪاسٽ ڪيو ويندو هو. تنهن ۾ **'ڏاڏي جي ڪهاڻي'**، **'الف ليليٰ'**، **'ڪارٽون'** ۽ ٻيا ڪيترائي سلسلا هلايا ويندا هئا. پروگرام جي هوسٽ **پريا حسن** آهي، جڏهن ته ناميارو اداڪار **حسين قادري** ٻارن کي ڏاڏي جي آکاڻي ٻڌائيندو آهي. هي پروگرام سنڌ جي ٻارن جو مقبول پروگرام آهي.

### سُر جا ساٿي:

سنڌي ٻوليءَ جي ٽي. وي چينل **'مهراڻ ٽي. وي'** پاران پڻ مختلف وقتن تي ٻارن جا پروگرام ٽيليڪاسٽ ڪيا پئي ويا آهن. جن مان پروگرام **'سُر جا ساٿي'** جيڪو 2014ع کان شروع ڪيو ويو- سڀني کان وڌيڪ مشهور ٿيو آهي. هي پروگرام هر اڱاري تي شام جو 6:00 وڳي ٽيليڪاسٽ ڪيو ويندو آهي. پروگرام جو ميزبان نوجوان راڳي **ماسٽر ولي** آهي، جڏهن ته پروگرام جو پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر **مرتضيٰ مجبور** آهي. پروگرام جي خاص ڳالهه اها آهي ته هن پروگرام ۾ ٻارن کي درسي ڪتابن جا نظم ۽ گيت موسيقيءَ ۾ ڳارايا ويندا آهن. هن پروگرام ۾ مختلف اسڪولن جي ٻارڙن کي شامل ڪيو ويندو آهي، جن کي ڪورس ۾ شامل نظم ۽ گيت سُر سان ڳارايا ويندا آهن. سنڌ جا ٻار هن پروگرام ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيا آهن

### ڪڊس مينيا:

ڪڊس مينيا جي نالي سان ٻارن جو هي تفريحي پروگرام **'مهراڻ ٽي. وي'** پاران مئي 2015ع کان شروع ڪيو ويو. هن پروگرام جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميزبان ۽ ڊائريڪٽر حسين **خاصخيلي** آهي، جڏهن ته هي پروگرام آچر واري ڏينهن شام جو 5:00 وڳي **تيليڪاسٽ** ڪيو ويندو آهي. پروگرام ۾ باصلاحيت ٻارن جا انٽرويو موسيقي، خاڪا ۽ ٻيون ڪيترين ئي ڪم واريون ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن. مهراڻ تي. وي ۽ جو هي پروگرام ٻارن ۾ چڱو مشهور ٿيو آهي.

**سنڌ سلامت ٻارڙن جي دنيا:**

سنڌي ٻولي جي مشهور ويب سائيٽ **'سنڌ سلامت'** ٻاران مختلف سلسلن سان گڏ ٻارن جو هڪ سلسلو **'سنڌ سلامت ٻارڙن جي دنيا'** پڻ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ آکاڻيون، شعر، عام معلومات، سوال جواب، لوڪ ڪهاڻيون ۽ ٻيو ڪيترو ئي دلچسپ مواد شامل ڪيو ويندو آهي. ٻارڙا هن ويب سائيٽ جي ٻارن جي هن صفحي کي پسند ڪرڻ لڳا آهن. سنڌ سلامت ٻارڙن جي دنيا جي دنيا جي خاص ليکڪن ۾ **جبار آزاد منگي، منصور علي جروار خدا بخش جويو عبدالغني لوهار مس شيرين** ۽ ٻيا شامل آهن.

**ٻارن جي دنيا (انڊس نيوز جو ٻارن جو صفحو):**

سنڌي ٻوليءَ جي ويب اخبار انڊس نيوز 2014ع ۾ انٽرنيٽ تي متعارف ٿيڻ کان پوءِ ٻارن جو صفحو **'ٻارن جي دنيا'** جي نالي سان پڻ شروع ڪيو جنهن ۾ رنگين تصويرن سان گڏ ٻارن جي دلچسپيءَ جو ڪيترو ئي مواد شامل ڪيو ويندو آهي. هن نيوز ويب سائيٽ جي هن پروگرام ۾ لطيفا، ڪهاڻيون ۽ شاعريءَ سان گڏ **'ناني امان'** جي نالي سان هڪ قسطوار ڪهاڻي پڻ هلائي ويندي آهي. هي ويب سائيٽ ۽ ان جو ٻارن جو صفحو ٻارن ۾ آهستي آهستي مقبول ٿيڻ لڳو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مددي ڪتاب ۽ رسالا:

### الف: ڪتاب


1. آريسر، علي نواز 'سنڌي ادب ۾ عورتن جو حصو'، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2016ع
2. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، سنڌي ساهت گهر، ڇاپو ٽيون، 1999ع
3. بخاري مخمور 'هالا جي ادبي تنظيمن جو تنقيدي جائزو'، سيف بخاري اڪيڊمي، هالا، 2004ع
4. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻال ساهتيہ'، ڇاپو ٻيو سنڌي ساهت گهر، 2007ع
5. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: 'سنڌي لوڪ ڪهاڻيون'، سنڌي ادبي بورڊ، 1987ع
6. پناڻ، در محمد، ڊاڪٽر: 'ڪراچي شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، پي. ايڇ. ڊي ٿيسز
7. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2004ع
8. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد ٻيو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2004ع
9. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جلد ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع
10. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
11. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد ٻيو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
12. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد ٽيون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
13. حسين، ڊاڪٽر فهميده، 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا'، جُلد چوٿون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

14. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد پنجون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
15. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ڇهون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
16. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد ستون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
17. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد اٺون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
18. حسين، ڊاڪٽر فهميده، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘، جُلد نائون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
19. سولنگي، محمد عرس اظهر، ’دادو ضلعو هڪ اڀياس‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2013ع
20. سنڌي، عبدالمجيد ميمڻ، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2006ع.
21. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1982ع.
22. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ، ڇاپو پهريون، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، 2009ع
23. لغاري، اڪبر، ’سنڌي ادب جو مختصر جائزو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2010ع
24. مرزا، نصير، ’منهنجو سائين: نثار حسيني‘ (شخصيت ۽ فن) دوستي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2014ع
25. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2015ع.
26. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو‘، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي، 2006ع.
27. ملڪاڻي، پروفيسر منگهارام، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، ڇاپو ٽيون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

28. مير، حاج مير، 'سيوهڻ جون ادبي شخصيتون'، سچائي اشاعت گهر، دڙو 2014ع
29. ميمڻ، خان 'بهادر محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ'، ڇاپو چوٿون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2000ع
30. نهالاڻي، منوهر، 'سنڌي ٻال ساهت: هڪ نظر'، ليڪ پاڻ 1992ع
31. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار 'شڪارپور جي صحافتي تاريخ'، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع
32. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار، شڪارپور جي صحافتي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع
33. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار 'شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2009ع.

**اخبارون:**

(1) روزاني 'عبرت'، حيدرآباد۔ 1958ع کان 2015ع تائين مختلف شمارا
(2) روزاني 'هلال پاڪستان'، حيدرآباد ۽ ڪراچي۔ 1974ع کان وٺي 2015ع تائين مختلف شمارا
(3) روزاني 'خادم وطن'، حيدرآباد۔ 1964ع کان وٺي 1990ع تائين مختلف شمارا
(4) روزاني 'مهراڻ'، حيدرآباد۔ 1963ع کان وٺي 2000ع تائين مختلف شمارا
(5) روزاني 'سنڌ نيوز'، 1984ع کان وٺي 1990ع تائين مختلف شمارا
(6) روزاني 'عوامي آواز' ڪراچيءَ جا مختلف شمارا
(7) روزاني 'ڪاوش'، حيدرآباد جا مختلف شمارا
(8) روزاني 'ڄاڳو' ڪراچيءَ جا مختلف شمارا

**رسالا:**

(1) ماهوار 'سائنس' رسالي جا ڪجهه پرچا
(2) ماهوار 'گل ڦل' رسالي جو مڪمل سيٽ
(3) 'سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن' رسالي جو مڪمل سيٽ
(4) ماهوار 'گلستان' رسالي جو مڪمل سيٽ



sobhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

History of Sindhi

# Children's Literature

Khalid Azad

[Vol:III]

Sindhi Language Authority, Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Sindhi Language Authority's Book Number 256

**Catalogue Reference**
Azad Khalid
History of Sindhi Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-063-0

soorihshahiadab

**HISTORY OF SINDHI CHILDREN'S LITERATURE (Vol.III)**

Research: Khalid Azad
Edition: 1st 2016
Quantity: 1000
Price: Rs.300/=
Composing: Zubair Soomro & Nazir Chandio
Title: Naeem Deswali
Layout: Asadullah Bhutto
Published by: Prof. Dr. A. Ghafoor Memon,
Chairman, Sindhi Language Authority
National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers, Hyderabad, Sindh

This Book has Published by Prof. Dr. A. Ghafoor Memon, Chairman, Sindhi Language Authority and Printed at M/S Pakeeza Printers and Publishers, Hyderabad, Sindh, Pakistan

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

History of Sindhi

# Children's Literature

Khalid Azad

[Vol: 3]



ISBN 978-9-6962506-3-0

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءُ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book